ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 Years 1958 - 2025
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 04 ڊسمبر 2025 ع 12 جمادي الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (111)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

آءِ ايم ايف ڪرپشن رپورٽ: 5300 ارب رپين جي ڪرپشن جي نشاندهي، سينيٽ ڪميٽي جي حڪومت تي سخت ڪاوڙ

سينيٽ جي ناڻي واري ڪميٽي جو اجلاس چيئرمين ڪميٽي سينيٽر سليم مانڊوي والا جي صدارت ۾ ٿيو. ميمبرن آءِ ايم. ايف جي پاڪستان ۾ وڏي ڪرپشن بابت رپورٽ تي بحث ڪيو

ميمبرن مختلف شعبن ۾ سامهون ايندڙ وڏي ڪرپشن اسڪينڊلز تي شديد ڪاوڙ جو اظهار ڪيو، ايس آءِ ايف سي جي ڪارڪردگي، معاهدن جي نقلن ۽ ملڪي معاشي صورتحال تي سخت تنقيد

ڇا ناڻي وزارت ان رپورٽ تي متفق آهي، جنهن ۾ ناڻي وزارت ٻڌايو ته ناڻي وزارت رپورٽ ۾ مس مئنيجمينٽ، خراب گورننس ۽ ڪرپشن جي الزامن کي ڇا تسليم ڪري ٿي: چيئرمين سليم مانڊوي والا

آءِ ايم ايف ملڪ ۾ 5300 ارب رپين جي ڪرپشن جي نشاندهي ڪئي آهي، جنهن ادارن جو ذڪر رپورٽ ۾ ڪيو ويو آهي، انهن جي خلاف ڇا ڪا ڪارروائي ڪئي ويندي: سينيٽر دلاور خان

رپورٽ ۾ سنجيده قسم جا الزام لڳايا ويا آهن. گهڻا الزام. ته سياستدانن تي لڳايا ويندا آهن. پر رپورٽ رڳو آفيسرن جي خراب گورننس جي ڳالهه ڪري ٿي: سينيٽر فاروق ايڇ لغاري

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سينيٽ جي ناڻي واري ڪميٽي پاڪستان ۾ ڪرپشن ۽ گورننس بابت آءِ ايم ايف جي رپورٽ تي شديد تنقيد ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪندي لاڳاپيل ادارن تي سخت سوالن جو پڇاڻو ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته ڪرپٽ ادارن جي خلاف ڪهڙي ڪارروائي ڪئي وئي آهي سينيٽ جي ناڻي واري ڪميٽي جو اجلاس چيئرمين ڪميٽي سينيٽر سليم مانڊوي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين جنگ جاري رکنداسين: وزيراعظم

وزيراعظم پاران ڊيره اسماعيل خان ۾ پوليس موبائيل تي دهشتگرد حملي جي مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڊيره اسماعيل خان ۾ پوليس موبائيل تي دهشتگرد حملي جي مذمت

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسرائيلي فوج فلسطيني علائقن مان نڪري وڃي: گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ اڪثريت سان قرارداد منظور

جنرل اسيمبلي ۾ قرارداد فلسطين جي سوال جي پرامن حل جي عنوان سان پيش ڪئي وئي، جنهن جي حق ۾ 151 ملڪن ووٽ ڏنو، 11 مخالفت ڪئي ۽ 11 ووٽنگ کان پاسو ڪيو

اسرائيل بين الاقوامي قانون جي مڪمل پاسداري ڪري، غيرقانوني قبضو ختم ڪري، نئين يهودي آبادڪاري روڪي ۽ والاريل فلسطيني علائقن مان سمورين يهودي آبادڪارن کي نيڪالي ڏني وڃي

غزه ۾ ڪنهن به قسم جي آبادڪاري يا جغرافيائي تبديلي کي رد ڪريون ٿا، اسرائيل کي فلسطين جي علائقن مان نڪرڻو پوندو ته جيئن ڏهاڪن کان هلندڙ ڇڪتاڻ جو خاتمو ممڪن بڻائي سگهجي

غزه ۽ اولهه ڪناري کي فلسطيني اٿارٽي جي تحت متحد ڪرڻ گهرجي، اسرائيل کي 1967ع کان قبضو ڪيل سمورن فلسطيني علائقن مان نڪرڻو پوندو ته جيئن بنيادي حق ۽ حق خودارادي جو استعمال ٿئي

غزه ۾ سيزفائر جو مڪمل لاڳو ڪرڻ، اسرائيلي فوج جي واپسي، انساني امداد جي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي فراهمي ۽ غزه جي فوري طور تعميرِ نو ضروري آهي، صرف سياسي رستو ئي پائيدار امن آڻي سگهي ٿو

نيويارڪ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي اجلاس ۾ ڳالهه هڪ قرارداد منظور ڪئي وئي آهي جنهن ۾ والاريل فلسطيني علائقن مان اسرائيلي فوج کان نڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. قرارداد فلسطين جي سوال جي پرامن حل جي عنوان سان پيش ڪئي وئي، جنهن جي حق ۾ 151 ملڪن ووٽ ڏنو، 11 مخالفت ڪئي ۽ 11 ووٽنگ کان پاسو ڪيو. جنرل

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پي آءِ اي کي خانگائڻ لاءِ 23 ڊسمبر تي ٻولي لڳائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائنز جي نجڪاري ۾ شفافيت ۽ ميرٽ اولين ترجيح آهي، ٻولي جو عمل سڄي ٽي وي تي نشر ڪيو ويندو: وزيراعظم

انشاءَالله جلد ئي پي آءِ اي هڪ ڀيرو ٻيهر "گريٽ پيپل ٽو فلاءِ ود" جي پنهنجي روايتن تي ڀرپور لهندي ۽ ترقي جو نئون دور شروع ڪندي

پاڪستان جي سياحتي شعبي جي ترقي جي لاءِ پڻ قومي ايئرلائين کي موجوده گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ انتهائي ضروري آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائنز جي نجڪاري ۾ شفافيت ۽ ميرٽ اولين ترجيح آهي نجڪاري جي لاءِ ٻولي جو عمل سڄي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران انڊونيشيا جي صدر کي ٻوڏ سبب مدد جي آڇ

پاڪستان ۽ انڊونيشيا موسمياتي تبديلي سبب گڏيل طور متاثر آهن: وزيراعظم

اسين ايندڙ هفتي انڊونيشيا جي صدر جي پاڪستان جي سرڪاري دوري جا منتظر آهيون

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف انڊونيشيا کي ٻوڏ ۽ ڇپون ڪرڻ سبب ٿيندڙ تباهي کانپوءِ بحالي ۽ نئين سر تعمير ۾ مدد جي آڇ ۽ هر ممڪن مدد جي خاطري ڪرائيندي چيو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪي پي ڪي جي وزيراعليٰ پاران ڊي آءِ خان ۾ پوليس موبائيل تي ٿيل حملي جي مذمت

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير محمد سهيل آفريدي گڏيل

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف پي آءِ اي جي خريداري لاءِ واڪ ڏيندڙ فرمن جي نمائندن سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

دهشتگردي ڪورٽ عدالت پاران عمر ايوب ۽ زرتاج گل اشتهاري قرار

عدالت جوابدارن جون ملڪيتون ضبط ڪرڻ جو به حڪم ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) اسلام آباد جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت، پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي اڳواڻن عمر ايوب ۽

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڊي - 8 جا ميمبر ملڪ علائقائي اقتصادي تعاون کي مضبوط ڪن: جام ڪمال

تنظيم ۾ آذربائيجان جي شموليت سان تنظيم جي اجتماعي اقتصادي طاقت ۾ اضافو ٿيندو

پاڪستان ڊي ايٽ جي حصيدارن سان ٽيڪنيڪ، ڊجيٽل ادائيگين تي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي

قاهره (اي پي پي) واپار واري وفاقي وزير جام

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

شهيدن جي عظيم قربانين کي هميشه ياد رکيو ويندو: وفاقي گهرو وزير

محسن نقوي پاران ڊيره اسماعيل خان ۾ پوليس گاڏي تي فتنه الخوارج جي حملي جي مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم پاران گڏيل خوشحالي لاءِ علائقائي رابطا اهم ۽ تڪرار عالمي امن لاءِ خطرو قرار

پاڪستان عالمي امن ۽ سلامتي جي فروغ جي لاءِ ڪوشش ۾ مصروف آهي، اسان امن جا پيروڪار آهيون: اسحاق ڊار

شديد موسمي واقعن ۽ تيزي سان گليشيئرز جي پگهرڻ سڄي دنيا ۾ پاڻي وسيلن، زراعت ۽ روزگار کي متاثر ڪيو آهي

انتهاپسندانه نظرين، سياسي پاپولزم، جمهوري پسپائي ۽ اسلامو فوبيا جو عروج پوري دنيا تي منفي اثر وجهي رهيو آهي: تقريب کي خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار گڏيل خوشحالي جي لاءِ علائقائي رابطن کي اهم قرار ڏيندي چيو آهي ته دنيا ۾ وڌندڙ تڪرار عالمي عمل جي لاءِ خطرو آهن پاڪستان

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: يو اين وومين جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ڪرسٽينا ارب قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ سان ملاقات ڪري رهي آهي

صدر آصف زرداري پاران ڊي آءِ خان ۾ پوليس وين تي حملي ۾ جوانن جي شهادت تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ڊي آءِ خان ۾ پوليس وين تي حملي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ڪرغزستان جي صدر جو آڌرڀاءُ ڪندي

ڪرغزستان جو صدر اسلام آباد پهچي ويو، صدر ۽ وزيراعظم استقبال ڪيو

صدر آصف زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف نور خان ايئربيس تي سندس آجيان ڪئي

ڪرغزستان جي صدر سان گڏ وفد ۾ اعليٰ سرڪاري عهديدار ۽ ڪاروباري شخصيتون پڻ شامل

اسلام آباد (اي پي پي) ڪرغزستان جو صدر صادر ڄپاروف ٻن ڏينهن جي دوري تي اسلام آباد پهچي ويو، صدر آصف علي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير انجنيئر امير مقام سان آزاد ڪشمير جي مسلم ڪانفرنس جي مرڪزي چيف آرگنائيزر جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) ڪشمير گلگت

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اعظم نذير تارڙ سان يو اين ويمن جي ريجنل ڊائريڪٽر جي ملاقات

پاڪستان ۾ عورتن جي بااختياري ۽ صنفي برابري لاءِ گڏيل قدمن تي ڳالهيون

ڪرسٽينا عرب حڪومت جي عورتن جي حقن کي اهميت ڏيڻ ۾ قيادت جي واکاڻ ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) انساني حقن واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ سان يو اين ويمن جي ريجنل ڊائريڪٽر ڪرسٽينا

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪي پي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي سان پ پ پ جي سينيٽر وقار مهدي جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي سان

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

حڪومت پاران منظور ڪيل قومي ٽيرف پاليسي انقلابي قدم قرار

وزيراعظم کي ڪسٽمز ۽ ٽيڪس وصولي بابت مسئلن کان آگاهه ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

صحافين جي حقن جي تحفظ لاءِ قومي ڪميشن قائم ٿي چڪي آهي: عطاءُ الله تارڙ

پي آر اي سان سدائين گهرو رشتو رهيو آهي ۽ پريس گيلري ايوان جو هڪ لازمي حصو سمجهيو وڃي ٿو

صحافي جڏهن واڪ آئوٽ ڪن ٿا ته انهن کي اها ئي عزت ۽ پروٽوڪول ملي ٿو جيڪو پارليامينٽرينز کي ملندو آهي

پي آر اي صحافين کي نوڪرين مان ڪڍڻ جي مسئلي تي جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي کي پنهنجون تجويزون موڪلي: وفاقي وزير اطلاعات

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُالله تارڙ چيو آهي ته صحافين جي حقن جي تحفظ جي لاءِ قومي ڪميشن قائم ٿي چڪي آهي ۽ پي آر اي جي پليٽ فارم تان صحافين جي حقن جي تحفظ جي لاءِ تجويزن جي آجيان ڪنداسين اها ڳالهه هن پارلياماني رپورٽرز

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ماحولياتي تبديلي وارو وفاقي وزير مصدق ملڪ گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

گڏيل قومن ۾ هٿيارن جي عدم پکيڙ ۽ عالمي سلامتي کي هٿي ڏيڻ بابت پاڪستان جا 4 اهم ٺهراءُ منظور

قراردادون جنرل اسيمبلي جي فرسٽ ڪميٽي (ڊس آرمامينٽ اينڊ انٽرنيشنل سيڪيورٽي) جي سفارش تي پيش ڪيون ويون

غيرايٽمي رياستن لاءِ تحفظ بابت قرارداد جي حمايت ۾ 20 ووٽ، مخالفت ۾ ڪو به ووٽ نه پيو 60 ڄڻن راءِ شماري ۾ حصو نه ورتو

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ عالمي ۽ علائقائي سطح تي امن، سلامتي ۽ هٿيارن تي ڪنٽرول ڪرڻ کي هٿي ڏيڻ بابت پاڪستان طرفان پيش ڪيل 4 اهم قراردادن جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي ٺهراءُ جنرل اسيمبلي جي فرسٽ ڪميٽي (ڊس آرمامينٽ اينڊ انٽرنيشنل

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

18هين ترميم ۽ صوبائي حقن جو دفاع اڄ جي دور جي سڀ کان وڏي ضرورت آهي: بلاول ڀٽو

18هين ترميم ئي صحت جو شعبو هلائڻ جو بهترين رستو آهي ۽ اسان پنهنجي حقن جو دفاع ڪنداسين

ايس آءِ يو ٽي ٽرسٽ اسپتال ڊائلاسس ۽ لٿوٽريسي سينٽرز سنڌ حڪومت جي هن اٽل عزم جي علامت آهن: وڏو وزير

ڊاڪٽر اديب رضوي جي پنجاهه سالن جي اڻٿڪ خدمتن هڪ ننڍڙي وارڊ کان SIUTکي ملڪ جي وڏي طبي نيٽ ورڪ ۾ بدلائي ڇڏيو

بلاول ڀٽو ۽ مراد علي شاهه جو نون ڊائلاسس ۽ لٿوٽريسي سينٽرز سان SIUTٽرسٽ اسپتال جي افتتاحي تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ: راهب گهاڻو) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته 18هين ترميم ۽ صوبائي حقن جو دفاع اڄ جي دور جي سڀ کان وڏي ضرورت آهي، ڇو ته انهن ئي اختيارن تحت صوبن ۾

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري گردن جي علاج جي جديد سينٽر جو افتتاح ڪرڻ بعد ڊاڪٽر اديب رضوي سان ملي رهيو آهي ٻئي طرف مريضن کان خيرعافيت پڇي رهيو آهي

سري لنڪا ۾ سامونڊي طوفان سبب فوتين جو انگ وڌي 474 ٿي ويو، 356 ڄڻا لاپتا

ڊامواهه طوفان سبب 4 لک 48 هزار 817 خاندانن سان تعلق رکندڙ 15 لک 80 هزار کان وڌيڪ ماڻهو متاثر ٿيا

سري لنڪا جي نيشنل بلڊنگ ريسرچ آرگنائيزيشن 7 ضلعن ۾ 215 شديد مٽي جون ڇپون ڪرڻ جو اطلاع، فوتگين ۾ اضافي جو خدشو

ڪولمبو (اي پي پي) سري لنڪا ۾ سامونڊي طوفان ڊامواهه سبب فوتين جو انگ وڌي 474 ٿي ويو آهي جڏهن ته 356 ماڻهو هيسستائين لاپتا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ايران جي فجر فلم فيسٽيول ۾ پاڪستان جي شرڪت، وفاقي وزير اورنگزيب کيچي پاڪستان جي نمائندگي ڪندو

ايران (اي پي پي) ايران جي تاريخي شهر

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

غزه جنگ بندي جون پيچيدگيون ڳڻتي جوڳيون آهن: قطر

دوحه (اي پي پي) قطر غزه ما سرائيل طرفان

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڪينيڊين هاءِ ڪميشن جي فرسٽ آفيسر ويليري واليٽ ڊپٽي اسپيڪر اينٿوني نويد سان ملاقات ڪري رهي آهي

اسلام آباد: ايف سي ڊي او ۽ جي ايس ايم اي جي نمائندگي ڪندڙ سفارتڪار وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه سان ملاقات ڪري رهي آهي

آمريڪا 19 يورپي ملڪن جي اميگريشن جي درخواستن تي ڪارروائي روڪي ڇڏي

جمع ڪرايل سمورين اميگريشن درخواستن جي پراسيسنگ روڪي وئي آهي: ٽرمپ انتظاميا

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا قومي سلامتي ۽ عوامي تحفظ بابت خدشن جي بنياد تي 19 يورپي ملڪن جي سمورين

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

تعليم، صحت ۽ روزگار تائين رسائي هر معذور جو حق آهي: روبينه خالد

بي آءِ ايس پي معذور ماڻهن جي فلاح، مدد ۽ معاشي شموليت لاءِ عملي قدم کڻي پيو

پاڪستان جي سمورن معذور شهرين جي بهتري، مدد ۽ فلاح لاءِ پنهنجا قدم جاري

اسلام آباد (اي پي پي) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن ۽ سينيٽر روبينا خالد معذور ماڻهن جي عالمي ڏينهن

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

وي آءِ ايس سنڌ بئنڪ جي لانگ ٽرم ڪريڊٽ ريٽنگ کي ڊبل اي ٽي اپ گريڊ ڪري ڇڏيو

SNDB مڪمل طور گورنمينٽ آف سنڌ جي ملڪيت آهي، جيڪا فائينانس ڊپارٽمينٽ وسيلي هلايو وڃي ٿو

اسپانسر سپورٽ اڳ ۾ به ڏني وئي آهي جتي ضرورت پوڻ تي ڪيپيٽل انجيڪشنز ڪيا ويا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) VISڪريڊٽ ريٽنگ ڪمپني ليميٽيڊ (VIS)سنڌ بئنڪ ليميٽيڊ (SNDB)يا بئنڪ) جي لانگ ٽرم

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

برطانوي هائي ڪميشن جي سينيئر صلاحڪار جي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي سان ملاقات

ڊاڪٽر شام سندر ايڊواڻي، هده اڪرام کي سنڌي ثقافتي سوکڙي پيش ڪئي

ملاقات دوران سنڌ ۾ اقليتي معاملن ۾ تعاون کي وڌائڻ تي زور ڏنو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) برطانوي هائي ڪميشن ڪراچي جي سينيئر سياسي صلاحڪار محترمه هده اڪرام سنڌ جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

گلشن اقبال ۾ نالي ۾ ڪري ٻار فوت ٿيڻ بابت ڪي ايم سي جي جاچ رپورٽ

ڪي ايم سي جي جاچ رپورٽ ۾ بي آر ٽي منصوبي کي ذميوار قرار ڏئي ڇڏيو

بي آر ٽي جي ڪوتاهي نيڪال نظام تباهه ڪيو، غير معياري عارضي ڍڪ سبب حادثو پيش آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلشن اقبال واري علائقي ۾ نالي ۾ ڪرڻ سبب ٻار جي فوت ٿيڻ بابت ڪي ايم سي جي جاچ رپورٽ سامهون آئي آهي ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن نيپا چورنگي جي ويجهو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: نيشنل ڪاليج آف آرٽ ۾ هڪ ڇوڪري تصويرن جي نمائش ڏسي رهي آهي

نيپا چورنگي ماجري ۾ وڏي وزير پنج آفيسرن کي معطل ڪري ڇڏيو

سينئر ڊائريڪٽر ۽ ٽائون انجنيئر سميت 5 آفيسرن کي معطل ڪيو ويو

ميئر کي پريس ڪانفرنس ڪرڻ ۽ ذميوارن جي سڃاڻپ جو حڪم جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير ڪراچي جي نيپا چورنگي علائقي ۾ ٻار ابراهيم جي مين هول ۾ ڪرڻ جي واقعي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۾ چار ڄڻا فوت

ملير معين آباد نمبر 1 ۾ ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان فرحان حيات وڃائي ويٺو

پاڪ ڪالوني مان ڦاهو کاڌل لاش هٿ آيو، پوليس خودڪشي جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو

ملير ڪورٽ ۾ ٽئين منزل تان ڪري مزدور فوت، منگهو پير مان به هڪ شخص جو لاش هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ چار ڄڻا فوت ٿي ويا ملير معين آباد نمبر 1

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌي اردو ڊرامن جي ناليواري اداڪاره بينا مسرور لاڏاڻو ڪري وئي

ناليواري راڳي بيدل مسرور جي ونيءَ بينا مسرور ڪجهه بيمار رهڻ بعد وفات ڪئي

بينا مسرور زندگيءَ جو زهر، فرمانبردار ۽ ناڪيلي سميت ڪيترا ڊرامن ۾ ڪردار ادا ڪيا

ڪراچي (ڪلچرل رپورٽر) ناليواري راڳي ۽ پي ٽي وي جي اڳوڻي پروڊيوسر بيدل مسرور جي ونيءَ ۽ سنڌي اردو ڊرامن جي ناليواري

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: نامور ڳائڪار بيدل مسرور بدوي جي سندس ونيءَ بينا مسرور سان ورتل تصوير

سنڌ ۾ ويٽ گروئرز سپورٽ پروگرام تيز ڪرڻ جو حڪم، آبادگارن کي سهڪار ڏيو: وڏو وزير

اي پي پاڻ سبسڊي دير سان ادائگي سبب ڪيترائي آبادگار پوکائي وارا دور وڃائي چڪا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ويٽ گروئرز سپورٽ پروگرام 2025 جي جائزي واري اجلاس جي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي آرٽس ڪائونسل: ورلڊ ڪلچر فيسٽيول ۾ انٽرنيشنل آرٽ نمائش جلد 6 شاندار نموني منعقد

پيپلز پارٽي وومين ونگ جي صدر فريال ٽالپر آرٽس ڪائونسل جي صدر محمد احمد شاهه سان گڏ افتتاح ڪيو

39 ڏينهن واري فيسٽيول ۾ 5 شعبن جي گڏيل تقريب، 3500 فلمون، 100 ايوارڊ يافته فلمون پيش ڪيون ويون

فن ۽ ثقافت جي فروغ تي زور ڏنو ويو، بين الاقوامي فنڪارن کي شيلڊون، اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي پاران منعقد ڪيل 39 ڏينهن واري "ورلڊ ڪلچر فيسٽيول 2025" جي 34 هين ڏينهن تي، "انٽرنيشنل آرٽ نمائش جلد 6" منعقد

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ معذورن جي عالمي ڏينهن تي تقريب، وڏي وزير پاران سهولت مرڪزن جو ورچوئل افتتاح

وڏي وزير مراد علي شاهه معذورن سان گڏ ڪيڪ ڪاٽيو، لاڙڪاڻي ۾ C-Arts ۽ بدين ۾ MALC-DEPD مرڪزن جو ورچوئل افتتاح ڪيو

معاشري جي ترقي جو اندازو معاشي انگن اکرن سان نه پر اهو ڏسجي ته اسين پنهنجي سڀني ميمبرن سان ڪيتري همدردي ۽ برابري ڏيکاريون ٿا: مراد علي شاهه

ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻي ۽ شهيد بينظيرآباد ۾ ويل چيئرز، ٽرائي سائيڪل ۽ ٻڌڻ جا اوزار جهڙيون ضروري سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه خاص فردن جي عالمي ڏهاڙي کي وڏي جوش و خروش سان ملهائيندي معذورن سان گڏ ڪيڪ ڪٽيو ۽ لاڙڪاڻي ۾ C-Artsسان گڏ لاڙڪاڻي ۽ بدين ۾ ڊاڪٽر رٿ فاؤ MALC-DEPD مرڪزن جو ورچوئل افتتاح ڪيو. تقريب

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سرگودا: سردي وڌڻ بعد ماڻهو ڪاٺين تي هٿ سيڪي رهيا آهن

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ معذورن جي عالمي ڏينهن تي آگاهي ريليون، ثقافتي پروگرام

حيدرآباد، ٽنڊوالهيار، مٺي، ڪنڊڪوٽ، بدين، ڪي اين شاهه ۾ ريليون، اسپيشل ايجوڪيشن شاگردن ۽ شهرين جي شرڪت

خصوصي اسڪولن ۾ ثقافتي ٽيبلوز، اسٽيج ڊراما ۽ پاڪستاني اشارتي ٻولي ۾ قومي ترانو پيش

اسان سڀني جي ذميواري آهي ته معذور ماڻهن جو هٿ پڪڙي کين اڳتي وڌڻ لاءِ موقعا فراهم ڪريون: اڳواڻ

حيدرآباد (نمائندن وٽان) ٽنڊوالهيار ۾ معذورن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان دارالسڪون اداري پاران ريلي ڪڍي وئي ذهني ۽ جسماني معذورن جي سار سنڀال بابت شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ مهوش

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڊيره اسماعيل خان ۾ پوليس وين ويجهو دهشتگردن جو حملو، 3 اهلڪار شهيد

تعلقي پنيالي ۾ پوليس وين ويجهو ڌماڪي جي نتيجي ۾ 3 پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا

پوليس موقعي تي پهچي علائقي جي ناڪابندي ڪري واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي

پشاور (اي پي پي) ڊيره اسماعيل خان جي تعلقي پنيالي ۾ پوليس وين ويجهو ڌماڪي جي نتيجي ۾ 3 پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا آهن ڊي پي او ڊيره اسماعيل خان موجب شهيدن ۾ اي ايس آءِ گل عالم، سپاهي رفيق ۽ ڊرائيور سخي جان شامل آهن جڏهن ته سپاهي آزاد شاهه محفوظ رهيو پوليس موقعي تي پهچي علائقي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اي پي اين ايس، پي بي اي ۽ سي پي اين اي پاران جسٽس ڪياني جي ريمارڪس تي ڳڻتي ظاهر

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج پنهنجي ريمارڪس ۾ ميڊيا ذريعي ويندڙ اشتهارن کي پئسن جو زيان قرار ڏنو

اشتهار عالمي سطح تي سرڪاري معلومات کي عوام تائين رسائڻ لاءِ ڏنا ويندا آهن: بيان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان نيوز پيپر سوسائٽي، پاڪستان براڊ ڪاسٽر ايسوسيئيشن ۽ ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز پنهنجي گڏيل بيان ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: مملڪتي وزير وجيها قمر معذور ٻار سان گڏ تصوير ڪيرائيندي

ارشد شريف قتل ڪيس ۾ اڳيرائي رپورٽ 17 ڊسمبر تائين طلب

جسٽس عامر فاروق جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

ڌرين جي وڪيلن کان پاڻمرادو ڪارروائي جي دائري اختيار تي مدد به طلب

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت سينئر صحافي ارشد شريف جي قتل جي جاچ بابت اڳيرائي رپورٽ 17 ڊسمبر تائين طلب ڪندي ڌرين جي وڪيلن کان پاڻمرادو ڪارروائي جي دائري اختيار تي مدد

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جو ٻارهون ڪانووڪيشن 5 ڊسمبر تي منعقد ٿيندو: ڪنٽرولر امتحانات

ڪانووڪيشن ۾ انڊرگريجوئيٽ پوسٽگريجوئيٽ ۽ ڊاڪٽريٽ پروگرامز جي شاگردن کي ڊگريون ڏنيون وينديون

ڪانووڪيشن لاءِ سمورين تياريون مڪمل ڪري ورتيون ويون آهن ته جيئن باوقار منظم ۽ سهڻي نموني ٿي سگهي

هن سال ڪُل 826 شاگردن کي ڊگريون ڏنيون وينديون، جن ۾ 766 انڊرگريجوئيٽ شاگرد شامل آهن

سکر (بيورو رپورٽ) سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جو ٻارهون ڪانووڪيشن جمعي، 05 ڊسمبر 2025 تي مين ڪرڪيٽ گرائونڊ، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۾ منعقد ٿيندو جنهن

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

سکر: آءِ بي اي يونيورسٽي سکر جي ڪانووڪيشن وقت ورتل تصوير

انجنيئر محمد علي مرزا جي ضمانت منظور، ترت آزاد ڪرڻ جو حڪم

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) لاهور هاءِ

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

منگهوپير ويجهو 50 سالن جي شخص جو لاش هٿ، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهوپير علائقي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

انا لله وانا اليه راجعون

ٽيجهو

پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي جي سينئر پروڊيوسر **بيدل مسرور** جي گهرواري **بينا مسرور** جي روح جي ايصال ثواب لاءِ دعا قرآن خواني سڀاڻي تاريخ **05 ڊسمبر 2025 ع** تي **جمع** جي ڏينهن بعد نماز عصر شام 04 وڳي **گهر نمبر G_44/85 سچل ڳوٺ ڪراچي** ۾ اهتمام ڪيو ويو آهي سڀني دوستن، عزيزن، رشتيدارن کي دعا ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت عرض رکجي ٿي

سوڳوار: بيدل مسرور
03340203037

بقايا 1 وزيراعظم

ڪندي چيو آهي ته دهشتگردي جي لعنت جي مڪمل خاتمي تائين ان جي خلاف جنگ جاري رکنداسين. ڪالهه اربع ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم حملي ۾ 3 پوليس اهلڪارن جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ۽ شهيدن جي درجن جي بلندي ۽ گهرڀاتين جي لاءِ صبر جي دعا ڪئي آهي وزيراعظم هدايت ڪئي ته حملي ۾ زخمي ٿيندڙ اهلڪار کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن وزيراعظم چيو ته خيبرپختونخواهه پوليس جي دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ عظيم قربانين کي مون سميت پوري قوم خراج تحسين پيش ڪري ٿي. وزيراعظم چيو ته واقعي جي ذميوارن جو تعين ڪري انهن کي سخت سزا ڏياري وڃي.

بقايا 2 قرارداد منظور

اسيمبلي جي اجلاس ۾ اسرائيل کان مطالبو ڪيو ويو ته هو بين الاقوامي قانون جي مڪمل پاسداري ڪري، غيرقانوني قبضو ختم ڪري، نئين يهودي آبادڪاري روڪي ۽ والاريل فلسطيني علائقن مان سمورين يهودي آبادڪارين کي نيڪالي ڏني وڃي. جنرل اسيمبلي اسرائيل کان مطالبو ڪيو ته هو عالمي قانون جي مڪمل پاسداري ڪري، غيرقانوني قبضو ختم ڪري، غزه ۾ ڪنهن به قسم جي آبادڪاري يا جغرافيائي تبديلي کي رد ڪريون ٿا. غزه ۽ اولهه ڪناري کي فلسطيني اٿارٽي جي تحت متحد ڪرڻ گهرجي اسرائيل کي 1967ع کان قبضو ڪيل سمورن فلسطيني علائقن مان نڪرڻو پوندو ته جيئن فلسطيني عوام پنهنجي بنيادي حق حق خودارديت جو استعمال ڪن غزه ۾ سيزفائر جو مڪمل لاڳو ڪرڻ اسرائيلي فوج جي واپسي انساني امداد جي بنا ڪنهن روڪ جي فراهمي ۽ غزه جي فوري طور نئين سر تعمير اهم آهي. هن چيو ته صرف سياسي رستو ئي پائيدار امن آڻي سگهي ٿو.

بقايا 3 اعلان

ملڪ ۾ ٽي وي تي سڌو سنئون نشر ڪيو ويندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن پي آءِ اي جي نجڪاري ۾ حصو وٺندڙ سمورن بدرن ڪاروباري شخصيتن ۽ ڪمپنين جي نمائندن سان ڳالهائيندي ڪيو جن ڪالهه اربع ڏينهن وزيراعظم هائوس ۾ سائنس ملاقات ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته پي آءِ اي جو وڃايل تشخص بحال ڪرڻ ۽ قومي ايئرلائين کي موجوده گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ جي لاءِ نجڪاري جو عمل جاري آهي هن ان اميد جو اظهار ڪيو ته انشاءالله جلد ئي پي آءِ اي هڪ ڀيرو ٻيهر "گريٽ پيپل ٽو فلاءِ ود" جي پنهنجي روايتن تي پورو لهندي. هن چيو ته پي آءِ اي جي نجڪاري جي عمل ۾ شفافيت ۽ ميرٽ کي يقيني بڻايو پيو وڃي بڊنگ جو عمل سڄي ملڪ ۾ ٽي وي تي سڌو سنئون نشر ڪيو ويندو. وزيراعظم چيو ته پي آءِ اي جي سڄي دنيا ۾ اڏامن جي بحالي سان ٻاهرين ملڪ رهندڙ پاڪستانين جي لاءِ سهولت ٿيندي. هن چيو ته پاڪستان جي سياحتي شعبي جي ترقي جي لاءِ پڻ قومي ايئرلائين کي موجوده گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. وزيراعظم ان اميد جو اظهار ڪيو ته جيڪو به بڊنگ ڪاميابي ان اهم ذميواري کي سنڀاليندو اهو قومي ايئرلائين جي تشخص جي بحالي ۽ ان جي ترقي اتي پنهنجون ڀرپور توانائيون مرڪوز ڪندو. وزيراعظم ٻڌايو ته پي آءِ اي جي بڊنگ 23 ڊسمبر 2025ع تي ٿيندي جنهن کي سموري ميڊيا تي سڌو سنئون نشر ڪيو ويندو. اجلاس ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سميت وفاقي وزيرن احد خان چيمه، محمد اورنگزيب، عطاءِ الله تارڙ، اعظم نذير تارڙ، سردار اويس خان لغاري، مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني، وزيراعظم جي صلاحڪار محمد علي، خاص معاون هارون اختر ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. ملاقات ۾ پي آءِ اي جي نجڪاري جي لاءِ بڊنگ ۾ شرڪت ڪندڙ سمورن بدرن شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن حڪومت پاران پي آءِ اي جي نجڪاري جي عمل ۾ پيشواراڻي ۽ شفاف طريقيڪار کي ساراهيو.

بقايا 4 مذمت

ڏينهن ڊي آءِ خان ۾ پوليس موبائيل تي بم ڌماڪي جي شديد مذمت ڪندي حملي ۾ شهيد ٿيل 3 پوليس اهلڪارن جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي وزيراعليٰ هائوس پشاور جي ترجمان موجب وڏي وزير چيو ته شهيد اي ايس آءِ گل عالم، شهيد سپاهي رفيق ۽ ڊرائيور سخي جان حياتين جو نذرانو ڏئي قوم جو ڪنڌ فخر سان بلند ڪيو آهي. اسان جي پوليس جا جوان گهٽ وسيلن باوجود فرنٽ لائين تي دهشتگردي جو مقابلو ڪري رهيا آهن هن چيو ته اها انتهائي بزدلاڻي ڪارروائي آهي دشمن عنصرن جي اهڙن حملن سان اسان جا حوصلا ڪمزور نه ٿيندا هن چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ وڌيڪ مضبوط عزم ۽ پوري طاقت سان جاري رهندي. هن شهيد پوليس اهلڪارن جي درجن جي بلندي ۽ پوئينرن جي صبر لاءِ دعا به ڪئي.

بقايا 5 مدد جي آڇ

آهي ته پاڪستان ۽ انڊونيشيا موسمياتي تبديلي ۽ ان جي ڪري پيدا ٿيندڙ آفتن کان گڏيل طور متاثر آهن اهڙن خيالن جو اظهار هن انڊونيشيا جي صدر پرابوو سوبيانتو سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪندي ڪيو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪالهه اربع ڏينهن انڊونيشيا جي صدر پرابوو سوبيانتو سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو ۽ تازي قدرتي آفت، ٻوڏ ۽ چيون ڪرڻ سبب انڊونيشيا ۾ ٿيندڙ تباهي خاص طور تي سماترا ۾ قيمتي انساني جانين جي زيان تي انڊونيشيا جي عوام ۽ حڪومت سان پاڪستان جي حڪومت ۽ عوام پاران دلي تعزيت ۽ گهري همدرديءَ جو اظهار ڪيو وزيراعظم انڊونيشيا جي صدر سان ڳالهه ٻولهه ڪندي سائنس مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ پاڪستان پاران هر ممڪن امداد ۽ معاونت فراهم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان قدرتي آفتن ۾ پنهنجي تجربن جي روشني ۾ انڊونيشيا سان وڏي پيماني تي ٻوڏ صورتحال سبب پيدا ٿيندڙ هنگامي حالتن بحالي ۽ نئين سر تعمير جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۽ انڊونيشيا ٻئي ملڪ موسمياتي تبديلي ۽ ان جي ڪري پيدا ٿيندڙ آفتن کان گڏيل طور تي متاثر آهن وزيراعظم ٻنهي ملڪن جي لاءِ قدرتي آفتن کان بچاءُ آفت دوران وقت سر ردعمل ۽ موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت جي فروغ جي لاءِ گڏيل تعاون وڌائڻ جي اهميت کي پڻ اجاگر ڪيو انڊونيشيا جي صدر پرابوو سوبيانتو وزيراعظم پاران انڊونيشيا جي عوام سان يڪجهتي جي اظهار ۽ جاني نقصانن تي تعزيت تي وزيراعظم جا ٿورا مڃيا. هن ٻڌايو ته انڊونيشيائي عملدارن ان قدرتي آفت کي منهن ڏيڻ جي لاءِ فوري ۽ موثر قدم کنيا آهن وزيراعظم چيو ته هو ايندڙ هفتي انڊونيشيا جي صدر جي پاڪستان جي سرڪاري دوري جو منتظر آهي وزيراعظم چيو ته دورو امڪاني طور تي ٻنهي ملڪن جي اڳواڻن کي گڏيل دلچسپي جي سمورن شعبن ۽ ٻطرفي سفارتي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو اهم موقعو فراهم ڪندو.

بقايا 6 بلاول ڀٽو

صحت ۽ عوامي ڀلائي جا وڏا منصوبا ممڪن ٿي سگهن ٿا. ڪراچي ۾ ايس آءِ يو ٽي جي نئين يونٽ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اسلام آباد چاهي ٿو ته صوبن جو تعليم ۽ آبادي ڪنٽرول جو اختيار واپس ورتو وڃي ۽ جڏهن توهان ڪنهن کان اختيار واپس وٺندا آهيو ته ان جا اثر ضرور پوندا آهن. 18هين ترميم ئي صحت جو شعبو هلائڻ جو بهترين رستو آهي ۽ اسان پنهنجي حقن جو دفاع ڪنداسين هن چيو ته فائيو اسٽار هوٽل کي فائيو اسٽار اسپتال ۾ تبديل ڪرڻ سٺو قدم آهي سنڌ ۾ دنيا جي سڀ کان وڏي دل جي اسپتال جو نيٽ ورڪ موجود آهي ۽ پ پ سدائين پٺ تي پيل طبقي جي خدمت ڪندي آئي آهي سندس چوڻ هو ته اڄڪلهه صوبن جي حقن ۽ وسيلن تي گهڻو بحث هلي رهيو آهي پر صوبن جي حقن تي بحث جو سڀ کان بهترين جواب سنڌ جو هيلٿ سسٽم آهي. 18هين ترميم کانپوءِ اين آءِ سي وي ڊي کي ڏسو فرق صاف نظر ايندو ترميم کانپوءِ سنڌ حڪومت جا ادارا بهتر ٿيا. جڏهن ته وڏي وزير هن سنگ ميل تي ايس آئي يو ٽي کي مبارڪباد ڏني جنهن ڊاڪٽر سيد هارون احمد ڊائلاسس سينٽر ۽ مس زبيده مصطفيٰ لٿوٽرپسي يونٽ جو شاهراهه فيصل تي باضابطه افتتاح ڪيو. تقريب ۾ بلاول ڀٽو زرداري، صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا پيچوهو، پروفيسر اديب رضوي، شبر زيدي، مخير حضرات ۽ ٻين معزز مهمانن شرڪت ڪئي. هوٽل کان اسپتال تائين سفر: سيد مراد علي شاهه اسپتال جي منفرد جاءِ جو ذڪر ڪندي چيو ته اها عمارت جيڪا اڳ ڪمرشل هوٽل هئي هاڻي هڪ اهڙي صحت مرڪز ۾ تبديل ٿي چڪي آهي جتي هر ماڻهوءَ جو بنا ڪنهن امتيازن جي مفت علاج ڪيو وڃي ٿو. هن زور ڏنو ته SIUT جون خدمتون هر طبقي، هر مذهب ۽ هر علائقي جي ماڻهن لاءِ مساوي طور دستياب آهن. هن ٻڌايو ته جي پي ايم سي جي ڊاڪٽر طارق محمود سڀ کان پهرين ڪا تجويز ڏني هئي ته اڳوڻي تاج محل هوٽل کي اسپتال کي وڌائڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي. جڏهن فنڊنگ بابت پڇيو ويو ته هن ڊاڪٽر اديب رضوي جي صلاحيت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو ته هو عوام ۽ خير خواهن مان پورو سهارو حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ اهوئي سرڪاري ۽ نجي شعبي جي مضبوط پارٽنرشپ جو مثال آهي. SIUT اسپتال جيڪا هاڻي جزوي طور تي فعال آهي، ۾ نوان ڊائلاسس ۽ لٿوٽرپسي سينٽرز شامل آهن. وڏي وزير صحت جي شعبي ۾ سنڌ حڪومت جي جاري سهڪار جو حوالو ڏيندي چيو ته اهڙا منصوبا ساز نتيجا صرف مؤثر پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (PPP) تحت ئي ممڪن ٿين ٿا. هن SIUT کي هن ماڊل جو چمڪندڙ ڌارو قرار ڏنو ۽ چيو ته اهو ادارو شهيد محترمه بينظير ڀٽو ۽ صدر آصف علي زرداري جي ويزن موجب سنڌ حڪومت جو اهم حصو آهي. سيد مراد علي شاهه حڪومت طرفان جاري ڪيل انگ اکر به پيش ڪيا جن موجب موجوده مالي سال ۾ غير ترقياتي صحت خرچ 343 ارب رپيا ۽ ترقياتي صحت خرچ 424 ارب رپيا آهن. هن ٻين سنگ ميلن جو به ذڪر ڪيو جيئن ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز جي ترقي ۽ اين آءِ سي وي ڊي جو صوبائي انتظام هيٺ هڪ عالمي معيار جي اسپتال ۾ تبديل ٿيڻ. حڪومت هر سال NICVD ۽ SICVD جي نيٽ ورڪ لاءِ لڳ ڀڳ 23 ارب رپيا فراهم ڪري ٿي. هن انڊس هيلٿ نيٽ ورڪ جي ڊاڪٽر فيصل باري سميت ٻين پارٽنرن جو به شڪريو ادا ڪيو. ڪوويڊ-19 دوران سنڌ انفڪشس ڊزيز اسپتال جي تڪڙي تعمير کي اجاگر ڪندي وڏي وزير خانگي شعبي کي به صحت جي شعبي ۾ وڌيڪ سهڪار جي دعوت ڏني. هن ڊاڪٽر اديب رضوي جي پنجاهه سالن جي اڻٿڪ خدمتن کي ساراهيندي چيو ته هن هڪ ننڍڙي وارڊ کان SIUT کي ملڪ جي وڏي طبي نيٽ ورڪ ۾ بدلائي ڇڏيو. سيد مراد علي شاهه جناح اسپتال ايمرجنسي ٽاور پروجيڪٽ لاءِ حڪومت جي 15 ملين ڊالر جي ادائگي جي به تصديق ڪئي جيڪو 35 ملين ڊالر جي گڏيل لاڳت سان 2029 تائين مڪمل ٿيندو. هن چيو ته ان سان جناح اسپتال علائقي جو سڀ کان وڏو طبي مرڪز بڻجي ويندو ۽ ان منصوبي ۾ فيصل ايڌي جو به سهڪار شامل آهي. وڏي وزير پيپلز پارٽي جي بنيادي مشن کي ورجائيندي چيو اسان کي ماڻهن جي خدمت ڪرڻي آهي هن نئين ٽرسٽ اسپتال جي حڪمت عملي واري جاءِ جي اهميت بيان ڪئي جيڪا روول سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان کان ايندڙ مريضن لاءِ جديد علاج تائين آسان رسائي فراهم ڪري ٿي. هن بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت جي تعريف ڪئي جنهن صحت جي شعبي کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ مفت طبي سهولتن ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪيون. SIUT جي 50 سالن جي ورثي وقار سان مفت علاج کي ساراهيندي هن چيو ته اهو ادارو اٺ بسترن واري وارڊ کان ملڪ گير نيٽ ورڪ تائين وڌيو آهي.

بقايا 7 لاپتا

ڊزاسٽر مينيجمينٽ سينٽر (ڊي ايم سي) ٻڌايو ته ڊٽواهه طوفان سبب 4 لک 48 هزار 817 خاندانن سان تعلق رکندڙ 15 لک 80 هزار کان وڌيڪ ماڻهو متاثر ٿيا آهن 971 گهر مڪمل طور تباهه ٿي ويا آهن جڏهن ته 40 هزار کان وڌيڪ گهرن کي نقصان پهتو آهي. سريلنڪا جي نيشنل بلڊنگ ريسرچ آرگنائيزيشن 7 ضلعن ۾ 215 شديد مٽي جون چيون ڪرڻ جو اطلاع آهي ماهرن مطابق خبردار ڪرڻ باوجود ڪجهه رهواسين جو گهرن مان نه نڪرڻ فوتگين ۾ اضافي جو سبب بڻيو.

بقايا 8 نمائندگي ڪندو

شيراز ۾ منعقد ٿيندڙ 43هين فجر فلم فيسٽيول ۾ ثقافت بابت وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي مشهور پاڪستاني فلم سازن سان گڏ پاڪستان جي نمائندگي ڪندو. گذريل ڏينهن اسلام آباد مان جاري پريس رليز موجب ميلي ۾ شرڪت لاءِ اورنگزيب خان کچي کي مهمان خاص طور دعوت ڏني وئي آهي پنهنجي اهم خطاب ۾ وفاقي وزير ٻنهي ملڪن طرفان فلمن جي گڏيل پروڊڪشن تي زور ڀريو هن چيو ته پاڪستان ۽ ايران ويجها پاڙيسري ملڪ آهن ۽ ويجها سماجي ثقافتي مذهبي ۽ پائراٿا لاڳاپا ڪن ٿا. هن چيو ته پاڪستاني سينيما گهرن ۾ ايراني فلمن جي نمائش ۽ ايراني سينيمائن ۾ پاڪستاني فلمن جي نمائش اسان جي ماڻهن کي هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ ۾ مدد ڏيندي هي پهريون موقعو آهي ته فيسٽيول ۾ 3 پاڪستاني فلمن جي نمائش ڪئي وئي هن فيسٽيول جو دورو ڪيو ۽ پاڪستاني پويلين ۾ ايراني سينيما فائونڊيشن جي چيئرمين سان ملاقات به ڪئي هن کيس پاڪستان اچڻ ۽ سينيما انڊسٽري جي اسٽيڪ هولڊرز سان ملڻ جي دعوت به ڏني هن پنهنجي حڪومت جي پاڪستان ۾ سينيما انڊسٽري کي هٿي وٺائڻ جي عزم جو ورجاءُ به ڪيو.

بقايا 9 قطر

جاري جنگ بندي جي پيچيدگين کي ڳڻتي جوڳو قرار ڏنو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب قطر جي پرڏيهي وزارت پاران گذريل ڏينهن جاري بيان ۾ ان ڳالهه تي زور ڀريو آهي ته غزه جي حوالي سان ڪياڪوئي جون ڪوششون هاڻي به جاري آهن بيان ۾ چيو ويو آهي ته قطر غزه جي معاهدي جي نگراني ڪري رهيو آهي ۽ ان ڳالهه جي ڪوشش آهي ته موجوده جنگ بندي هن وقت متاثر نه ٿئي واضح رهي ته اسرائيلي فوج غزه ۾ مختلف هنڌن تي بمباري جو سلسلو جاري رکيو آهي.

بقايا 10 فوت

گلشن رضا جي ويجهو گهر ۾ ڪم جي دوران ڪرنٽ لڳڻ جي نتيجي ۾ فرحان ولد مختيار فوت ٿي ويو پاڪ ڪالوني جي علائقي ميوا شاهه قبرستان مان ڦندو ٻڌل لاش مليو پوليس واقعو شروعاتي طور تي خودڪشي لڳي رهي آهي پوليس موجب فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ جيڪسي جي نالي سان ٿي آهي ۽ لاش وڻ سان لٽڪيل هو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ڪياماڙي پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڏني آهي ملير ڪورٽ جي اندر ڪم جي دوران ٽين منزل تان ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ مزدور اياز ولد ڪفايت خان فوت ٿي ويو آهي منگهوپير جي علائقي گرم چشما پارسي محلي ڊگري ڪاليج جي ويجهو گهٽي مان عبدالسليم ولد عبدالعزيز جو لاش مليو.

بقايا 11 لاڏاڻو

اداڪارا بينا مسرور ڪجهه عرصو بيمار رهڻ ڪانپوءِ لاڏاڻو ڪري وئي، بينا مسرور جو اصل نالو مهه جبين آهي پر گهر ۾ ننڍي سڏيو ويندو هو "بينا" هوندي کان ئي ڪيس ۽ اهو نالو ئي ادبي ۽ شوبز جي دنيا ۾ سندس ور جو نالو. سندس سڃاڻپ بڻيو ان ڪري هوءَ بينا مسرور. بيدل مسرور آهي جنوريءَ 29 جي نالي سان مشهور ٿي پاڻ شروعاتي. ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿي 1958 تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪيائين جڏهن ته گريجوئيشن سنڌ يونيورسٽي مان ڪئي. سندس والد جو نالو صلاح الدين احمد بلوچ آهي، جيڪو ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جيل جي ع ڌاري وفات 1984 عهدي تان رٽائر ٿيو ۽. ڪيس ٽي پٽ ۽ هڪ ڌيءَ آهي. ڪيائين سندس هڪ پٽ پارس مسرور به اردو ڊرامن سندس ڀيڻ سحر 0جو مشهور اداڪار آهي. امداد به سنڌي ٻوليءَ جي نامور شاعره آهي ع ڌاري 1977 بينا. شاعريءَ جي شروعات گهڻو ڪري سندس نظم آزاد نظم. ڪئي نثري نظم ۽ ٽيڙو سنڌي زبان جي مختلف سندس شاعري. رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا رومانوي به آهي ته سماجي مشاهدي جي بينا، شوبز جي دنيا ؛عڪاسي ڪندڙ به آهي هن جو پهريون. ع کان ڪيو 1976 جو آغاز ڊرامو شمشيرالحيدريءَ جو لکيل سٽن هو جنهن ۾ هن "منزل" قسطن جو سيريل ليکڪا جو ڪردار ادا ڪيو هو جنهن کان پوءِ سندس ڪامياب ڊرامن جي هڪ طويل فهرست آهي جن مان ڪي هي آهن سفر ۽ ، فرمانبردار ، زندگيءَ جو زهر، پيڙا، ڪيڏو ڪارونبار، ماڻار، ساٿي موتئي، ٻري هن پنبور ۾، تاڪيلي خالي، فيصلو، عيد ٿي وئي، جهوڙ من لوڪ لڙڪ زنجير، موت جا پاڇولا، گهر هن بيدل مسرور جي هدايتن. انت بحر ۽ هيٺ ڪيترن ڊرامن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر خوابن جو، رابطو بطور ڊيکاريا آهن ، زندگي هڪ ڪن ، هار جيت ، شهر دل ۽ ساٿيهه جي سڪ ، مورت ، اميد ۽ ان کان "دل جي دنيا" (اردو) "ڪا معاملا" وي پروگرامن جي. سواءِ بينا ڪيترن ٽي وي ڪمپيئرنگ به ڪئي آهي ۽ هڪ بن سندس. اسٽيج ڊرامن ۾ به ڪم ڪيو دل " "وصل يار" مشهور اردو ڊرامن ۾ جان "بيٽيان" "نقاب" "ٽرپ" آنگن "بنجارا" شامل آهن بينا به ڊراما پڻ لکيا "جهان جيڪي بيدل مسرور ۽ ، کوپو ۽ نيلي بينا. محمد بخش سميجي ڊائريڪٽ ڪيا ع تي ڪراچيءَ ۾ 2025 ڊسمبر 03 مسرور لاڏاڻو ڪري وئي جڏهن ته سڄل پلي گرائونڊ ۾ جنازي نماز ادا ڪرڻ ڪانپوءِ سڄل قبرستان ۾ آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

بقايا 12 وڏو وزير

صدارت ڪندي آبادگارن کي وقت سر سهڪار فراهم ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ۽ اڪائونٽن جي تيزرفتار ايڪٽيويشن ۽ فنڊز جي منتقلي کي يقيني بڻائڻ جون هدايتون جاري ڪيون. هن سختي سان سنڌ بئنڪ کي هدايت ڪئي ته تصديق، اڪائونٽ ايڪٽيويشن ۽ ادائگين جي اجرائي عمل ۾ وڌيڪ تيزي آندي وڃي ڇاڪاڻ ته ڊي اي پي ڀاڻ سبسڊي جي دير سان ادائگي سبب ڪيترائي آبادگار اهم پوکائي وارا دور وڃائي چڪا آهن. وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل اجلاس ۾ صوبائي وزير زراعت سردار محمد بخش خان مهر، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، سيڪريٽري ٽو سي ايم عبدالرحيم شيخ، سيڪريٽري زراعت محمد زمان ناريجو، سنڌ بئنڪ جي صدر انور شيخ ۽ ٻيا اهم آفيسر شامل هئا. هن پروگرام تحت سڄي سنڌ مان 400875 آبادگار جيڪي 1 کان 25 ايڪڙ تائين زمينون پوکين ٿا، فيلڊ آفيسرن جي مدد سان رجسٽرڊ ٿي چڪا آهن. انهن مان 338192 رجسٽريشنون منظور ٿي چڪيون آهن جيڪي پروگرام جي وڏي اثراندازي کي ظاهر ڪن ٿيون. نومبر جي آخر تائين اڪائونٽ ايڪٽيويشن ۽ فنڊ ٽرانسفر جو عمل جاري هو ۽ ڏهه هزار اڪائونٽ کولي چڪا هئا. سنڌ بئنڪ کي هدايت ڪئي وئي ته ايڪٽيويشن ۾ وڌيڪ تيزي آندي وڃي، فنڊز جي منتقلي جلد ڪئي وڃي، مستفيدن کي وقت سر اطلاع ڏنو وڃي، رقم ڪيرائڻ بابت باقاعدي اپڊيٽ فراهم ڪئي وڃي ۽ زراعت کاتي سان روزاني بنيادن تي ڊيٽا شيئر ڪيو وڃي. ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ لاءِ هاڻي بئنڪن ۽ زراعت کاتي وچ ۾ روزاني ڊيٽا شيئرنگ معمول بڻائي وئي آهي. وڏي وزير ريئل ٽائيم مانيٽرنگ ڊيش بورڊ جو به جائزو ورتو ۽ پروگرام جي وقت سر مڪمل ٿيڻ لاءِ شخصي نگراني جاري رکڻ جو عزم ٻيهر ظاهر ڪيو. مراد علي شاهه 2025 سنڌ ويٽ گروئرز سپورٽ پروگرام کي هڪ فليگ شپ ۽ اهم منصوبي قرار ڏنو. هن صوبائي حڪومت جي هن عزم کي به ورجايو ته پوکائي جي اهم موسم ۾ آبادگارن کي ڀاڻ خريد ڪرڻ لاءِ مڪمل سهڪار فراهم ڪيو ويندو. سمورن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي ته هو مڪمل ڌيان سان ڪم جاري رکن ۽ مقرر وقت اندر پروگرام جي مقصدن جي پورهائي لاءِ باقاعدي اڳڀرائي رپورٽون جمع ڪرائن.

بقايا 13 منعقد

ڪئي وئي، جنهن جو افتتاح پاڪستان پيپلز پارٽي وومين ونگ جي صدر فريال ٽالپر، آرٽس ڪائونسل جي صدر محمد احمد شاهه سان گڏ ڪيو ان موقعي تي ثقافت جو صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه، ليبر ۽ افرادي قوت جو صوبائي وزير سعيد غني ۽ سنڌ اسيمبلي جو ميمبر سهيل انور سيال، آرٽس ڪائونسل جو جوائنٽ سيڪريٽري ۽ مشهور ليکڪ نورالهديٰ شاهه ۽ چيئرپرسن وومين امپاورمينٽ ڪميٽي چاند گل شاهه پڻ موجود هئا. نمائش ۾ بين الاقوامي فنڪارن جا ڪم پيش ڪيا ويا آهن نمائش ۾ قومي ۽ پرڏيهي فنڪارن، شاگردن ۽ فن سان لاڳاپيل ماڻهن شرڪت ڪئي نمائش ۾ ڪنگ ڪيسيا (بارباڊوس)، لوئس ايم سينٽوس (موزمبيق)، وڪٽوريا سينٽوس (برازيل)، ايڊرين بوچڪو (ارجنٽائن)، ميندريڪا راتسيما (مڊگاسڪر)، بابلي برنا، شمپاوجاريا (بنگلاديش) ديش)، ياڙ (ڪومروس)، (سينينڪوسي مسومي ايسواتيني)، ڪيليچي نوانيري (نائيجيريا)، ادجاراتو آرئيدراگو (برڪينا فاسو)، ڊومي فاريسٽ (سويڊن)، صوفيا ماريا، اگليا پيراڪي (يونان)، نهارڪيا ممتاز سبورنا مورشيدا (بنگلاديش) شامل هئا جڏهن ته فرانسيسي فنڪارن نيستي شيفومي ۽ سيٽ گلوب پينٽر جو ڪم پيش ڪيو ويو. موزمبيق جي فنڪارن لوئس ايم سينٽوس ۽ وڪٽوريا سينٽوس نمائش ۾ لائيو آرٽ پينٽنگ جو جوهر ڏيکاريو ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي وومين ونگ جي صدر فريال ٽالپر چيو ته نوجوان نسل لاءِ اهڙي وڏي پيماني تي فيسٽيول منعقد ڪرڻ پليڪار آهي هي هڪ بهترين ڪم آهي احمد شاهه ۽ سندس ٽيم مبارڪباد جي مستحق آهي هي احمد شاهه ۽ آرٽس ڪائونسل جي هڪ سٺي ڪوشش آهي هن چيو ته اسان کي اهڙا فنڪار پيدا ڪرڻ گهرجن جيڪي پاڪستان کي سڄي دنيا ۾ مشهور ڪن سڄي دنيا جا فنڪار تمام خوش آهن ۽ فيسٽيول مان لطف اندوز ٿي رهيا آهن اسان وٽ تمام سٺيون شيون ٿي رهيون آهن مان انهن سڀني فنڪارن جو شڪريو ادا ڪريان ٿو جن ڪراچي جي مهمان نوازي قبول ڪئي صدر آرٽس ڪائونسل محمد احمد شاهه چيو ته اسان وٽ هتي سڀئي فنڪار آهن مان فريال ٽالپر جو شڪريو ادا ڪريان ٿو اهو اسان لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي ته اسان جي ڀيڻ فريال ٽالپر هتي آئي آهي فريال ٽالپر فن ۽ ثقافت کي فروغ ڏئي رهي آهي هوءَ آرٽس ڪائونسل سان تمام گهڻو تعاون ڪري ٿي احمد شاهه چيو ته هي هڪ ته ۾ هڪ ئي وقت پنجن شعبن جو فيسٽيول آهي. اسان کي 3500 فلمون مليون جن مان 100 ايوارڊ يافته فلمون چونڊيون ويون هتي هر فنڪار اسان جي صوبي جي ٻارن لاءِ ورڪشاپ ڪرائيندو آهي هي دنيا جي تاريخ جو سڀ کان وڏو فيسٽيول آهي هتي جي ڪيس استاد هر ڪو هن فيسٽيول ۾ تمام گهڻي محنت ۽ لگن سان ڪم ڪري رهيو آهي آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي ۾ فريال ٽالپر بين الاقوامي فنڪارن کي شيلڊون ۽ گلدستو پيش ڪيو جڏهن ته وومين امپاورمينٽ ڪميٽي جي چيئرپرسن چاند گل شاهه محترمه فريال ٽالپر کي سنڌ جي ثقافتي اجرڪ پيش ڪئي.

بقايا 14 افتتاح

جنهن جو انتظام معذورن جي بااختياري (DEPD) کاتي ڪيو جنهن جي قيادت سيڪريٽري طحه فاروقي ڪري رهيا هئا. النور پارڪ ڪلفٽن ۾ منعقد ٿي ۽ اها ڳالهه ظاهر ڪئي ته سنڌ حڪومت عالمي سماجي ترقي جي مطالبن کي جيئن ته دوحه ۾ سماجي ترقي جي ٻئي عالمي سربراهي اجلاس ۾ پيش ڪيا ويا، مقامي سطح تي عملي قدم ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. تقريب ۾ صوبائي وزير، صلاحڪار، خاص مددگار، ترجمان، صوبائي سيڪريٽري ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. خاص معذورن جي عالمي ڏينهن تي وڏي وزير هڪ مؤثر خطاب ڪيو ۽ هڪ اهڙي مستقبل جو عزم ڪيو جتي سڀني شهري لاءِ هڪ شامل ۽ شموليت وارو صوبو هجي جتي ترقي جا برابر موقعا حاصل هجن. وڏي وزير مراد علي شاهه جي خطاب ۾ گڏيل قومن جي موضوع "سماجي ترقي جي فروغ لاءِ معذورن کي شامل ڪندڙ معاشرو" جي عڪاسي ڏسڻ ۾ آئي ۽ هن زور ڏنو ته ترقي جو اندازو صرف معاشي ميٽرڪ سان نه پر همدردي ۽ برابري سان به لڳايو وڃي. مراد علي شاهه چيو معاشري جي ترقي جو اندازو صرف معاشي انگن اکرن سان نه لڳايو وڃي پر اهو ڏسجي ته اهو پنهنجي سڀني ميمبرن سان ڪيتري همدردي ۽ برابري ڏيکاري ٿو جن کي شامل ٿيڻ، جدت آڻڻ ۽ ڪاميابي جا برابر موقعا ملڻ گهرجن اسان وڏي مقصد سان گڏ ٿيا آهيون ته هڪ منصفاڻي شامل ڪندڙ ۽ رڪاوٽ کان پاڪ معاشرو هر شهري لاءِ ڏاهن جي پنهنجي گڏيل عزم جي تصديق ڪريون. خطاب ۾ پاليسي کان اڳتي وڌي بنيادي ڍانچي ۽ حڪمت عملي تي زور ڏنو ويو DEPD کي نمايان طور تي مضبوط ڪيو ويو آهي ۽ ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻي ۽ شهيد بينظيرآباد ۾ ويل چيئرز، ٽرائي سائيڪل ۽ ٻڌڻ جا اوزار جهڙيون ضروري سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. وڏي وزير ياد ڏياريو ته هڪ وڏي ڪاميابي تازو ڪورنگي ۾ پاڪستان جو سڀ کان وڏو سينٽر آف ايڪسيلنس فار ڊس ايبلٽي انڪلوزن جو افتتاح آهي جيڪو 34 هزار اسڪوائر فٽ تي ٻڌل آهي ۽ آءِ ٽي، ٽيڪسٽائل ۽ ڪلنري آرٽس ۾ پروفيشنل ٽريننگ، بحالي جون خدمتون ۽ ويل چيئر جي تياري فراهم ڪري ٿو. مراد علي شاهه ملير ايڪسپريس وي جي ويجهو هڪ شموليت وارو شهر (Inclusive City) ٺاهڻ جو اعلان پڻ ڪيو جيڪو مربوط شهري رسائي لاءِ سنڌ جي پرعزم وابستگي ظاهر ڪري ٿو هي قدم سنڌ ايمپاورمينٽ آف پرسنز ود ڊس ايبلٽيز ايڪٽ 2018 جي نفاذ کي يقيني بڻائين ٿا.

بقايا 15 ثقافتي پروگرام

اپوا ۽ ميڊم نسرين جي اڳواڻي ۾ حيدرآباد روڊ کان لطيف گيٽ تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ اسپيشل ايجوڪيشن سينٽر، ڊيف ريچ ۽ بلائينڊ سينٽر جا معذور شاگرد سندن استادن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته دارالسڪون هر سال معذورن جي عالمي ڏهاڙي کي ڀرپور نموني ملهائي ٿو ته جيئن ذهني ۽ جسماني معذور ماڻهن جي حوصلا افزائي ٿئي ۽ سندن جذبو اڃان به مضبوط ٿئي هنن چيو ته بدقسمتي سان معذور ماڻهن کي اڪثر دنيا ۾ گهٽ نظر سان ڏٺو وڃي ٿو جڏهن ته اهي به ٻين ماڻهن وانگر پنهنجي صلاحيتن سان سماج ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا هنن وڌيڪ چيو ته اسان سڀني جي ذميواري آهي ته معذور ماڻهن جو هٿ پڪڙي کين اڳتي وڌڻ لاءِ موقعا فراهم ڪريون جيئن اهي به زندگي جو اهو مقام حاصل ڪري سگهن جيڪو هڪ نارمل انسان کي ملي ٿو مٺي ۾ گورنمينٽ اسپيشل ايجيوڪيشن ۽ ريهيبليٽيشن سينٽر مٺي پاران معذورن جو عالمي ڏهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائيو ويو تقريب جي صدارت ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر لياقت علي لنڊ،محتسب اعلي محمد عمر پنهور ڪئي تقريب جي شروعات تلاوت سان ٿي جنهن کان پوءِ پرخلوص نعت پڙهي وئي جنهن سڄي پروگرام کي روحاني ۽ احترام ڀريو رنگ ڏنو تقريب جو هڪ خاص ۽ متاثر ڪندڙ حصو قومي ترانو جو پاڪستاني اشارتي ٻولي ۾ پيش ڪرڻ هو جيڪو اتحاد، عزت ۽ خاص ضرورتن وارن فردن جي صلاحيتن جي سڃاڻپ جو علامت بڻيو جنهن کانپوءِ معذور شاگردن هڪ سوچ ۾ وجهندڙ اسٽيج ڊرامو پيش ڪري حاضرين کي موهت ڪري ڇڏيو جنهن ۾ خاص ضرورتن وارن ماڻهن جا چيلينج ۽ انهن جون صلاحيتون اجاگر ڪيون ويون ڪنڌڪوٽ ۾ به 3 ڊسمبر معذورن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان معذورن کي همٿائڻ لاءِ آر سي ايم ايچ سي ۽ DEPD سينٽر اندر تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ آر سي ايم ايچ سي سينٽر آفيسرن ۽ اسپيشل ايجوڪيشن اسڪول جي گلن جهڙي ٻارڙن شرڪت ڪئي. تقريب سان خطاب ڪندي ڊپٽي ڊائريڪٽر آر سي ايم ايچ رياض احمد ڪوسو، ڪفايت الله ڪوسو ۽ ٻين چيو ته اسان اڄ سڄي دنيا جيان معذور ماڻهن کي همٿائڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون 3 ڊسمبر معذورن جي عالمي ڏينهن تي بدين ۾ به گورنمينٽ اسپيشل ايجوڪيشن ريهيبليٽيشن سينٽر ۽ آر سي ايم ايچ سي اسڪول طرفان معذورن جو ڏينهن ملهايو ويو پرنسپال اسپيشل ايجوڪيشن سينٽر مختيار احمد ٻرڙو ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر آر سي ايم ايچ سي بدين افتخار الحق مهر پاران معذورن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان آگاهي واڪ جو اهتمام ڪيو ويو بين الاقوامي معذورين جي ڏينهن تي حيدرآباد ۾ به آگاهي واڪ سرڪٽ هائوس حيدرآباد ۾ منعقد ڪئي وئي. هن موقعي تي ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي چيو ته واڪ جو مقصد معذور ماڻهن جي حقن، فلاح ۽ بهبود ۽ سماج ۾ انهن جي ڀرپور شموليت کي وڌائڻ آهي گڏوگڏ انهن جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ سماج ۾ شعور اجاگر ڪرڻ به آهي ته ماڻهو هن نيڪ ڪم ۾ پنهنجو به اهم ڪردار ادا ڪن هن چيو ته الله تعاليٰ انهن ٻارن کي خاص صلاحيتون ڏنيون آهن ۽ والدين ۽ استادن جو بنيادي ڪردار آهي ته اهي انهن ٻارن جي لڪل صلاحيتن کي اجاگر ڪن جيئن اهي پنهنجي قابليت وڌائي ملڪ جي ترقي ۾ موثر ڪردار ادا ڪري سگهن هن موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ چيو ته اسان جي ذميواري آهي ته اسان معذور ماڻهن کي اهڙو ماحول فراهم ڪريون جتي اهي تعليم روزگار، صحت، سفر ۽ سماجي زندگي جي هر شعبي ۾ باوقار نموني حصو وٺي سگهن.

بقايا 16 معطل

تي اعليٰ آفيسرن کي معطل ڪري ڇڏيو آهي تفصيل موجب سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه ڪراچي ميونسپلٽي جي سينئر ڊائريڪٽر ميونسپل سروسز عمران راجپوت کي معطل ڪري ڇڏيو آهي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گلشن اقبال جي اسسٽنٽ انجنيئر راشد فياض کي به معطل ڪيو ويو آهي نوٽيفڪيشن موجب پاڻي ۽ سيوريج ڪارپوريشن جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر وقار احمد ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر عامر علي شاهه مختيارڪار سلمان فارسي کي به معطل ڪيو ويو آهي سنڌ جي لوڪل گورنمينٽ کاتي پاران آفيسرن جي معطلي جا نوٽيفڪيشن جاري ڪيا ويا آهن ان کان اڳ سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه ڪراچي جي ميئر کي واقعي تي پريس ڪانفرنس ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ کي لاڳاپيل ذميوار ماڻهن جي سڃاڻپ ڪرڻ ۽ ڪارروائي ڪرڻ لاءِ چيو ذريعن جو چوڻ آهي ته لاڳاپيل يو سي سيڪريٽري کي ماهوار 12 لک رپين جو فنڊ ملندو آهي ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڪراچي جي نيپا چورنگي واري علائقي ۾ مين هول ۾ ڪري پوڻ سبب هڪ 3 سالن جو ٻار فوت ٿي ويو هو ۽ ٻار 15 ڪلاڪن ڪانپوءِ سندس لاش نالي مان ڪڍيو هو واقعي جي هڪ وڊيو سامهون آئي هئي جنهن ۾ ڏٺو ويو ته ٻار شاپنگ مال مان نڪري ويو ۽ سندس ماءُ پويان هئي هو پنهنجي پيءُ جي موٽرسائيڪل تي ويو ۽ اوچتو ويجهي نالي ۾ ڪري پيو.

بقايا 17 جاچ رپورٽ

خانگي اسٽور جي سامهون نالي ۾ ٻار جي ڪرڻ جي واقعي تي لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ جي سيڪريٽري کي جاچ رپورٽ موڪلي ڇڏي آهي سينئر ڊائريڪٽر ميونسپل سروسز عمران راجپوت جي رپورٽ جي متن موجب ميونسپل سروسز ڪراچي جي ميئر جي حڪم تي ٻار جي ڳولا جو ڪم شروع ڪيو گلشن ٽائون جي لنڪ نالي مان ٻار جو لاش هٿ ڪيو ويو معائني مان ثابت ٿيو ته حادثي جو سبب بي آر ٽي جي تعمير هئي جاچ رپورٽ جي متن ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته بي آر ٽي جي کوٽائي نالي جي پوري نيڪال واري نظام کي سخت نقصان پهچايو آهي عارضي 2 فوٽ ڊڪ لڳائي نالن کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي رپورٽ موجب ريڊ لائين منصوبي پاران سڪيم گهر کي هڪ جاءِ تي کليل ڇڏڻ سبب سانحو پيش آيو ڪي ايم سي پاران ڪڏهن به هي طريقو ۽ غير معياري ڊڪ استعمال نه ڪيا ويا. بي آر ٽي جي ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ڪي ايم سي کي اطلاع به نه ڏنو ويو هو ڪي ايم سي جي جاچ رپورٽ موجب کوٽائي بي آر ٽي پاران ڪئي وئي هئي ۽ بعد ۾ صورتحال کي نظرانداز ڪيو ويو ٻار خانگي ڊپارٽمينٽ اسٽور ۽ بي آر ٽي جي انتظاميا جي گڏيل غلطي جي ڪري گٽر ۾ ڪري پيو رپورٽ موجب سڀني کوٽائي ڪيل حصن کي آفيسرن جي نگراني ۾ ڀريو ويو آهي.

بقايا 18 ملاقات

اقليتي معاملن بابت وزير اعليٰ جي خاص مددگار ڊاڪٽر شام سندر ايڊواني سان سندن آفيس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران پوري سنڌ ۾ اقليتي برادرين جي فلاح وبهبود ۽ انهن جي بااختياري بابت تعميري ڳالهيون ڪيون ويون. ڊاڪٽر شام سندر ايڊواني، محترمه هده اڪرام کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي سنڌي ثقافتي لوئي پيش ڪيو.

بقايا 19 اپگريڊ

اينٽٽي ريٽنگ کي "ڊبل اي"۔ "AA" تي اپ گريڊ ڪيو آهي جيڪو اڳ "ڊبل اي مائنس"۔ "AA-" هو جڏهن ته شارٽ ٽرم ريٽنگ کي "اي ون پلس"۔ "A1+" تي برقرار رکيو ويو آهي. لانگ ٽرم ريٽنگ "AA" جو مطلب آهي اعليٰ ڪريڊٽ ڪوالٽي، پروٽيڪشن فيڪٽرز مضبوط آهن. خطرو گهٽ هوندو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن معاشي حالتن جي تبديلي سبب ٿورو گهٽ وڌ ٿي سگهي ٿو. شارٽ ٽرم ريٽنگ "A1+" جو مطلب آهي ته شارٽ ٽرم اوبليگيشنز جي وقت سر ادائگي جو سڀ کان وڌيڪ مضبوط امڪان موجود آهي ۽ ليڪوئڊيٽي فيڪٽرز تمام بهتر آهن. مقرر ڪيل ريٽنگ تي آئوٽ لڪ "اسٽيبل" آهي. اڳيون ريٽنگ ايڪشن 30 جون 2025 تي اعلان ڪيو ويو هو. SNDB مڪمل طور گورنمينٽ آف سنڌ (GoS) جي ملڪيت آهي جيڪا فائيننس ڊپارٽمينٽ وسيلي هلايو وڃي ٿو ۽ اسپانسر سپورٽ اڳ به ڏني وئي آهي جتي ضرورت پوڻ تي ڪيپيٽل انجڪشنز ڪيا ويا آهن. بينڪ ڏهاڪي کان وڌيڪ عرصي کان ڪمرشل، ڪارپوريٽ ۽ انويسٽمينٽ بينڪنگ سروسز فراهم ڪري رهيو آهي. هيڊڪوارٽر ڪراچي ۾ آهي ۽ ملڪ گير برانچ نيٽ ورڪ گڏيل سال جي سطح تي برقرار رهيو مجموعي طور 330 برانچون (جن ۾ 8 سب برانچون ۽ 19 اسلامي بينڪنگ برانچون شامل آهن). ريٽنگ ريوژن جو بنيادي سبب ڪارپوريٽ ۽ ڪمرشل ليندنگ ايڪسپوزر جي ٻيهر بحالي ۽ ان جو مستقبل ۾ پروفيٽيبلٽي تي امڪاني مثبت اثر آهي. اهڙي طرح بينڪ جي ارننگ ايبلٽي ۾ بهتري جو امڪان وڌي ٿو جڏهن ته سڄو سيڪٽر گهٽيل مارجنز ۽ وڌيڪ ٽيڪسن جي دٻاءُ کي منهن ڏئي رهيو آهي. هڪ مستحڪم گورننس فريم ورڪ، تجربيڪار مينيجمينٽ ٽيم ۽ بنيادي آپريٽنگ فنڊامنٽلز ۾ تدريجي بهتري، هن ريٽنگ فيصلي کي مضبوط بڻائي ٿي. ايسٽ ڪوالٽي انڊيڪيٽرز نمايان طور بهتر ٿيا آهن جنهن جو سبب لڳاتار رڪوريز ۽ محتاط پروڊنگ پريڪٽسز آهن جيڪي بقايا ڪريڊٽ رسڪ کي ڪنٽرول ۾ رکڻ ۾ مددگار رهيا آهن باوجود ان جي ته ليگيسي اين پي ايل پورٽ فوليو موجود آهي. پروفيٽيبلٽي جائزي واري عرصي ۾ مستحڪم رهي، جنهن جو سبب آرننگ ايسٽس ۾ واڌ ۽ نان مارڪ اپ انڪم ۾ اضافو آهي جيتوڻيڪ تازو پاليسي ريٽ ۾ گهٽتائي سبب اسپريڊز تي ٿورو دٻاءُ ٿيو آهي. ڪيپيٽلائيزيشن مضبوط آهي ۽ ريگيوليٽري رڪوائرمنٽس کان مٿي مناسب بفرز موجود آهن جيڪي انٽرنل ڪيپيٽل جنريشن ۽ محتاط بيلنس شيٽ ايڪسپينشن سبب قائم آهن. بينڪ جو ليڪوئڊيٽي پروفائيل پڻ مضبوط آهي جنهن کي وڌندڙ ۽ متنوع ڊپازٽ بيس، گهٽ خرچ وارن اڪائونٽن جي بهتر مڪس ۽ ريگيوليٽري ليڪوئڊيٽي انڊيڪيٽرز جيڪي لازمي حدن کان ڪافي مٿي آهن سهارو ڏنو آهي. هن ريٽنگ اينائونسمنٽ بابت وڌيڪ معلومات لاءِ 021-35311861-64 تي رابطو ڪريو يا info@vis.com.pk تي اي ميل ڪريو.

بقايا 20 روبينه خالد

جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته معذور ماڻهو اسان جي معاشري جو قابل احترام ۽ نهايت اهم حصو آهن تعليم،صحت ۽ روزگار جي موقعن تائين رسائي هر معذور فرد جو بنيادي ۽ آئيني حق آهي بي آءِ ايس پي معذورماڻهن جي فلاح ، مدد ۽ معاشي شموليت لاءِ عملي قدم کڻي رهيو آهي، انهن کي ترجيحي بنيادن تي پروگرامن ۾ شامل ڪيو پيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته معذور ماڻهن جي شموليت بهتر بڻائڻ لاءِ بي آءِ ايس پي ايم ٽي اسڪور جي حد کي 32 مان وڌائي 37 ڪيو ويو ته جيئن وڌ کان وڌ مستحق ماڻهو پروگرام مان فائدو حاصل ڪري سگهن. هن چيو ته هن وقت هڪ لک 8 هزار کان به وڌيڪ معذور عورتون بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت مالي مدد حاصل ڪري رهيون آهن جيڪا انهن کي با اختيار بڻائڻ ۽ انهن جي معاشي استحڪام طرف اهم قدم آهي روبينه خالد چيو ته اسان ان عزم جو اظهار ڪيون ٿا ته بي آءِ ايس پي مستقبل ۾ به پاڪستان جي سمورن معذور شهرين جي بهتري، مدد ۽ فلاح لاءِ پنهنجا قدم جاري رکندي.

بقايا 21 روڪي ڇڏي

اميگريشن درخواستن تي ڪارروائي روڪي ڇڏي آهي پرڏيهي ميڊيا موجب ٽرمپ انتظاميا اعلان ڪيو آهي ته قومي سلامتي ۽ عوامي تحفظ بابت خدشن سبب مختلف 19 يورپي ملڪن مان ايندڙ پرڏيهين پاران جمع ڪرايل سمورين اميگريشن درخواستن جي پراسيسنگ روڪي وئي آهي انهن درخواستن ۾ گرين ڪارڊ ۽ آمريڪي شهريت جون ڪارروائيون به شامل آهن اهي پابنديون 19 ملڪن تي لاڳو ڪيون ويون آهن. انهن ملڪن ۾ افغانستان ۽ صوماليا به شامل آهي سرڪاري ميمورينڊم ۾ واشنگٽن ۾ گذريل هفتي نيشنل گارڊ جي اهلڪارن تي ٿيل حملي جو حوالو ڏنو ويو آهي. ان واقعي ۾ هڪ اهلڪار مارجي ۽ هڪ ٻيو زخمي ٿيو هيو ميمورينڊم ۾ شامل ملڪن ۾ افغانستان، برما، چاڊ، ڪانگو، استوائي گني، هيٽي ،ايران، لبيا ، صوماليا ، سوڊان ۽ يمن شامل آهن انهن ملڪن تي جون ۾ سخت پابنديون لاڳو ڪيون ويون هيون. پابندين وارن ٻين ملڪن ۾ ڪيوبا ، لائوس، سيراليون ، ٽوگو، ترڪمانستان ۽ وينزويلا شامل آهن نئين پاليسي تحت انهن ملڪن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي التوا هيٺ درخواستن تي ڪارروايون روڪيون ويون آهن انهن جو ٻيهر جائزو ورتو ويندو.

بقايا 22 وفاقي گهرو وزير

وفاقي وزير محسن نقوي ڊيره اسماعيل خان ۾ پوليس گاڏي تي فتنہ الخوارج جي حملي جي مذمت ڪئي آهي. گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي شهادت ماڻيندڙ 3 پوليس اهلڪارن کي خراج عقيدت پيش ڪيو پنهنجي بيان ۾ گهرو وزير شهيد اي ايس آءِ گل عالم، سپاهي رفيق ۽ سخي جان جي ڪٽنبن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو گهرو وزير محسن نقوي، خيبر پختونخوا پوليس جي بهادر سپوتن جي قرباني کي سلام پيش ڪندي چيو ته شهيدن جي عظيم قربانين کي هميشه ياد رکيو ويندو ڪي پي ڪي پوليس جي قربانين کي قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا.

بقايا 23 جام ڪمال

ڪمال خان چيو آهي ته ڊي — 8 جا ميمبر ملڪ علائقائي اقتصادي تعاون کي مضبوط ڪن ترجيحي واپاري معاهدي (پي ٽي اي) کي فعال ڪن ۽ ڊجيٽل واپار ۾ ابرندڙ موقعن کي اختيار ڪن اهڙو اظهار هن گذريل ڏينهن قاهره ۾ منعقد ڊي - 8 واپاري وزارتي ڪائونسل جي چوٿين اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو سيشن ۾ واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان ڊي ايٽ پروٽوڪول آن ڊسپيوٽ سيٽلمينٽ ميڪينزم تي به صحيحيون ڪيون جيڪو تنظيم جي اداره جاتي مضبوطي طرف هڪ اهم قدم آهي. پنهنجي خطاب ۾ وفاقي وزير مصر جي حڪومت ۽ واپار واري وزارت حسن الخطيب جو ٿورو مڃيو هن آذربائيجان کي ڊي ايٽ جي سيني ڪان نئين ۽ 9 ميمبر طور پليڪار چوندي ان اميد جو اظهار ڪيو ته ان جي شموليت سان تنظيم جي اجتماعي اقتصادي طاقت ۾ اضافو ٿيندو. جام ڪمال خان ڊي ايٽ جهڙي علائقائي پليٽ فارمز جي ضرورت تي زور ڀريندي چيو ته سپلائي چين ۾ رڪاوٽون موسمياتي تبديلي ۽ جنسن جي منڊي ۾ لاهن چاڙهن کي اجتماعي طور تي حل ڪرڻو پوندو. جام ڪمال خان ڊي ايٽ ترجيحي معاهدي جي مرڪزي ڪردار کي انٽرا ڊي ايٽ واپار کي وڌائڻ لاءِ نهايت اهميت وارو قرار ڏنو ۽ ان جي موثر نموني لاڳو ڪي ان جي مڪمل فائدي کي حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري قرار ڏنو هن پي ٽي اي کي سمورن ميمبرن لاءِ مڪمل طور تي فعال ۽ موثر بڻائڻ لاءِ طريقيڪار کي هم آهنگ ڪرڻ آپريشنل چئلينجز کي حل ڪرڻ ۽ دستياوبزن کي هموار ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي عزم تي زور ڀريو هن چيو ته موثر ٽرانسپورٽ ڪوريڊورز، ڊجيٽل انضمام ۽ متوقع ٽرانزٽ سسٽم علائقائي واپار جي صلاحيت کي کولڻ لاءِ اهم آهن ۽ پاڪستان انهن ڪوششن ۾ تعميري تعاون لاءِ تيار آهي.

بقايا 24 قرار

زرتاج گل کي اشتهاري قرار ڏئي ڇڏيو آهي اي ٽي سي جي جج طاهر عباس سپرا پي ٽي آءِ اڳواڻن خلاف سنگجاني جلسي ڪيس تي ٻڌڻي ڪئي عدالت اڳوڻي اپوزيشن اڳواڻ عمر ايوب ۽ تحريڪ انصاف جي اڳواڻ زرتاج گل کي اشتهاري قرار ڏيندي جوابدارن جون ملڪيتون ضبط ڪرڻ جو به حڪم ڏئي ڇڏيو.

بقايا 25 سخت ڪاوڙ

والا جي صدارت ۾ ٿيو ميمبرن آءِ ايم ايف جي پاڪستان ۾ وڏي ڪرپشن بابت رپورٽ تي بحث ڪيو ميمبرن رپورٽ ۾ ٻڌايو ته مختلف شعبن ۾ سامهون ايندڙ وڏي ڪرپشن اسڪينڊلز تي شديد ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ميمبرن ايس آءِ ايف سي جي ڪارڪردگي معاهدن جي فقدان ۽ ملڪي معاشي صورتحال تي سخت تنقيد ڪئي سينيٽر دلاور خان چيو ته آءِ ايم ايف ملڪ ۾ 5300 ارب رپين جي ڪرپشن جي نشاندهي ڪئي آهي جنهن ادارن جو ذڪر رپورٽ ۾ ڪيو ويو آهي انهن جي خلاف ڇا ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 26 خطرو قرار

عالمي امن ۽ سلامتي جي فروغ جي لاءِ ڪوشش ۾ مصروف آهي ڏکڻ ايشيا کي وسيلن جي ورچ خاص طور تي دريائي پاڻين تي وڌندڙ تڪرار درپيش آهن جمون ۽ ڪشمير جهڙا پراڻا ۽ حل طلب سياسي تڪرار خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي لاءِ خطرو آهن شديد موسمي واقعن ۽ تيزي سان گليشيئرز جي پگهرڻ سڄي دنيا ۾ پاڻي وسيلن زراعت ۽ روزگار کي متاثر ڪيو آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه اربع ڏينهن انسٽيٽيوٽ آف اسٽريٽجڪ اسٽڊيز (آءِ ايس ايس آءِ) جي اهتمام هيٺ ٻن ڏينهن واري اسلام آباد ڪانڪليو 2025ع بعنوان ٿيميٽڪ فوڪس: "ري ايمجننگ سائوٿ ايشيا: سيڪيورٽي، معيشت، ڪلائميٽ، ڪنيڪٽيويٽي" کي خطاب ڪندي ڪيو تقريب ۾ چيئرمين بورڊ آف گورنرز آءِ ايس ايس آءِ خالد محمود، آءِ ايس ايس آءِ جي ڊائريڪٽر جنرل سهيل محمود، سفارتي ڪور جي ميمبرن ۽ پرڏيهي پاليسي جي ماهرن اسڪالرز تعليمي ماهرن پريڪٽيشنرز ڪانسواءِ پاڪستان ۽ خطي جي ٻين ملڪن سان تعلق رکندڙ مقررين پڻ شرڪت ڪئي نائب وزيراعظم چيو ته پاڪستان هڪ اهڙي ڏکڻ ايشيا جو تصور ڪري ٿو جتي رابطا ورچ جي جڳهه وٺن، معيشتون هم آهنگي سان ترقي ڪن تڪرارن کي عالمي قانوني جواز موجب پرامن طريقي سان حل ڪيو وڃي ۽ جتي وقار ۽ عزت سان امن برقرار رهي هن چيو ته پاڪستان ڏکڻ ايشيا جي بي پناهه صلاحيتن جو ادراڪ ڪرڻ جي لاءِ سمورن رضامند حصيدارن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي نائب وزيراعظم چيو ته دنيا ۾ وڌندڙ تڪرار عالمي عمل جي لاءِ خطرو آهن يورپ، وچ اوڀر ۽ آفريڪا ۾ تڪرارن سان گڏوگڏ غزه ۾ فلسطينين جي اسرائيل پاران نسل ڪشيءَ سميت علائقائي بحران پڻ تازن ڏينهن جي ڪجهه ڪاري ترين باٻن جي نمائندگي ڪن ٿا هن چيو ته 25 مئي تي 92 ڪلاڪن جي پاڪ ڀارت جنگ ۾ خطرناڪ حد تائين وڌڻ جو امڪان هو رياستن عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي چارٽر جي مقصدن ۽ اصولن کي نظرانداز ڪندي تڪرارن جي حل لاءِ طاقت جي استعمال سهارو ورتو آهي هن چيو ته آمريڪا پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ وقت سر جنگبندي ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو نائب وزيراعظم سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان جارحيت کي ناڪام بڻائڻ ۽ ڊيٽرنس کي سگهه ڏيڻ جي لاءِ عزم ۽ صلاحيت جو مظاهرو ڪيو آهي ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن جي لاءِ اسٽريٽجڪ استحڪام کي برقرار رکڻ جي ضرورت آهي هن چيو ته ڏکڻ ايشيا کي وسيلن جي ورچ خاص طور تي دريائي پاڻين تي وڌندڙ تڪرار درپيش آهن جنهن جو مثال سنڌ پاڻي معاهدي تي ڀارت جي غيرقانوني ۽ هڪطرفي اعلان سان ملي ٿو نائب وزيراعظم چيو ته جمون ۽ ڪشمير جهڙا پراڻا ۽ حل طلب سياسي تڪرار خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي لاءِ خطرو بڻيل آهن چو ته ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه جو عمل 11 سالن کان وڌيڪ عرصي کان تعطل جو شڪار آهي نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار موسمياتي تبديلي کي هڪ وجودي خطرو قرار ڏيندي چيو ته وڌندڙ گرمي پد، شديد موسمي واقعن ۽ تيزي سان گليشيئرز جي پگهرڻ سڄي دنيا ۾ پاڻي وسيلن زراعت ۽ روزگار کي متاثر ڪيو آهي هن چيو ته انتهاپسنداڻي نظرين سياسي پاپولزم جمهوري پسپائي ۽ اسلامو فوبيا جو عروج پوري دنيا تي منفي اثر وجهي رهيو آهي هن چيو ته پاڪستان جو هڪ واضح ۽ مستقل ويزن آهي جنهن جو محور هڪ منصفاڻو ۽ جامع عالمي نظام آهي ۽ هو بلاڪ پاليٽڪس جو مخالف آهي، پاڪستان گڏيل قومن ۾ گهڻ رخي جي پڻ حمايت ڪئي آهي.

بقايا 27 اظهار

۾ جوانن جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته قوم، پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز جي عزم آڏو بزدل دهشتگرد ڪڏهن ڪامياب نه ٿا ٿي سگهن. ڪالهه اربع ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ زخمي اهلڪارن جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي صدر دهشتگردي جي خلاف سيڪيورٽي ادارن ۽ پوليس جي مسلسل قربانين ۽ عزم کي سلام پيش ڪيو.

بقايا 28 ملاقات

بلتستان ۽ سيفران جي معاملن واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام سان آزاد ڪشمير جي مسلم ڪانفرنس جي مرڪزي چيف آرگنائيزر راجا ثاقب مجيد وزارت ۾ ملاقات ڪئي اربع ڏينهن سيفران جي معاملن واري وزارت مان جاري بيان مطابق ملاقات دوران راجا ثاقب مجيد، وفاقي وزير کي عمري جي ادائگي تي مبارڪون ڏنيون.

بقايا 29 ملاقات

پاڪستان پيپلزپارٽي جي سينئر اڳواڻ ۽ سينيٽر وقار مهدي گورنر هائوس اسلام آباد ۾ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ ملڪي سياسي صورتحال، آئيني معاملن ۽ اين ايف سي ايوارڊ سميت گڏيل دلچسپي جي ڪيترن ئي اهم معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اربع ڏينهن گورنر آفيس مان جاري بيان مطابق ٻنهي اڳواڻن ملڪ ۾ جمهوري ادارن جي استحڪام مختلف آئيني معاملن تي اڳڀرائي ۽ بين الصوبائي هم آهنگي سان لاڳاپيل معاملن تي پنهنجي موقف جو اظهار ڪيو.

بقايا 30 استقبال

زرداري ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف نور خان ايئربيس تي سندس شاندار استقبال ڪيو وفاقي ڪابينا جا ميمبر ۽ اعليٰ عملدار پڻ ڪرغزستان جي صدر جي استقبال لاءِ موجود هئا. وزيراعظم محمد شهباز شريف به سائنس پرجوش طريقي سان هٿ ملايو روايتي لباس پهريل ٻارن ڪرغزستان جي صدر صادر ژاپاروف کي گلدستو پيش ڪيو ڪرغزستان جي صدر جي ان موقعي تي صدر ۽ وزيراعظم سان خوشگوار جملن جي ڏي وٺ ٿي.

بقايا 31 ملاقات

عرب ۽ يو اين ويمن جي ڪنٽري نمائندي جمشيد قاضي سان گڏ گذريل ڏينهن هتي انساني حقن واري وزارت جي آفيس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ پاڪستان ۾ عورتن جي بااختياري ۽ صنفي برابري لاءِ ڪيل قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وزارت مان جاري بيان موجب وفاقي وزير ٻڌايو ته پاڪستان حڪومت عورتن جي حقن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي آئين قانون ۽ مختلف پاليسين ذريعي عورتن جي قومي زندگي ۾ مڪمل سهڪار کي يقيني بڻايو پيو وڃي ۽ کين تشدد، اڻبرابري ۽ معاشي محرومي کان محفوظ رکڻ تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي. وفاقي وزير انساني حقن واري وزارت، عورتن جي وقار بابت قومي ڪميشن (اين سي ايس ڊبليو)، انساني حقن بابت قومي ڪميشن (اين سي ايڇ آر)، فلاحي مرڪزن ۽ هيلپ لائن 1099 جي ڪردار تي به روشني وڌي جيڪي عورتن جي حقن جي تحفظ ۽ قانوني سماجي ۽ مالي مدد فراهم ڪري رهيا آهن.

بقايا 32 قرار

شهباز شريف مقامي مصنوعات جي پيداواري لاڳت کي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ موثر قدم کڻڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو آهي ته حڪومت پاران منظور ڪيل قومي ٽيرف پاليسي هڪ انقلابي قدم آهي هن اهڙن خيالن جو اظهار ڪالهه اربع ڏينهن پنهنجي صدارت ۾ ڪسٽمز ڊيوٽي ۽ واپاري شعبي ۾ ٻين سڌارن تي قائم ڪيل ڊيلي ورڪنگ گروپ جي سفارشن تي جائزي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته ملڪي صنعتي پيداوار ۽ واپار ۾ اضافي جي لاءِ شعبجاتي مخصوص تجويزن ۽ مسئلن جي نشاندهي لازمي آهي هن چيو ته ڏهاڪن کان معاشي ۽ صنعتي پيداواري صلاحيتن کي وڌائڻ جي لاءِ ايڪسپورٽ ڊيولپمينٽ فنڊ کي ريسرچ ۽ ٽريننگ تي استعمال نه ڪيو ويو ملڪي آمدني ۽ روايتي واپار جي شعبي ۾ ماهرن پاران سفارشون ۽ سڌاراجاتي تجويزون حقيقت تي ٻڌل انگن اکرن موجب هجڻ گهرجن هن چيو ته مقامي صنعت ۽ واپار ۽ مقامي آبادي جي لاءِ صنعتي مصنوعات جي پيداواري لاڳت کي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ موثر قدم کڻڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي حڪومت پاران منظور ڪيل قومي ٽيرف پاليسي هڪ انقلابي قدم آهي جيڪو ملڪي صنعتي پيداوار کي وڌائڻ سان گڏ مقامي ۽ عالمي منڊين ۾ ڪاروبار کي مقابلي وارو بڻائي ٿو وزيراعظم هدايت ڪئي ته ٻين ملڪن سان ٻطرفي ۽ لنگهه (ٽرانزٽ) واپاري مصنوعات جي بارڊر تي ڪسٽمز ڊيوٽي جي وصولي جي سخت نگراني ٿيڻ گهرجي.

بقايا 33 عطاءالله تارڙ

ايسوسيئيشن جي نئين چونڊيل عهديدارن جي حلف برداري جي تقريب کي خطاب ڪندي چئي اطلاعات واري وفاقي وزير نئين چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته پي آر اي سان سدائين گهرو رشتو رهيو آهي ۽ پريس گيلري ايوان جو هڪ لازمي حصو سمجهيو وڃي ٿي. هن چيو ته پي آر اي سدائين قومي، سماجي ۽ صحافتي مسئلن تي مضبوط ۽ فعال آواز جي طور تي سامهون آئي آهي. صحافي جڏهن واڪ آئوٽ ڪن ٿا ته انهن کي اها ئي عزت ۽ پروٽوڪول ملي ٿو جيڪو ڪنهن ايوان جي ميمبر کي حاصل هوندو آهي اهو هڪ منفرد اعزاز آهي. هن پي آر اي کي پارلياماني عمل ۽ پارلياماني جمهوري نظام جو مضبوط حصو قرار ڏنو ۽ چيو ته سندس سدائين ڪوشش رهي آهي ته صحافين سان رابطو برقرار رهي. اطلاعات واري وفاقي وزير صحافين جي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو ته صحافين جي روزگار جي تحفظ کي يقيني بڻايو ويندو.

بقايا 34 ٺهراءُ منظور

سيڪيورٽي)جي سفارش تي پيش ڪيون ويون، جتي کين وڏي حمايت حاصل رهي انهن مان 2 ٺهراءَ علائقائي هٿيارن جي گهٽتائي ۽ علائقائي ۽ ذيلي علائقائي سطح تي اعتماد سازي جي قدمن بابت ٺهراءُ ڪميٽي وانگر جنرل اسيمبلي ۾ به مڪمل اتفاق راءِ سان منظور ٿيون باقي 2 ٺهراءَ غير ايٽمي ملڪن کي ايٽمي رياستن طرفان ايٽمي حملا يا ڌمڪي کان بچائڻ لاءِ موثر عالمي انتظامن جي جوڙجڪ ۽ علائقائي ۽ ذيلي علائقائي سطح تي روايتي هٿيارن جو ڪنٽرول وڏي اڪثريت سان منظور ڪيا ويا.

بقايا 35 شهيد

ڪچي ناڪابندي ڪري واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 36

محسن اختر ڪياني پاران پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا کي ويندڙ سرڪاري اشتهارن جي حوالي سان ڏنل رمارڪس تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي رمارڪس ۾ جسٽس ڪياني چيو هو ته اخبارون ڊمي ٿي وڃن آهن ۽ پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا کي اشتهار ڏيڻ سان عوامي پئسي جو زيان ٿئي ٿو انهن رمارڪس سان ميڊيا انڊسٽري ۾ ڳڻتي جي لهر پکڙجي وئي آهي گڏيل بيان ۾ وضاحت ڪئي وئي ته سرڪاري اشتهار عالمي سطح تي عوامي معلومات لاءِ ڏنا ويندا آهن جنهن جو طريقيڪار طئہ ٿيل آهي ۽ اهي اشتهار سرڪاري پاليسين تي سختي سان عمل ڪندي بجيٽ جي حساب سان ڏنا ويندا آهن ۽ ميڊيا اشتهارن ۾ ايندڙ اها معلومات عوام تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي جنهن سان نه صرف قومي مقصد حاصل ٿئي ٿو پر عوام تائين وڌي جاڻ جي رسائي ٿئي ٿي هنن چيو ته پاڪستان جي ميڊيا مختلف ڏکين وقت، قدرتي آفتن ۽ ڀارت سان جنگ جهڙي صورتحال ۾ پڻ پنهنجي وطن سان گڏ بيٺي ۽ ڪوڙين خبرن جي هميشه حوصلا شڪني ڪئي آهي.

بقايا 37 طلب

طلب ڪري ورتي آهي. ارشد شريف قتل ڪيس جي ٻڌڻي گذريل ڏينهن وفاقي آئيني عدالت جي جسٽس عامر فاروق جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي عدالت حڪم ڏنو ته پيش ڪيل رپورٽ ۾ هن وقت تائين ٿيل قانوني اڳڀرائي سان گڏ ايندڙ جاچ بابت تجويزون به شامل ڪيون وڃن جن تي عدالتي موڪلن ڪانپوءِ بحث ٿيندو. جسٽس عامر فاروق پڇائو ڪيو ته ٽي سال گذرڻ باوجود جاچ ۾ ڪهڙي اڳڀرائي ٿي ۽ قتل جي ذميوارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ لاءِ ڪهڙا قدم کنيا ويا. ٻڌڻي دوران ارشد شريف جي گهرواريءَ جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته قانوني مثال موجود آهن جن موجب آئيني عدالت پاڻمرادو ڪارروائي جاري رکي سگهي ٿي. هن جي آءِ ٽي جي رپورٽ ڏسڻ جي اجازت به طلب ڪئي. جڏهن ته ايڊيشنل اٽارني جنرل عامر رحمان موقف اختيار ڪيو ته حتمي چالان جمع ٿيڻ کانپوءِ ئي لاڳاپيل دستاويزن تائين پهچ ممڪن آهي. ايڊيشنل اٽارني جنرل عدالت کي ٻڌايو ته ڪينيا کان قانوني مدد جو معاهدو ٿي چڪو آهي ۽ ڪرائم سين جو وزٽ ڪرڻ جي درخواست موڪلي وئي آهي جڏهن ته هن چيو ته پاڪستان ڪينيا سان سفارتي لاڳاپن کي نظر ۾ رکيو آهي ڇاڪاڻ ته ڪينيا مختلف عالمي فورمز تي پاڪستان جي حمايت ڪري ٿو عدالت سوال ڪيو ته ڪينيا ۾ جاچ جي موجوده صورتحال ڪهڙي آهي جنهن تي وڪيل ٻڌايو ته ڪينيا هاءِ ڪورٽ لاڳاپيل پوليس اهلڪارن کي جوابدار قرار ڏنو آهي پر انهن خلاف هن وقت تائين ڪارروائي شروع ناهي ٿي. جسٽس عامر فاروق چيو ته اهو انتهائي اهم نوعيت جو ڪيس آهي جنهن بابت سپريم ڪورٽ آف پاڪستان پاڻمرادو نوٽيس ورتو هو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته شفاف جاچ جو عمل جلد کان جلد مڪمل ڪئي. عدالت ارشد شريف جي وارثن سان ڏک جو اظهار ڪندي چيو ته سڀني جي خواهش آهي ته اصل جوابدارن کي سزا ملي جيتوڻيڪ ڪرائيم سين پرڏيهي ملڪ آهي ان لاءِ عالمي قانونن جي پابندي لازمي آهي.ايڊيشنل اٽارني جنرل ٻڌايو ته پاڪستان ۾ داخل ايف آءِ آر ۾ خرم وقار ۽ صالح نامزد آهن جيڪي مفرور آهن ۽ انٽرپول کان ريڊ وارنٽ لاءِ رابطو ڪيو ويو آهي هن چيو ته ايم ايل اي صحيح ٿيڻ ڪانپوءِ جي آءِ ٽي ڪينيا ۾ ڪرائيم سين جو جائزو وٺندي.

بقايا 38 ڪنٽرولر

انڊرگريجوئيٽ پوسٽگريجوئيٽ ۽ ڊاڪٽريٽ پروگرامز جي شاگردن کي ڊگريون ڏنيون وينديون مقامي حڪومت ۽ هائوسنگ ٽائون پلاننگ جي وزير سيد ناصر حسين شاهه هن تقريب جا چيف گيسٽ هوندا يونيورسٽي کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته ڊاڪٽر عشرت حسين اڳوڻو ڊين ۽ ڊائريڪٽر آئي بي اي ڪراچي ۽ مسٽر حسن علي خان چيئرمين بورڊ ۽ مينيجنگ ڊائريڪٽر ڪنٽينينٽل بسڪٽن لميٽيڊ، گيسٽ آف آنر طور شرڪت ڪندا. ڪنٽرولر امتحانات موجب ڪانووڪيشن لاءِ سمورين تيارين مڪمل ڪري ورتيون ويون آهن ته جيئن تقريب باوقار منظم ۽ سهڻي نموني ٿي سگهي.

بقايا 39 حڪم

ڪورٽ راولپنڊي بئنچ انجنيئر محمد علي مرزا جي ضمانت منظور ڪندي کيس ترت آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت طرفان انجنيئر محمد علي مرزا کي پنج پنج لک رپين جا ٻه ضمانتي مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

بقايا 40 منتقل

ڀيم گرم چشمه پارسي محلا ڊگري ڪاليج جي ويجهو نامعلوم شخص جو لاش مليو آهي. پوليس موجب مقتول جي ڳچي تي نشان مليا آهن ۽ شڪ آهي ته کيس ڳلا گهوٽڻ سان قتل ڪيو ويو آهي لاش جي سڃاڻپ 50 سالن جي محمد سليم جي نالي سان ٿي آهي.

بقايا 41

گورنمينٽ آف سنڌ
فوڊ ڊپارٽمينٽ
خالي آسامي

سنڌ صوبي جو ڊوميسائل ۽ مستقبل رهائشي سرٽيفڪيٽ (پي آر سي) رکندڙ اهل اميدوارن کان هيٺ ڄاڻايل آسامي لاءِ فوڊ ڊپارٽمينٽ ۾ مقرري واسطي ڄاڻايل قابليت ۽ تجربو رکندڙ کان هن اشتهار جي اشاعت کان 15 ڏينهن اندر درخواستون گهرائجن ٿيون.

سيريل نمبر	عهدي جو نالو	BPS	ريجن وائيز جاين جو تعداد		عمر جي حد		تعليمي قابليت، تجربو ۽ ٻيا شرط مقرري جي قائدن موجب
					گهٽ ۾ گهٽ	وڌ ۾ وڌ	
03	ڊيٽا پروسيسنگ اسسٽنٽ	12	ڪراچي (ايچ ڪيو)	02	21	28	بي.ايس ڪمپيوٽر سائنس/ آءِ.ٽي گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن يا ان جي برابر CGPA هائير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) پاران مڃيل يونيورسٽي وٽان.
			ٽوٽل	02			

02- درخواستگذار جيڪي هيٺ ڄاڻايل گهرجون پوريون ڪندا هجن، اهي ڄاڻايل عهدن لاءِ حڪومت سنڌ جي جاب پورٽل https://sjp.gos.pk تي درخواست ڏين.

i) درخواستگذار جن جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ آف گريجوئيشن ڪيٽيگري ۾ گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو مارڪن سان پاس ڪئي هجي جيڪا سکر IBA ٽيسٽنگ سروسز (STS) پاران ڪئي وئي هئي. جنهن جو سرٽيفڪيٽ رکندڙ جيڪو STS پاران جاري ڪيو ويو ڄاڻايل عهدن تي مقرري واسطي گهربل آهي.

ii) درخواستگذار جي عمر درخواست پيش ڪرڻ جي تاريخ کان رول 7 آف سنڌ سول سروينٽس موجب ڳڻي ويندي. (عمر جي مٿانهين حد ۾ رعايت) رولز 2024. جڏهن ته عمر ۾ رعايت جي حد 5 سال جو نوٽيفڪيشن سروسز، جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ جي نمبر SOII(SGA&CD)564/2011(Part-II) تاريخ 06-03-2025 موجب آهي.

iii) شروعاتي مقرري لاءِ مختص ڪيل ڪوٽا جو حصو سنڌ حڪومت جي پاليسي/رولز قائدن موجب لاڳو ڪيو ويندو.

iv) اهي درخواستگذار جيڪي اڳوات سرڪاري ملازمت ۾ آهن اهي پنهنجي کاتن کان اين او سي جاري ڪيل درخواست سان گڏ پيش ڪن ۽ اصل ڪاپي اين او سي جي انٽرويو وقت ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي اڳيان پيش ڪن.

v) مقرري سنڌ حڪومت جي پاليسي نوٽيفاءِ ڪيل تاريخ 26-04-2023 ۽ سنڌ سول سروينٽس ايڪٽ 1973 جي فقري تحت ۽ ان جي رول وقت بوقت ترميم ٿيل تحت ڪئي ويندي.

vi) درخواستگذار ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي آڏو اصل دستاويزن سميت انٽرويو لاءِ جاب پورٽل تي اپلوڊ ڪيل شيڊيول موجب پيش ٿيندا.

vii) انٽرويو لاءِ ڪو به ٽي اي/ڊي اي نه ڏنو ويندو.

(شعيب احمد نوناري)
سيڪشن آفيسر (جنرل)
فار سيڪريٽري فوڊ ڊپارٽمينٽ

INF/KRY No.4055/2025

iWORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

اقليتي ڪميشن بل .واعدا، اميدون ۽ حڪمت عملين جو امتحان
صفحو 4

ڊاڪٽر ريش ڪمار وانڪواڻي
سنڌ ڌرتي ماءُ جي نالي...!
صفحو 4

معاشري ۾ وڌندڙ عدمِ برداشت جا نفسياتي ۽ اخلاقي پهلو!
شاهد گل سمون
صفحو 4

اشتياق بيگ
دهشتگرد نيٽ ورڪن جو مرڪز بڻيل افغانستان!
صفحو 4

حيدرآباد ۾ معذورن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ريلي ڪڍي وئي،سوين معذور شريڪ

پاڪستان پاران گڏيل قومن جي اداري جي معذورن جي بحالي واري قانون تي صحيحون ڪرڻ باوجود معذور بنيادي حقن کان محروم آهن:سعيد خان

تعليمي ادارن،تفريح ماڳن،عوامي جائين تائين رسائي لاءِ معذورن لاءِ ڪو به بندوبست نه هجڻ سبب سخت مشڪلات کي منهن ڏئي رهيا آهن: مختيار خان

پيرسن معذورن لاءِ 10هزار رپيا ماهوار وظيفو مقرر ڪيو وڃي. ريلوي سوڌو عوامي جائين تائين پهچ يقيني بڻائي وڃي:عبدالمتين

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)معذورن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ايسوسيئيشن فار دي ويلفيئر آف هينڊي ڪيپ پرسن پاران اولڊ ڪيمپس کان سعيد خان،مختيار خان،عبدالمتين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي. ان موقعي تي هنن چيو ته ملڪ معذورن جي حالت گهڻي بهتر نه آهي پاڪستان پاران گڏيل قومن جي اداري پاران معذورن جي بحالي واري قانون تي صحيحون ڪرڻ باوجود ملڪ جا معذور ماڻهو بنيادي حقن کان محروم آهن. سرڪاري ادارن توڙي خانگي ادارن ۾ معذور ماڻهو نوڪرين کان محروم آهن. جڏهن ته امتيازي سلوڪ سبب تعليمي ادارن،تفريح ماڳن،عوامي جائين تائين رسائي لاءِ معذورن لاءِ ڪو به بندوبست نه هجڻ سبب سخت مشڪلات کي منهن ڏئي رهيا آهن. هزارين معذور ۽ انهن جا خاندان معاشي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن. هنن مطالبو ڪيو ته پيرسن معذورن لاءِ 10هزار رپيا ماهوار وظيفو مقرر ڪيو وڃي. ريلوي سوڌو عوامي جائين تائين پهچ يقيني بڻائي وڃي. معذورن کي ٽيڪس کان آجو قرار ڏنو وڃي ۽ موجوده ٽيڪس جي نظام ۾ نرمي ڪري پرڏيهه کان آٽوميٽڪ گاڏي گهرائڻ جي اجازت ڏني وڃي. معذور ماڻهن جي سنڀاليندڙ لاءِ 5000هزار رپيا مهينو وظيفو ڪجهه خانگي بينڪن جيان سمورن بينڪن سوڌو ٻين سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن ۾ پڙهيل لکيل ۽ گهٽ پڙهيل معذورن کي نوڪريون ڏنيون وڃن. هر ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ معذورن لاءِ خاص ڊيسڪ قائم ڪئي وڃي ته جئين معذورن لاءِ روزگار ۽ سهولتن جو حاصل ڪرڻ آسان ٿي سگهي

حيدرآباد: معذورن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

سرهاري پرسان ڪلهڙ ۾ سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي آمد جي سلسلي ۾ پروقار تقريب

پروقار تقريب سياسي سماجي اڳواڻ حاجي خان محمد جمالي جي ميزباني هيٺ سندس جي اوطاق تي منعقد ڪئي وئي

فنڪارن مور جمالي ۽ نهال جمالي سنڌ ڌرتي سان محبت جو اظهار ڪندي سنڌي ثقافتي قومي گيت پيش ڪري سنڌ ڌرتي کي ڀيٽا پيش ڪئي

سگهڙ گل بيگ جمالي پڻ پنهنجي سگهڙائپ جو شاندار مظاهرو ڪندي صنفون ۽ ڏور بيت پيش ڪري ويٺلن ۾ واهه واهه ڪرائي ڇڏي

ثقافتي ڏينهن اسان جو قومي عيد جو ڏينهن آهي جيڪو اسان سڀ گڏجي ڀرپور نموني سان ملهائينداسين: شرڪت ڪندڙ

سرهاري (ن ع) سرهاري پرسان ڪلهڙ جي علائقي ڳوٺ شير خان جمالي ۾ ست ڊسمبر سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي آمد جي سلسلي ۾ هڪ پروقار تقريب سياسي سماجي اڳواڻ حاجي خان محمد جمالي جي ميزباني هيٺ سندس جي اوطاق تي منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ وڏي انگ ۾ ڳوٺاڻن سنڌي ٽوپيون اجرڪ ۽ پٽڪا پهري روايتي جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪئي تقريب ۾ استاد امداد علي جمالي، ممتاز علي جمالي، محمد صالح جمالي، فراز علي جمالي، حسنين رضا جمالي، آفاق علي جمالي سميت ڪيترائي معزز ڳوٺاڻن ٻارڙن شرڪت ڪئي.مقامي فنڪارن مور جمالي ۽ نهال جمالي سنڌ ڌرتي سان محبت جو اظهار ڪندي پنهنجي سريلي آواز ۾ سنڌي ثقافتي قومي گيت پيش ڪري پنهنجي فن وسيلي سنڌ ڌرتي کي ڀيٽا ڪئي جڏهن ته ويٺلن جو داد حاصل ڪيو.جڏهن ته تقريب ۾ ٻارڙن پڻ سنڌي ٽوپيون اجرڪ ۽ پٽڪا پهري قومي ثقافتي گيتن تي رقص ڪرڻ تي تي مجبور ٿي پيا.سنڌ جي نامور سگهڙ گل بيگ جمالي پڻ پنهنجي سگهڙائپ جو شاندار مظاهرو ڪندي صنفون ۽ ڏور بيت پيش ڪري ويٺلن ۾ واهه واهه ڪرائي ڇڏي.ان موقعي تي مقررين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت هزارين سالن کان زنده تاريخ رکي ٿي ۽ ثقافتي ڏينهن جهڙيون تقريبون نوجوان نسل کي پنهنجي مٽي، ڌرتي ۽ ورثي سان وڌيڪ جوڙين ٿيون.ثقافتي ڏينهن اسان جو قومي عيد جو ڏينهن آهي جيڪو اسان سڀ گڏجي ڀرپور نموني سان ملهائينداسين.آخر ۾ ميزبان حاجي خان محمد جمالي پاران سندس تقريب ۾ شريڪ ٿيندڙ صحافي رياض زرداري کي روايتي سوکڙي لونگي جو تحفو پيش ڪيو

منگهو پير ٽائون ۾ ساليانو تبليغي اجتماع گاهه بابت تفصيلي اجلاس

اجلاس چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي صدارت ۾ منعقد ٿيو

اجتماع ۾ ايندڙ لکين شرڪت ڪندڙن لاءِ انتظامن جو جامع جائزو ورتو ويو

هي اجتماع صرف هڪ تقريب نه پر ايمان ۽ عقيدت جو معاملو آهي:نواز علي بروهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ)ساليانو تبليغي اجتماع گاهه جي حوالي سان هڪ تمام اهم ۽ تفصيلي اجلاس اڄ منگهو پير ٽائون ۾ چيئرمين منگهو پير ٽائون حاجي نواز علي بروهي جي صدارت ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ سيڪيورٽي روشني صفائي ۽ صفائي، ٽرئفڪ پلان، پارڪنگ، مسلسل پاڻي جي فراهمي ۽ اجتماع ۾ ايندڙ لکين شرڪت ڪندڙن لاءِ مجموعي انتظامن جو جامع جائزو ورتو ويو ۽ سڀني لاڳاپيل کاتن کي ذميواريون سونپيون ويون اجلاس ۾ وائيس چيئرمين منگهو پير ٽائون رانا محمد عارف، ميونسپل ڪمشنر منگهو پير ٽائون احمد يار ڪارين، اسسٽنٽ ڪمشنر اعجاز علي هاليپوٽو ضلعي اولهه جي صدر عابد حسين ستي ڪي- اليڪٽرڪ، واٽر بورڊ، ڪي ايم سي سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ، صحت کاتو پوليس، ٽرئفڪ پوليس، رينجرز ۽ ٻيا لاڳاپيل ادارا شامل هئا ان کان علاوه منگهو پير ٽائون جا آفيس قدير احمد ڊائريڪٽر ايڇ آر ايم، سپرٽينڊنٽ انجنيئر ذوالفقار علي جتوئي، سليم دربار ايڪشن بي ايڊ آن فهد ڪاڪي فوڪو اي ڊبليو ايم ايم ايڊ اي، لياقت صوبي جو ڊپٽي ڊائريڪٽر سينٽيشن حافظ محمد شعيب ڊائريڪٽر ايڊورٽائيزمينٽ، ساگر خان ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڊمن غفار جتوئي ڊائريڪٽر روڊ ڪٽنگ، ثريا عابد رحماڻي ايم وي او،ايس يو جي، اي ڊبليو اي آفاق عالم ۽ سب انجنيئر جنيد صديقي ۽ ٻين کاتن جا آفيسر پڻ اجلاس ۾ موجود هئا. اجلاس کي خطاب ڪندي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو ته تبليغي جماعت جو ساليانو اجتماع اسان جي علائقي جو اعزاز ۽ خوشي آهي. منهنجو هن گروهه سان تمام پراڻو ذاتي روحاني تعلق آهي. مان پاڻ ڪيترائي ڀيرا تبليغي جماعتن ۾ شامل رهيو آهيان. تنهن ڪري، منهنجي لاءِ هي اجتماع صرف هڪ تقريب نه پر ايمان ۽ عقيدت جو معاملو آهي. هن سال به لکين فرزند توحيد هتي گڏ ٿيندا. تنهن ڪري اسان سڀني جي ذميواري آهي ته سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪريون روشني جو نظام بهترين هجڻ گهرجي، پاڻي جي فراهمي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رهڻ گهرجي ۽ صفائي اهڙي هجڻ گهرجي ته پري پري کان ايندڙ مهمانن کي ڪنهن به قسم جي پريشاني کي منهن نه ڏيڻو پوي. هن وڌيڪ چيو ته گذريل سال اسان جيڪا روشني لڳائي هئي ان جي تمام گهڻي تعريف ڪئي وئي هن ڀيري، انشاءَ الله، اسان اجا به بهتر روشن ۽ محفوظ انتظام ڪنداسين هر کاتي کي پنهنجو ڪردار ايمانداري ۽ فرض شناسي سان ادا ڪرڻ گهرجي اجتماع ۾ ايندڙ بزرگ، نوجوان ۽ مهمان اسان لاءِ احترام جي لائق آهن ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ عبادت سمجهيو ويندو.چيئرمين اعلان ڪيو انشاء الله هن سال مان پنهنجي مدد سان هڪ سروس ڪيمپ لڳائڻ جو ارادو رکان ٿو جنهن ۾ پاڻي، ڪاڌي، ڪمبل ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وينديون ته جيئن پري پري کان ايندڙ ياتر ۽ پيسرون آرامده رهن مان پاڻ به اجتماع دوران باقاعدگي سان دورو ڪندس ۽ هر انتظام جي سڌي طرح نگراني ڪندس رينجرز ۽ پوليس عملدارن پڻ مڪمل سيڪيورٽي پلان تي بريفنگ ڏني ۽ هر ممڪن تعاون جو يقين ڏياريو اجلاس کان پوءِ چيئرمين حاجي نواز علين بروهي آفيسرن سان گڏ اجتماع واري هنڌ جو تفصيلي دورو ڪيو هن روشني جي جڳهن پاڻي جي لائينن صفائي جي جڳهن پارڪنگ جي علائقن داخلا ۽ نڪرڻ جي رستن ۽ سيڪيورٽي پوائنٽن جو احتياط سان معائنو ڪيو. چيئرمين، موقعي تي موجود آفيسرن کي هدايتون ڏيندي چيو ته اهو صرف هڪ سرڪاري فرض ناهي پر نيڪي جو ڪم آهي هر ڪم وقت تي معيار سان ۽ مڪمل ذميواري سان ڪيو وڃي اجتماع کان اڳ سڀئي انتظام مڪمل ڪيا وڃن آخر ۾ هن چيو ته هر سال وانگي منگهو پير ٽائون انتظاميه هن سال به اجتماع ۾ ايندڙ مهمانن کي بهترين سهولتون فراهم ڪندي ۽ اسان سڀ گڏجي هن ذميواري کي پورو ڪنداسين

ڪراچي: ٽائون ميونسپل منگهوپير چيئرمين حاجي نواز علي بروهي اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي ۾ ٻارڙي جو لاش ڳوليندڙ ٻار ايس ايس پي ايسٽ آفيس پهچي ويو

تنوير ايس ايس پي ايسٽ ڊاڪٽر فرخ رضا ملڪ سان ملاقات ڪئي

ايس ايس پي ايسٽ ڊاڪٽر فرخ رضا ٻار جي پيءُ کي هار پڻ ڏنو

ڪراچي (بيورو رپورٽ)ننڍڙي ابراهيم جو لاش ڳولڻ وارو ٻار تنوير ايس ايس پي ايسٽ ڊاڪٽر فرخ رضا ملڪ سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ ڊاڪٽر فرخ رضا ڪيس نقد انعام ۽ گلدستو پيش ڪيو ايس ايس پي ايسٽ ڊاڪٽر فرخ رضا ٻار جي پيءُ کي هار پڻ ڏنو تنوير گذريل ڏينهن رضاڪارانه امداد جو ڪم ڪيو هو ياد رهي ته آچر جي رات ڪراچي جي نيپا چورنگي علائقي جي ويجهو پنهنجي خاندان سان خريداري ڪرڻ لاءِ ويندڙ ٽن سالن جو ٻار ابراهيم هڪ مين هول ۾ ڪري پيو ۽ فوت ٿي ويو عوام ٻار جي لاش کي ڪڍڻ لاءِ 15هزار رپيا گڏ ڪري مشينري گهرائي، پر پوءِ به لاش نه ڪڍي سگهيا.ٻئي ڏينهن صبح جو تقريباً 15 ڪلاڪ گذري وڃڻ کان پوءِ ڪچرو ميڙيندڙ ٻار تنوير کي ابراهيم جو لاش مليو تنهن ڪري پوليس آفيسرن کانئس پڇيو ته هو ڪير آهي ٻار چيو ته مون لاش ڪڍيو ۽ پنهنجي چاچي کي ڏنو تنهن ڪري پوليس اهلڪارن ڪيس ڇماٽ هنئي ڪالهه ننڍڙي ابراهيم کي آهون ۽ سسڪن سان گڏ دفن ڪيو ويو

ڪراچي: ٻارڙي جو لاش ڳوليندڙ ٻار کي ايس ايس پي ايسٽ گلدستو پيش ڪندي

ميونسپل ڪميٽي ٻولهاڙي ۾ نادرا جون به آئي ڊيز بند سسٽم ناڪارا

پيدائشي،فوتي،نڪاح،طلاق سرٽيفڪيٽ وغيره ٺهڻ پڻ هفتن کان بند

هر اداري ۾ غريب عوام سان ويڙن ٿئي پئي ڪوبه داڻهن ٻڌڻ وارو

ڪوٽڙي(ن ع)ميونسپل ڪميٽي ٻولهاڙي ۾ نادرا جون به آئي ڊيز بند سسٽم ناڪارا.پورهيت عوام پنهنجي ٻارڙن جا پيدائشي سرٽيفڪيٽ ٺهرائڻ لاءِ پريشان پيدائشي سرٽيفڪيٽ، فوتي سرٽيفڪيٽ،نڪاح سرٽيفڪيٽ، طلاق سرٽيفڪيٽ وغيره ٺهڻ به هفتن کان بند . ايم.سي ٻولهاڙي جي انتظاميه ۽ عوامي نمائندن سميت ضلعي انتظاميه جي لاپرواهي سبب عوام سخت پريشان جڏهن ته اهڙي عمل تي سلجاهه وند ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته هر اداري ۾ غريب عوام سان ويڙن ٿئي پئي ڪوبه داڻهن ٻڌڻ وارو ڪونهي فقط عوام کي چڪرن مٿان چڪر لڳائڻ وارو عمل روان دوان آهي هنن چيو ته هر ادارو ٻاٿر ماڻهن حوالي آهي ته پوءِ اتي ڪير ڪنهن غريب جي داڻهن چو ٻڌندو ۽ اڙ جو اڙالو چو ڪندو هنن چيو ته ٻن هفتن کان ايم سي ٻولهاڙي ۾ نادراه سينٽر بند هجڻ عوام ساڻ وڏي نا انصافي آهي ان لاءِ اعلى اختيارين ۽ نادره کي اپيل آهي ته انساني جي پاسداري ڪري نه ڪي بنيادي حقن جي لتاڙ ڪري فوري طور نوٽيس وٺي ايم سي ٻولهاڙي ۾ نادره سينٽر کي فعال ڪري عوام کي بنيادي حق ڏنو وڃي ته جيئن عوام پنهنجي ٻارڙن جا پيدائشي سرٽيفڪيٽ سميت ٻيا لاڳاپيل سرٽيفڪيٽ پڻ حاصل ڪري سگهن ٻي صورت ۾ عوام پنهنجي بنيادي حقن جي حاصلات لاءِ عدالت جو در کڙڪائڻ جو حق رکي ٿو

سنڌي ادبي بورڊ پاران نامور فنڪارن جي مان ۾ رنگين مهورتي موسيقي تقريب اڄ ٿيندي

ڄامشورو (اپ ر)سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان "عاطف" جي سرواڻي هيٺ سنڌ جي نامور فنڪارن جي مان ۾ هڪ رنگين مهورتي موسيقي تقريب اڄ سنڌي ادبي بورڊ ۾ منعقد ٿي رهي آهي جنهن جو مقصد سنڌي موسيقي، ثقافت ۽ لوڪ ورثي کي هٿي وٺرائڻ آهي تقريب ۾ استاد امير علي خانديبا سحر حيدر علي سدارنگ علي رباب رباب شاهه ۽ امانت علي سميت نامور ۽ نوجوان فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا ۽ ڪلاسيڪل ۽ لوڪ ڌنن سان شرڪت ڪندڙن کي لطف اندوز ڪندا. مخدوم سعيد الزمان "عاطف" جي شاعري تي مشتمل شام موسيقي سنڌي ثقافتي رنگن کي نروار ڪندي.تقريب جي ميزباني سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ميرزا دبير حسين بيگ، پروگرام جي آرگنائيزر ميڊم گلبدن جاويد مرزا هوندي. جڏهن ته ادبي، ثقافتي ۽ سماجي سرگرمين سان لاڳاپيل ڪيترائي جاتل سڃاتل شخصيتون پڻ شرڪت ڪنديون. سنڌي ادبي بورڊ توقع ظاهر ڪئي آهي ته شائقين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري هن ثقافتي ايونٽ کي ڪامياب بڻائيندا. تقريب روايتي سازن ۽ سنڌي لوڪ موسيقي جي رنگارنگي ڌنن سان اختتام پذير ٿيندي

محرابپور جي اسپيشل ايجوڪيشن ۽ ريهبليٽيشن سينٽر پاران واڪ

محرابپور (ن ع)محرابپور جي اسپيشل ايجوڪيشن ۽ ريهبليٽيشن سينٽر ۾اسپيشل ماڻهن لاءِ عالمي ڏينهن جي ريفرنس مطابق اسپيشل اسڪول جي سينئراستاد ممتاز ڏاهري جي قيادت ۾ واڪ ڪيو ويو جنهن ۾اسڪول جي استادن شاهنواز ڏاهري حاڪم علي سومرو سيد مسور علي شاهه عبدالسميع سهتو ڊاڪٽر سحرش مسز سائقا ۽ اسڪل جي شاگردن شرڪت ڪئي، سينئراستاد ممتاز ممتازڏاهري عبرت کي ٻڌايو ته اسڪول ۾ شاگردن کي بهترين اسٽيڊي سان گڏ سنڌي ثقافتي تهذيب ايڪتا جي ڏينهن سميت قومي ڏينهن ملهائيندا آهيون جيئن شاگردن ۾ شعور اچي سگهي

خيرپورشگر مل سيزن 2025/26 جو افتتاح ڪري ڇڏيو

مل جي هلڻ سان روزگار ملندو،جنهن سان غربت ۾ ڪمي ايندي:احمد جماڻي

ريٽ4سو روپيه گهٽ آهي،ڪمند جو ريٽ 6سو روپيه في مڻ ڪيو وڃي:شهري اتحاد

خيرپور(ڊ ر)خيرپورشگر مل سيزن 2025/26 جو افتتاح سيد گل احمد شاهه جيلاني شگر مل جي ڊائريڪٽر احمد علي جماڻي RDجناب محمودالحسن GMناصرالدين بشير فاروقي CEOخيرپور شگر مل فراز مبين جماڻي جو آباگارن ورڪرن جي لاءِ نيڪ خواهشن جي اظهار ۽ ڪمند جو چار سو روپيه في مڻ مقرر ڪري ڇڏيو نوجوان بيروزگارن کي ميرٽ جي بنياد تي روزگار ڏيڻ انسانيت جي خدمت ڪرڻ جو پيغام پڙهي ٻڌايو ويو ان موقعي تي ڊائريڪٽر خيرپور شگر مل احمد علي جماڻي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته مل جي هلڻ سان بيروزگار نوجوانن کي روزگار ملندو جنهن سان غربت ۾ ڪمي ايندي آباگارن جي لاءِ اسان جا دروازا کليل آهن افتتاحي تقريب ۾ ڊي جي ايم ايڊمن غلام معين جت، ڊي جي ايم فنانس ضياء الحسن،ڊي جي ٽيڪنيڪل خادم ميمڻ ،ڊي جي انسٽرومنٽ عبدالجليل ، ڊي جي پراڊڪشن اسلم خانزادو، ڊي اليڪٽريڪل محمد رفيق منيجرالطاف مري، وريام خان لنجواڻي ۽ وڏي تعداد ۾ آبادگارن سوشل سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي خيرپور شهري اتحاد جي صدرميان غلام حسين فاتح ،آفتاب پنهور ۽ ٻين چيو آهي ته ڪمند جو ريٽ4سو روپيه تمام گهٽ آهي هنن چيو ته ڪمند جو ريٽ 6سو روپيه في مڻ ڪيو وڃي هنن چيو ته ڪنڊ 2 سو روپيه ڪلو سان وڪرو ٿئي ٿي هنن چيو ته خيرپور جي ڊپٽي ڪمشنر کي گهرجي ته 8 ئي تعلق ۾ ڪنڊ جا اڳهه چيڪ ڪيان وڃن ۽ جيڪڏهن 4سو روپيه شگرملن وارن ڪمند جو ريٽ مقرر ڪيو آهي ته پوءِ ڪنڊ به سو روپيه ڪلو هجڻ گهرجي

اوڏيرولال ۾ مشتاق چنو ۽ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ محرم ڪوسو جي عورتن پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

اسان جا مرد ڪجهه ٿاڻي تي بند آهن ۽ ڪجهه صدمي ۾ بيمار آهن:ارباب خاتون

ٽن ڏينهن اندر انصاف نه ٿيو ته اسان پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏينداسين

اوڏيرولال(ن ع)اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي حد واري ڳوٺ محرم ڪوسو جي عورتن مسمات ارباب خاتون مسمات بشيران خاتون ڪوسو . مسمات عزيزان زهرا معصوم ٻارڙن سميت بااثر مشتاق چنو ۽ پوليس جي زيادتين خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي الزام هنيو آهي ته . سيمان خاتو شائلا خاتو ڪوسو کي مشتاق چنو هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري زبردستي بيان ڏياري رهيا آهن. اسان جا مرد ڪجهه ٿاڻي تي بند آهن ۽ ڪجهه صدمي ۾ بيمار آهن. پوليس به انهن جو ساٿاري بڻيل آهي جي اسان سان ٽن ڏينهن اندر انصاف نه ٿيو ته اسان پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏينداسين

PRESS
@STATION
اوڏيرولال: مشتاق چنو ۽ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

مڪي پاڪ ۾ سنڌي ميڊيا جي سڏ تي ڪلچرل ڊي تقريب

کهڙي به ڪنڊ ۾ هجون پر سنڌ جي ٿڄ هر هنڌ ملهائيندا آهيون:عبدالعزيز گدارو

روزگار سانگي پرديس ۾ ترسيل آهيون پر سنڌ سان عقيدت ساڳي آهي

سڪرنڊ (س ر)دنيا جي ڇاهي کهڙي به ڪنڊ ۾ هجون پر سنڌ جيجل جي ٿڄ هر هنڌ ملهائيندا آهيون اهائي سنڌ جي فرزند جي نشاني آهي اها ڳالهه سڪرنڊ جائي مڪي واسي حاجي عبدالعزيز گدارو مڪي شريف ۾ سنڌي ميڊيا جي سڏ تي مڪي پاڪ ۾ گدارو هائوس تي ملهايل ثقافتي سڏ کي مان ڏيندي ملهايل ڪلچرل ڊي ۾ ڳالهائيندي چئي هن چيو ته توڙي جو روزگار سانگي پرديس ۾ ترسيل آهيون پر سنڌ سان عقيدت ساڳي آهي ان ڪري ڊسمبر ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان سنڌ ڌرتي ڌان آيل مهمان گهرائي ثقافتي عيد کي ملهايو آهي ان موقعي تي ذوالفقار هاليپوٽو ، مقبول احمد راهو سميت ڪئي مهمان شريڪ هئا جڏهن ته سنڌ جي نالي واري ڳلوڪاره صنم ماروي جي ڀيڻ ريشمان پروين پڻ خاص طور شرڪت ڪئي جنهن قومي گيت پيش ڪري ثقافتي عيد کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا ان موقعي تي ذوالفقار هاليپوٽو ڳالهائيندي چيو ته مڪي شريف ۾ اچون ۽ حاجي عبدالعزيز گداري جن جون محبتون نه ملن اهو ٿي نه ممڪن ٿي آهي ۾ اجوڪي ڪچهري ورهين تائين ياد رهندي جنهن ۾ سنڌ جي ثقافتي ڏينهن کي ملهائڻ لاءِ حاجي عبدالعزيز گدارو شاندار اهتمام ڪيو آهي هن وڌيڪ چيو ته ثقافتي خوشيءَ دوران سندس شاندار مهمان نوازي جيڪا هميشه جيان ڪمال جي هوندي آهي ان جا پڻ سندن شڪر گذار آهيون ڪچهريءَ جي پڇاڙي تي ريشمان پروين قلندر لال سائين جو گيت ڳائي ڪچهريءَ کي پڇاڙي تي پهچايو جنهن بعد عبدالسنڌ جون هڪبئي کي مبارڪون ڏنيون ويون

سڪرنڊ: مڪي پاڪ ۾ سنڌي ميڊيا جي سڏ تي ڪلچرل ڊي جي حوالي سان منعقد تقريب جو ڏيک

اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهبليٽيشن پير ذاڪري سڪرنڊ پاران جاڳرتا ريلي

معذورن جي عالمي ڏينهن تي غلام مجتبيٰ ڪوسو جي اڳواڻيءَ ۾ ريلي ڪڍي وئي

معذورن مان احساس محرومي ختم ڪري کين عام ماڻهوءَ جيان جيئڻ جو حوصلو ڏجي:اڳواڻ

سڪرنڊ (س ر)گورنمينٽ اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهبليٽيشن پير ذاڪري سڪرنڊ پاران 3 ڊسمبر معذورن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان وائس پرنسپل غلام مجتبيٰ ڪوسو جي اڳواڻيءَ ۾ جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي جيڪا چانڊيه پيٽرول پمپ کان شروع ٿي شهر جي اهم چوراهي قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ کان ٿيندي سڪرنڊ پريس ڪلب پهتي جتي سڪرنڊ پريس ڪلب جي ٽيم جنرل سيڪريٽري غلام حيدر سولنگي جي اڳواڻيءَ ۾ سندن آجيان ڪئي جنهن بعد قاضي الهوريو ميمڻ آڊيٽوريم هال ۾ جاڳرتا سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ شهري اتحاد جو صدر سانول ڪيريو ، جماعت اسلامي جو انوار احمد ، سي ڊي ايف جو عبدالحميد آرائين ، هيڊ ماسٽر چندر مل اوڊ ۽ همدرد سپورٽ پروگرام جو چيئرمين قاضي جاويد سنائي شامل هئا جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته اجوڪو عالمي ڏينهن ان ڪري به ملهايو وڃي ٿو ته جيئن هنن ٻارن مان احساس محرومي ختم ڪري کين عام ماڻهوءَ جيان جيئڻ جو حوصلو ڏجي تقريب کي پرنسپال غلام مجتبيٰ ڪوسو ڳالهائيندي چيو ته الحمد لله اسان جي اسڪول جو ماحول پڙهائي ڪانسواءِ به بهتر نموني هلي رهيو آهي جتي تعليم ۽ تربيت سان گڏ ٻارن کي لنچ سميت کين ماهوار وظيفو پڻ ڏنو ويندو آهي جڏهن ته اسپيشل ٻارن جي پڪ اينڊ ڊراپ جي پڻ سهولت آهي اڄ کان اڳ اسڪول جي استادن ۽ اسٽاف ريليءَ جا انتظم سنڀالي آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو جن ۾ محمد سليم ڪيريو ، ممتاز علي چانڊيو ، نظير احمد چانڊيو ، محمد علي ڏيگو ، احمد علي پتي ، عبدالستار مڱسي ، سيد محمد صادق شاهه ، دلبر بروهي ، نثار مڱسي ۽ نسيم ناز ٻلو شامل هئا

سڪرنڊ:اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهبليٽيشن پير ذاڪري پاران جاڳرتا ريلي ڪڍي پئي وڃي

ضلعي مٽياري ۾ منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري

اڏيرو لعل اسٽيشن ۽ هالا پوليس جي ڪارروائين دوران چار منشيات فروش گرفتار

ڪارروائي ۾ 69 گرام آئيس ۽ 150 عدد مُضر صحت گهٽڪو برآمد ڪيو ويو

مٽياري: هالا پاران منشيات سميت گرفتار ڪيل جوابدار

هالا(ن ع)ايس ايس پي مٽياري محمد عارف اسلم راٺو جي هدايتن تي ضلعي مٽياري ۾ منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي اڏيرو لعل اسٽيشن ۽ هالا پوليس جي ڪارروائين دوران چار منشيات فروش گرفتار ڪيا ويا آهن پوليس موجب ڪارروائي ۾ 69 گرام آئيس ۽ 150 عدد مُضر صحت گهٽڪو برآمد ڪيو ويو گرفتار ٿيل منشيات فروشن ۾ سجاد علي سهتو امداد ماڇي سليم پتي ۽ آصف شهزاد ميمڻ شامل آهن پوليس موجب مٿين سمورن ملزمان خلاف سرڪار جي مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

سڄاول ۾ معذورن جي سينٽر کان چانڊيه پرائمري اسڪول تائين جاڳرتا ريلي

معذور ٻارڙن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ سميت انهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ آهي:پيريل چانڊيو

معذور تعليم حاصل ڪرڻ سميت پنهنجو ڪاروبار ۽ گذر سفر ڪري سگهن ٿا

سڄاول (ڊ ر)سڄاول ۾ معذورن جي عالمي ڏينهن تي مورڙو مرڪز پاران ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر محمد پيريل چانڊيو نثار ميمڻ بلقيس ڪتي ۽ شاداب جوڻيجو جي اڳواڻي ۾ معذورن جي سينٽر کان چانڊيه پرائمري اسڪول تائين جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ مختلف ادارن جي اڳواڻن معذور ٻارڙن ۽ اسڪولي شاگردن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اي ڊي سي محمد پيريل چانڊيو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته هن ريلي جو مقصد معذور ٻارڙن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ سميت انهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ آهي ته اسان به معاشري جو حصو آهيون ۽ محنت ڪري تعليم حاصل ڪرڻ سميت پنهنجو ڪاروبار ۽ گذر سفر ڪري سگهن ٿا

سڪرنڊ ۾ پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ جي عنوان هيٺ ريلي ڪڍي وئي

سڪرنڊ (س ر)سڪرنڊ تعلقه ايجوڪيشن آفيسر عبدالمجيد لنڊ جي اڳواڻيءَ ۾ اولڊ پرائمري اسڪول ۽ اردو پرائمري اسڪول پاران " پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ " جي عنوان هيٺ گڏيل ريلي ڪڍي وئي جيڪا اسڪول کان شروع ٿي قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي پهتي ريليءَ ۾ مختلف اسڪولن جا استاد ۽ شاگرد پڻ شريڪ هئا جن ۾ آپڪا سڪرنڊ جو صدر نٿي بخش ملاح ، عبدالمجيد لنڊ ، عبدالصمد گبول ، محمد حنيف سرمرو ، ذوالفقار ميمڻ ، اقبال راجپوت ، جاويد خانزادو ، حضور بخش لنڊ ، امام بخش سيال ، امتياز ڪيريو ، عبداللطيف ملاح شامل هئا جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته سرڪاري اسڪولن ۾ محنتي استادن سان گڏ بهترين تعليم ۽ تربيت جو نظام آهي ان لاءِ مائٽن کي گهرجي ته هو پنهنجي ٻارن کي سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرائين هن چيو ته سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي پاران ڏنل تعليمي نعري " پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ " کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ريلي، جو اهتمام ڪيو آهي.

ملڪ جي صورتحال سٺي ناهي،صرف خدا ئي ان کي بهتر بڻائي سگهي ٿو:غلام مرتضيٰ جتوئي

.28 هين ترميم جون ڳالهيون شروع ٿي ويون آهن جيڪي تبديليون ڪرڻ جي ضرورت آهي اهي 28 هين ترميم ۾ نه ٿيون ڪري سگهجن

غلام مرتضيٰ جتوئي هر پيشي تي صبر ۽ برداشت سان پيش ٿي رهيو آهي،هو جهڪي نه رهيو آهي پر هر الزام جو جواب عزم سان وڙهي رهيو آهي:صفدر عباسي

سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن پڻ ثابت ڪيو آهي ته دٻاءُ ۽ جبر جي باوجود، اهي قانون جي حڪمراني قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن

رانڌڻ (ن ع)جي ڊي اي جو مرڪزي اڳواڻ ۽ نيشنل پارٽي جو سربراهه غلام مرتضيٰ جتوئي، جي ڊي اي جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر صفدر علي عباسي، ق ليگ اڳواڻ بابو سرور سيال ۽ سنڌس وڪيلن مجاهد علي جتوئي، قاضي منظور علي ۽ عرفان جتوئي سان گڏ ڏوڪري ۽ باڊهه ٿاڻن ۾ داخل ڪيسن جي حوالي سان لاڙڪاڻي جي ٻهرين ايڊيشنل ۽ سيشن جج جي عدالت ۾ پيش ٿيو،پيشي دوران ڪيس جو جاچ آفيسر به عدالت ۾ پيش ٿيو ۽ پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرايو بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي غلام مرتضيٰ جتوئي چيو ته ڪيترين ئي پيشين کان پوءِ آخرڪار ڪيس جو آءِ او اڄ پيش ٿيو جنهن جو بيان رڪارڊ ڪيو ويو هن چيو ته عدالت ڪيس جي ايندڙ ٻڌڻي لاءِ 20 ڊسمبر جي تاريخ مقرر ڪئي آهي ملڪ جي سياسي صورتحال بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ غلام مرتضيٰ جتوئي چيو ته ملڪ هن وقت مونجهاري ۾ آهي.28 هين ترميم جون ڳالهيون شروع ٿي ويون آهن جيڪي تبديليون ڪرڻ جي ضرورت آهي اهي 28 هين ترميم ۾ نه ٿيون ڪري سگهجن. تنهن ڪري 29 هين ترميم ڪري سگهجي ٿي ملڪ جي صورتحال سٺي ناهي صرف خدا ئي ان کي بهتر بڻائي سگهي ٿو جي ڊي اي جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر صفدر علي عباسي چيو ته غلام مرتضيٰ خان جتوئي هر پيشي تي صبر ۽ برداشت سان نوشهرو ۽ لاڙڪاڻي جي عدالتن ۾ پيش ٿي رهيو آهي. هن چيو ته هو جهڪي نه رهيو آهي پر هر الزام جو جواب ۽ عزم سان وڙهي رهيو آهي. ڊاڪٽر صفدر عباسي وڪيلن جي ڪردار جي به تعريف ڪئي جيڪي هر پيشي تي غلام مرتضيٰ جتوئي سان گڏ موجود آهن. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن پڻ ثابت ڪيو آهي ته دٻاءُ ۽ جبر جي باوجود، اهي قانون جي حڪمراني قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن 26 هين ۽ 27 هين آئيني ترميمن بابت ڳالهائيندي ڊاڪٽر صفدر عباسي چيو ته جي ڊي اي جو موقف بلڪل واضح آهي: اسان اهڙيون اسيمبليون قبول نٿا ڪريون جيڪي بدنيتي ۽ ڌانڌلي جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيون آهن هن چيو ته اسان جا ساٿي اڄ تائين حلف نه کڻي سگهيا آهن جي ڊي اي متحد آهي ۽ اسان جي جدوجهد جاري رهندي

رانڌڻ: جي ڊي اي اڳواڻ غلام مرتضيٰ جتوئي عدالتي پيشي بعد واپس اچي رهيو آهي

رمضان ڪوسو قتل ڪيس،پوليس اهلڪار پيش،عدالت 3 ڏينهن جو ريمانڊ ڏئي ڇڏيو

مٽلي (ڊ ر)رمضان ڪوسو قتل ڪيس معاملو رمضان ڪوسو قتل ڪيس ۾ اڳيرائي، پوليس اهلڪار پرڪاش مينگهواڙ ۽ پهلاج مينگهواڙ کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو سول اينڊ جوڊيشل مئجسٽريٽ ڊيپلو جي عدالت 3 ڏينهن جو ريمانڊ ڏئي ڇڏيو

چونڊڪو ۾ پيرا ميڊيڪ انسٽيٽيوٽ ۽ اسپتال غير فعال،سيڪريٽري صحت عدالت ۾ طلب

سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر اسپتال غير فعال هئڻ بابت درخواست تي سيڪريٽري صحت کي 15 ڊسمبر تي طلب ڪري ورتو

چونڊڪو ۾ پيرا ميڊيڪ انسٽيٽيوٽ ۽ 100 بسترن واري اسپتال ماڻهن لاءِ اهم ادارا آهن،پر اهي ٻئي ادارا غير فعال آهن:درخواست

اربين روپين جو خرچ ڪيو ويو هو پر 10 سالن ۾ فعال ناهي ڪيو ويو،چونڊڪو ۾ غير فعال اسپتال کي جلد فعال ڪيو وڃي:وڪيل

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي تحصيل ٽارا جي تعلقه هيڊ ڪوارٽر شهر چونڊڪو ۾ پيرا ميڊيڪ انسٽيٽيوٽ ۽ 100 بسترن واري اسپتال غير فعال هئڻ بابت درخواست تي سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر سيڪريٽري صحت کي 15 ڊسمبر تي عدالت ۾ طلب ڪري ورتو آهي تفصيل مطابق خيرپور جي تحصيل ٽارا جي تعلقه هيڊ ڪوارٽر شهر چونڊڪو ۾ پيرا ميڊيڪ انسٽيٽيوٽ ۽ 100 بسترن وارو اسپتال ماڻهن جي صحت لاءِ اهم ادارا آهن پر اهي ٻئي ادارا اڄڪلهه غير فعال آهن مقامي ماڻهن ۽ مريضن کي انهن ادارن جي غير موجودگي سبب سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو آهي درخواست ۾ اهو الزام آهي ته صحت جي ايوانن کي فعال ڪرڻ لاءِ حڪومتي ادارن کي فوري طور قدم اٿارڻ گهرجي سنڌ هاءِ ڪورٽ سکي عوامي مفاد ۾ ۽ انٽرنيشنل صحت سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ سيڪريٽري صحت کي عدالت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو آهي جيئن صحت جي سهولت کي بحال ڪرڻ لاءِ مناسب ڪارروائي ڪئي وڃي صحت کي 15 ڊسمبر تي عدالت ۾ طلب ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ تحصيل ٽارا جي مشهور سماج سڌارڪ اڳواڻ علي احمد پنهيرو معروف وڪيل شيراز فضل گهمرو جي معرفت سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري شڪايت ڪئي هئي ته اڳوڻي حڪومت جي دور ۾ وفاقي حڪومت خيرپور جي ريگستاني علائقي ٽارا جي چونڊڪو شهر ۾ پيرا ميڊيڪ انسٽيٽيوٽ ۽ 100 بسترن وارو اسپتال منظور ڪيو هو جنهن تي اربين روپين جو خرچ ڪيو ويو هو پر 10 سال گذرڻ باوجود اسپتال کي فعال ناهي ڪيو ويو علي احمد پنهيرو پنهنجي درخواست ۾ عدالت کان استدعا ڪئي ته چونڊڪو ۾ غير فعال اسپتال کي جلد فعال ڪيو وڃي عدالت جي ڊبل بينچ ۾ شامل ججن ذوالفقار علي سانگي ۽ جسٽس عبدالحامد ڀرڳڙي، شيراز فضل گهمرو ايڊووڪيٽ جا دلائل ٻڌڻ کانپوءِ سنڌ جي سيڪريٽري صحت کي 15 ڊسمبر تي عدالت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو آهي ياد رهي ته هي اسپتال اڳوڻي ايم اين اي ۽ جي ڊي اي جي رهنما پير سيد صدر الدين شاهه راشدي چونڊڪو ۾ اربين روپين جي لاڳت سان سرڪاري خرچ تعمير ڪرائي هئي جيڪا گذريل 10سالن کان غير فعال آهي صحت کاتو ۽ پي پي ايڇ آئي قبضو وٺڻ لاءِ تيار ناهين جڏهن ته ڪجهه وقت اڳ گمس گمبٽ جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي اسپتال جو دورو ڪري آيو هو ليڪن اسپتال ڀتيون ۽ ديواريون ڪمزور ٿينديون پيون وڃن جنهن صحت کاتي جو ڪو به ادارو وٺڻ لاءِ تيار نه آهي اربين رپين جي اسپتال غير فعال بڻيل آهي جتي جانور گهمي رهيا آهن

HYDERABAD PRESS CLUB
حيدرآباد پريس ڪلب
حيدرآباد: نوراني بستي جا رهواسي زبير قريشي جي قتل خلاف احتجاج ڪندي

مٽلي جي ڳوٺ هيماسر ۾ زخمي ٿيل همراهه حيدرآباد ۾ زخمن جا تاب نه سهندي فوت

مٽلي (ڊ ر)ٻه ڏينهن اڳ تعلقي مٽلي جي ڳوٺ هيماسر ۾ ٻني جي تڪرار تان ٻني تي سنل شخص نينو مل ميگهواڙ تي کهاڙين جا وار ڪري رٽوت ڪرڻ بعد زخمي ٿيل همراهه سول اسپتال حيدرآباد ۾ زخمن جا تاب نه سهي فوت ٿي ويو آهي جڏهن ته جوابدار بصر مل ميگهواڙ پوليس حراست ۾ آهي لاش ڳوٺ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

سيڻارجا ويجهو ساليانو يارهين شريف ۽ عرس مبارڪ جو عاليشان پروگرام

مدرسه الغوثيه القادريه ۾ پير اسماعيل شاهه جيلاني جي ميزباني هيٺ پروگرام ٿيو

نبين جي سردار جي ولادت باسعادت ڪائنات لاءِ رحمتون بڻجي آئي آهي:علماءِ ڪرام

سيڻارجا(ن ع)سيڻارجا ويجهو مدرسه الغوثيه القادريه پير ٻڌڙو ۾ پير سيد محمد اسماعيل شاهه جيلاني جي ميزباني هيٺ ساليانو وڏي يارهين شريف ۽ عرس مبارڪ جو عظيم عاليشان پروگرام ٿي گذريو جنهن ۾ سنڌ جي مختلف شهرن کان سوين عاشقان رسول ﷺ پاران قافلن جي صورت ۾ شرڪت ڪري جلسي کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا، جلسي ۾ پير سيد محمد عاشق علي شاهه جيلاني جنت البقيع واري جي سٽن ٿي شهزادن سميت سنڌ ۽ پنجاب جي جماعت اهليسنت سان تعلق رکندڙ مشهور معروف علماء ڪرام پاران شرڪت ڪئي ان موقعي تي پير سيد سردار علي شاهه جيلاني ، علامه مفتي نصر عباس قادري ،علامه مفتي جعفر حسين قريشي پير سيد گل احمد شاهه ، پير سيد اسماعيل علي شاهه جيلاني ،پير سيد ميران شاهه جيلاني سميت ٻين علماء ڪرام خطاب ڪندي چيو ته نبين جي سردار محمد مصطفيٰ صلي عليه عليه وسلم جن جي ولادت با سعادت ڪائنات لاءِ رحمتون بڻجي آئي آهي ، ولادت رسول ڪريم جو پر مسرت ڏهاڙو مسلمانن لاءِ خوشي جو ڏهاڙو آهي هنن چيو ته حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جو پيغام آهي ته الله پاڪ هڪ آهي جن جو دين اسلام آهي پاڻ ڪريم جن فرمايو ته دنيا ۽ آخرت جون ڪاميابيون فقط الله پاڪ جي رضا سان ئي ممڪن آهن رسول ڪريم جي پوري زندگي دنيا جي انسانن لاءِ سٺي راهه آهي جن دشمنن سان به سٺو ورتا ڪرڻ جو درس ڏنو آهي نبي ڪريم صلم جن جو دنيا ۾ ٻيو ڪوئي مثال ئي نٿو ملي هنن وڌيڪ چيو ته پيران پير دستگير جي يارهين شريف ڪرڻ سان اسان کي يقين آهي ته جيڪو هر مهيني يارهين شريف ڪندو آهي ان جي رزق روزي ۾ برڪت پوندي آهي ته ان کان علاوه سنڌ جي مشهور معروف نعت خوان احتشام افضل پنهور ۽ ٻين پاران سهڻي محبوب ﷺ جي شان ۾ نعت رسول مقبول ﷺ چئي خوب داد حاصل ڪيو جڏهن ته جلسي جي خصوصي دعا قادري تحريڪ پاڪستان جي صدر پير طريقت رهبر شريعت گادي نشين درگاهه عاليه ديهه سوهو شريف سخي سردار علي شاهه جيلاني پاران گهري وئي جڏهن ته يارهين جو لنگر صبح کان شام مغرب تائين جاري رهيو ان موقعي تي پوليس پاران سڪيورٽي جا سخت انتظام پڻ ڪيا ويا هئا

سيڻارجا: يارهين شريف جي پروگرام کي اڳواڻ خطاب ڪندي

سڄاول جي عدالت ۾ قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ٻن جوابدارن کي سزائي موت

فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج چار جوابدارن کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

جوابدار حاجي يعقوب ٿهيم ۽ رفيق احمد ٿهيم کي سزاءِ موت جي سزا ٻڌائي وئي

سڄاول (ڊ ر)سڄاول جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ٻن جوابدارن کي سزاءِ موت ۽ چار جوابدارن کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي.خبر موجب،فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج اشفاق احمد نظاماڻي جي عدالت، جاتي ٿاڻي جي ڪيس نمبر 7/2023 (دفعا 302، 34 پي پي سي) ۾ قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار حاجي يعقوب ٿهيم ۽ رفيق احمد ٿهيم کي سزاءِ موت جي سزا ٻڌائي ڇڏي جڏهن ته چار جوابدارن نور علي جت، رجب علي جت، محمد علي جت ۽ مقبول احمد جت کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي هي ڪيس الهڏنو ٿهيم ۽ اسماعيل ٿهيم جي قتل جو هو جيڪو امام بخش ولد حسام ٿهيم جي فرياد تي جاتي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو

سڄاول: سزائي موت ۽ عمر قيد جي سزا هيٺل آيل جوابدار لاڪپ ۾ بيٺل آهن

مخدوم جميل الزمان علي گوهر خان مهر سان سندن والده جي وفات تي تعزيت ڪئي

هالا(ن ع)سروري جماعت جي روحاني پيشوا ، پي پي قومي اسيمبلي ميمبر مخدوم جميل الزمان پاران مهر هائوس ڪراچي ۾ علي گوهر خان مهر سان سندن والده جي وفات تي تعزيت ڪئي سروري جماعت پاڪستان جي روحاني پيشوا ۽ پيپلز پارٽي جي ايم اين اي مخدوم جميل الزمان جي مهر هائوس ڪراچي آمد ٿي جتي هنن پيپلز پارٽي جي اڳواڻ علي گوهر خان مهر سان سندن والده جي رحلت تي ڏک جو اظهار ڪيو ۽ مرحومه جي ايصال ثواب لاءِ خاص دعا گهري دعا ۾ شريڪ ٿيڻ وارن ۾ قاضي شهاب الدين، جسٽس رسول بخش ميمڻ رئيس غلام رسول اٺ احسن علي مهر شير افضل جاتوئي، عامر بهزاد ميمڻ نديم ڪرلائي ڏاهري ۽ سينيئر صحافي محمد افتخار ميمڻ عبدالرحيم ميمڻ ۽ ٻيا شامل هئا

هالا: مخدوم جميل الزمان علي گوهر خان مهر سان سندن والده جي وفات تي تعزيت ڪندي

ادي بينا مسرور جي وفات جي خبر انتهائي ڏک ۽ صدمو پهچايو آهي:مخدوم سعيد

ڄامشورو (اپ ر)سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان "عاطف" نامور فنڪار ۽ شاعر ليڪڪ قومي راڳي بيدل مسرور جي گهر واريءَ جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو آهي

زبير قريشي ۽ آصف جا قاتل48 ڪلاڪن ۾ گرفتار ڪيا وڃن:زبيده قريشي

زبير ۽ دوستن علائقي ۾ پاڪ آرمي جي شهده يادگار تعمير ڪرڻ پئي چاهيو

ڀاءُ ۽ ان جي دوست کي ذاتي دشمني جي بنياد تي قتل ڪيو ويو آهي

ٻه هفتا گذرڻ باوجود پوليس ٻنهي جا قاتل گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي علائقي پريٽ جي رهواسي جي ڀيڻ زبيده قريشي ۽ ڀاءُ مزمل ۽ ٻين ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس مطالبو ڪيو آهي ته ڀاءُ زبير ۽ ان جي دوست آصف جا قاتل48 ڪلاڪن ۾ گرفتار ڪيا وڃن ٻئي ۾ صورت ۾ ايس ايس پي آفيس سامهون ڌرڻو هنيو ويندو. هن چيو ته سندس ڀاءُ زبير ۽ ان جا دوست علائقي ۾ پاڪ آرمي جي شهده جي ياد گار تعمير ڪرڻ پئي چاهيو جڏهن ته ڀاءُ ۽ ان جي دوست کي ذاتي دشمني جي بنياد تي قتل ڪيو ويو آهي. هن چيو ته ٻه هفتا گذرڻ باوجود پوليس ٻنهي جا قاتل گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام آهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 04 ڊسمبر 2025ع

اقليتي ڪميشن بل.واعدا، اميدون ۽ حڪمت عملين جو امتحان

پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس مان منظور ٿيل 'قومي اقليتي حقن بابت ڪميشن بل 2025' پاڪستان جي آئيني تاريخ ۾ هڪ اهم قدم طور سامهون آيو آهي. هي بل نه رڳو اقليتي برادرين جي قانوني تحفظ کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو واعدو ڪري ٿو پر انهن جي آئيني حقن بابت بنيادي سوالن کي رياستي سطح تي منظم نموني اٿارڻ لاءِ هڪ نئون فريم ورڪ به مهيا ڪري ٿو. پاڪستان ۾ اقليتي برادرين کي درپيش مسئلا - مذهبي آزادي کان وٺي معاشرتي امتيازن، غلط الزام، حراست ۽ سماجي ٺٺولين تائين- هميشه قومي ضمير کي جنجهوڙيندا رهيا آهن. تنهن ڪري اهڙي قانوني فريم ورڪ جي ضرورت گهڻي وقت کان محسوس ٿي رهي هئي، پر سوال اهو آهي ته ڇا هيءُ ڪميشن واقعي ئي انهن مسئلن جو حل بڻجندي يا رڳو هڪ نئون ادارو بڻجي رهندو؟ بل مطابق 16 رڪني ڪميشن جوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هر صوبي مان به اقليتي ميمبر، اسلام آباد مان هڪ ميمبر ۽ گڏوگڏ ٽن موجوده قومي ادارن- نيشنل ڪميشن فار هيومن رائٽس، وومن اسٽيٽس ڪميشن ۽ ٻارن جي حقن واري ڪميشن جا نمائندا شامل هوندا. هن جو مقصد اهو آهي ته اقليتن جي مسئلن کي ٻين انساني حقن جي ادارن سان الڳ نه، پر گڏيل رشتن ۾ ڏٺو وڃي. ساڳئي وقت چار وفاقي وزارتن جا اعليٰ آفيسر به ڪميشن جو حصو هوندا، جنهن سان حڪومت جي پاليسي سطح تي شموليت وڌندي.

چيئرمين جي مقرريءَ جو طريقيڪار به بل جو اهم حصو آهي. 60 ڏينهن اندر مقرري، پارلياماني ڪميٽي جي برابريءَ واري نمائندگي ۽ حڪومت - مخالف ڌر ٻنهي جي رضامنديءَ کي لازمي قرار ڏيڻ يقيناً هڪ سٺي شروعات آهي. پاڪستان ۾ عام طور اهڙن ادارن تي هڪ ڌر جو غلبو رهي ٿو پر هن دفعي توازن رکڻ جي ڪوشش تعريف جوڳي آهي. البت، جيڪڏهن پارلياماني ڪميٽي چيئرمين تي اتفاق نه ڪري سگهي ته معاملو وزيراعظم ڏانهن ويندو، جيڪو چئن ميمبرن مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪندو. هن شق ۾ ٿورو خدشو به سماجي حلقن ۾ ڏٺو پيو وڃي، ڇاڪاڻ ته وزيراعظم جو اختيار آخرڪار ڪميشن جي 'غير جانبداري' کي چيلينج به ڪري سگهي ٿو. بل ۾ جيڪي سڀ کان اهم شقون شامل آهن انهن ۾ هڪ 'ڪميشن جا وسيع اختيارات' آهن. پوليس اسٽيشنن ۽ جيلن جو دورو، غير قانوني حراست جي نشاندهي، عدالتي ڪاروائين ۾ ڌر بڻجڻ سرڪاري ادارن کان ڊيٽا طلب ڪرڻ ۽ اقليتن خلاف نفرت انگيز مواد تي ڪارروائيءَ جي سفارش ڪرڻ يقيناً عملي قدم آهن. پاڪستان ۾ ڪيترائي واقعا اهڙا پيش آيا آهن جتي الزام تراشي، فريب، نفرت ۽ سماجي دٻاءَ سبب اقليتي ماڻهو عدالتن تائين پهچڻ کان اڳ ئي انصاف کان محروم ٿي ويندا آهن. اها ڪميشن جيڪڏهن حق ۾ مضبوط طريقي سان ڪم ڪري، ته اهڙن مسئلن کي گهٽائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. بل ۾ تحقيق، فيڪٽ فائنڊنگ رپورٽون، سوشل ميڊيا جي نگراني، سول سوسائٽيءَ سان رابطا، عالمي فورمن تائين رسائي ۽ اقليتي قيدين جي قانوني مدد جهڙيون شقون به شامل آهن. هي سڀ اختيارات ٻڌائن ٿا ته ڪميشن کي صرف "نشاندهي" وارو ادارو نه رکيو ويو آهي، پر ان کي هڪ مڪمل طاقتور انساني حقن واري فورم بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان سان گڏ 'اقليتي ڪائونسل' جي قيام سان مختلف برادرين- هندن، عيسائين، سکن، پارسي ۽ ٻين گروهن کي نمائندگي ملندي، جنهن سان پاليسي سازيءَ ۾ انهن جي آواز کي اهميت حاصل ٿيندي.

اقليتي ڪميشن کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ لازمي آهي ته حڪومت ان کي صرف هڪ رسمي ادارو نه سمجهي، بلڪ ان کي اهڙو مضبوط پليٽفارم بڻائي جتي اقليتي برادريون بيخوف ٿي پنهنجا مسئلا بيان ڪري سگهن. پاڪستان ۾ مذهب جي نالي تي ٿيندڙ امتيازي سلوڪ، ڌمڪيون، جبري مذهب تبديليءَ جا ڪيس، عبادتگاهن تي حملا ۽ سماجي بائيڪاٽ جهڙا مسئلا رڳو قانونن سان حل ناهن ٿيندا، جيستائين انهن جي نگراني ڪندڙ ادارن کي حقيقي قوت فراهم نه ڪئي وڃي. هن نئين بل سان توقع وڌي آهي، پر ساڳئي وقت هڪ وڏو ذميوارانه امتحان به آهي. حڪومتي ادارن، پوليس، عدالتن، مدرسن، تعليمي ادارن ۽ ميڊيا کي به اقليتي حقن جي تحفظ بابت پنهنجو ڪردار نڀائڻو پوندو. معاشري ۾ رواداري وڌائڻ لاءِ قانون سان گڏ شعور، تربيت ۽ جوابدهي به لازمي آهي.

لطيفي لاٽ — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

گهيڙان ڪَري نه گهورَ، تڙَ تَڪڙَ ڪان نه لَهي؛
جَنهنڪي سِڪَ ساهڙَ جي، پُورَن مَٿي پُورَ؛
ڪارِيءَ راتِ ڪُنَن ۾، وَهَمَن ڪِي وَهلُورَ؛
جَنهِنڪي ساڻُ پِريان جا سُورَ، تَنهِنڪي نَدِي ناهِ نِگاهَ ۾.
(سُر سهڻي)

آئيني جي اڳيان

'من اندر جي آس نراس'

حڪيم پريم چانڊرائي

من اندر جي آس نراس،
چؤواٽو ۽ رات اماس.

انساني من جو سفر ڪنهن هموار شاهراهه جو سفر ناهي، بلڪ اها هزار رستن جي اها ڀٽڪي ويل واٽ آهي، جتي هڪ پاسي آس جون جهلڪيون بهتريءَ جا امڪان کولي ٿي بيهي ۽ ٻئي پاسي نراس جا پاڇا ذهن تي پٿر جيان بار وجهن ٿا. انسان ٻاهر جي رونقن کان گهڻو اڳ اندر جي اونداهين ۽ روشنيءَ سان منهن ڏئي ٿو ڇو ته حقيقت ۾ هر جنگ اندر ۾ شروع ٿئي ٿي ۽ اندر ۾ ئي ختم ٿي ويندي آهي.

من ۾ اڀرندڙ آس ڪنهن چنڊ جي پهرين ڪرڻ جهڙي هوندي آهي، جيڪا دل تي يقين جو نور وجهي ٿي، انهن خيالن کي زنده ڪري ٿي، جيڪي وقت جي سختين ڪري مرڻ لڳا هجن. پر ساڳي دل تي نراس جا ڪارا پاڇا به ڪارونڀار وانگر لهي اچن ٿا ۽ زندگيءَ جي هر خوبصورتيءَ کي، ڌنڌلو ڪري ڇڏين ٿا. اڪثر انسان هن ٻنهي قوتن جي وچ ۾ ڦاٿل رهندو آهي، ڪڏهن آس جو هٿ مضبوطيءَ سان پڪڙي اڳتي وڌڻ ٿو چاهي ته ڪڏهن نراس جا هٿ ڪيس پٺتي ڌڪي ڇڏن ٿا. زندگيءَ جو چؤواٽو به اصل ۾ رستن جو تڪرار نه پر فيصلن جو امتحان آهي، هر موڙ تي هڪ سوال بيٺو هوندو آهي ڇا اڳتي ڏک آهن يا سک؟ ڇا اڳتي همت آهي يا هار؟ انسان جيڪڏهن غلط رستو چونڊي به وٺي ته به اهو ناڪامي نه پر شعور جو وڌڻ هوندو آهي، ڇو ته غلط موڙ به صحيح منزل ڏانهن وٺي ويندا آهن. جيڪڏهن انسان سوچڻ جي صلاحيت کان هٿ نه کڻي، زندگيءَ جا چؤواٽا ئي انسان کي پاڻ سان روبرو ڪرائين ٿا ته آخر اندر جو انسان ڪيترو مضبوط آهي؟

رات اماس جو منظر به ساڳئي فلسفي کي سمجهائي ٿي، اونده جو وڌڻ ڪنهن به صورت ۾ روشنيءَ جي موت جي خبر ناهي. اماس جي رات کان پوءِ ئي چنڊ جا پهريان ڪِرڻا جنم وٺن ٿا. ساڳي طرح انسان جي زندگيءَ ۾ به هڪ وقت اهڙو ايندو آهي جو هر شيءِ ختم ٿيندي محسوس ٿيندي آهي. اميد جي ڪا به هڪ چٽڪ يا ڪو ڪرڻو به نظر نه ايندو آهي پر حقيقت ۾ اهو ئي وقت نئين جنم، نئين سوچ ۽ نئين سحر جو پيش لفظ هوندو آهي. اندر جي اماس ئي اندر جي چانڊوڪيءَ کي جنم ڏيندي آهي، جيئن درد ئي شعور جي سِکيا ڏيندو آهي.

اصل بهادري اها ناهي ته انسان ڪڏهن به نه ٿڪجي، پر اصل بهادري اها آهي ته هو ٿڪجي به وري اٿي بيهي، ٽٽي به وري پاڻ کي جوڙي ۽ روئي به وري مکڙيءَ تي مُرڪ آڻي، ڇو ته زندگيءَ جو سفر رُڪجڻ جو نه پر هلڻ جو نالو آهي. آس ۽ نراس هر انسان جو ساٿ ڏيندڙ آهن پر جيڪو ماڻهو انهن ٻنهي ۾ توازن پيدا ڪري ٿو اهو ئي حقيقت ۾ زندگيءَ کي سمجهي ٿو.

آخرڪار من جي سفر کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته انسان پنهنجي اندر جي رات اماس کان نه ڊڄي، ڇو ته اها رات ئي نئين سحر جو در کوليندي آهي. چؤواٽو جيڪڏهن ذهني ڇڪتاڻ جو آهي ته نئين سوچ سان نوان نوان ڪاميابيءَ جا در کُلندا ويندا آهن. بس مايوس ٿيڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ ته رستن ۾ هڪ سڌو رستو به موجود هوندو آهي. صرف ڏسڻ لاءِ اک ۽ سمجهڻ لاءِ من گهرجي ۽ آس جيڪڏهن ڪڏهن به گهٽجي وڃي ته به ان جو وجود ختم نٿو ٿئي، اها ته بس هڪ پل لاءِ اوٽ يا سائي ۾ ٿي بيهندي آهي، جيئن چنڊ ڪڪرن جي پويان ٿوري دير لڪي ويندو آهي.

زندگيءَ جو فلسفو سادو آهي آس ۽ نراس ٻنهي کي سمجهي، ٻنهي مان سکجي، ٻنهي جي وچ ۾ پاڻ کي نه وڃائي نه ڇڏجي، منزل ڏانهن قدم روڪڻ نه کپن. ڇاڪاڻ ته جيڪي ماڻهو اندر جي اماس کي به سهي وڃن ٿا، اهي ئي سڀاڻيءَ جي روشنيءَ جو حقيقي استقبال ڪندا آهن ۽ اهي ئي انهيءَ روشنيءَ جا حقدار هوندا آهن.

سنڌ ڌرتي ماءُ جي نالي...!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

ڀارتي دفاع واري وزير راج ناٿ طرفان سنڌ بابت ڏنل جيڪو غير ذميوار ۽ اکين تي پٽي ٻڌل بيان آيو آهي، ان تي هر باشعور ۽ محب وطن پاڪستاني سنڌي هندو به سخت ناراض ۽ سراپا احتجاج آهي. نئين دهلي ۾ ٿيل هڪ نام نهاد 'سنڌي سماج سميلن' نالي تقريب ۾ ڳالهائيندي راج ناٿ جيڪا ڳالهه ڪئي، يعني سنڌ کي وري ڀارت جو حصو بڻائڻ جي خواهش. اها ڳالهه صرف تاريخي ڄاڻ جي کوٽ جو نتيجو ناهي پر اها هندو ڌرم جي پنهنجن تعليمات ۽ روايتن جي پڻ ابتڙ آهي. اڄ جيڪو پاڪستان جو صوبو سنڌ آهي، جنهن جي هن پاڪ ڌرتيءَ تي اسين سڀ ساهه کڻون ٿا، اها ڌرتي دنيا جي سڀ کان پراڻين تهذيبن مان هڪ تهذيب رکي ٿي. سنڌ جي عظمت ۽ شان بابت هندو ڌرم جي پراڻين روايتن، شاسترن ۽ ويدن ۾ وڏو احترام سان ذڪر موجود آهي. رگ ويد ۾ ست وڏن درياهن جو ذڪر آهي ۽ انهن مان پهريون نالو سنڌو درياهه جو ورتو ويو آهي، جنهن کي 'نهرن ۽ درياهن جي ماءُ' به سڏيو ويو آهي. ويدن جي دور ۾ سنڌو درياهه کي طاقتور، پاڪ ۽ مرڪزي حيثيت حاصل هئي. مهاڀارت ۾ سنڌ جي سپاهين جي بهادري جو ذڪر ملي ٿو رامائڻ ۾ به سنڌ کي سرحدي ۽ واپاري علائقي طور بيان ڪيو ويو آهي. ٻين هندو مذهبي ڪتابن ۽ شاسترن ۾ سنڌ کي پاڻيءَ سان مالامال، زرخيز زمين، واپار ۽ تهذيب جو مرڪز، علم ۽ ڏاهپ جي ڌرتي، مهمان نوازي ۽ انسان دوستي واري سرزمين طور ساراهيو ويو آهي. ٿرپارڪر سنڌ ڌرتي جي اها سڃاڻپ آهي، جيڪا پنهنجي ڏيڍ سئو ميل وسيع ريگستاني حُسن، مذهبي آزادي ۽ هزارين سالن تي پکڙيل تاريخ سبب پاڻ ۾ ئي هڪ دنيا آهي. خاص ڪري هندو برادري لاءِ ته هي وڏو ريگستان روحاني اهميت، تاريخي شان ۽ تهذيبي تقدس رکندڙ آهي. ٿرپارڪر ڪي هڪ وقت ۾ سرسوتي تهذيب، علم، هنر ۽ پاڪيزگي جي علامت طور ڏٺو ويندو هو ۽ سناتن ڌرم جا وڏا مرڪز به هن ئي ڌرتي تي موجود هئا. چون ٿا ته قديم زماني ۾ سرسوتي نديءَ جو پاڻي به ٿر جي ريگستان مان وهندو هو. هندو ڌرم جي پوئلڳن لاءِ سنڌ هڪ مقدس درياهه، هڪ سرسبز زمين، هڪ پراڻي تهذيب ۽ هڪ ثقافتي سڃاڻپ ضرور آهي، پر جڏهن تاريخ کي ڌيان سان پڙهجي ٿو ته صاف نظر اچي ٿو ته جاگرافيائي طور 'سنڌ' ۽ 'هند' ڪڏهن به هڪ نه رهيا آهن. سنڌ (اڄ جو پاڪستان جو صوبو) ۽ هند (اڄ جو ڀارت) قديم دور ۾ به الڳ الڳ علائقا، الڳ سڃاڻپ ۽ الڳ حڪومتون رکندا هئا. تاريخ ٻڌائي ٿي ته سنڌ قديم هندو راشٽرن جهڙوڪ: مگڌهه، موريه، گپتا، راجپوت يا ڏکڻ هند جي وڏين سلطنتن جي ماتحت ڪڏهن به نه رهيو. سنڌ تي سدائين هتي جا پنهنجا راجا، مقامي راجپوت خاندان ۽ مقامي سردار حڪمران رهيا. عرب فاتح محمد بن قاسم جڏهن سنڌ ۾ آيو، تڏهن به سنڌ هڪ مڪمل آزاد رياست هئي، جنهن جو گاديءَ وارو هنڌ اروڙ هو. راجا ڏاهر جي حڪومت ۾ سنڌ وٽ پنهنجو الڳ انتظام، پنهنجا سفارتي لاڳاپا، پنهنجي معيشت ۽ پنهنجو دفاعي نظام هو. راجا ڏاهر ڪنهن به وڏي هندو حڪمران يا هند جي ڪنهن سلطنت جو باقاعدي تابع يا ماتحت نه هو. قديم زماني جي لٽريچر، تاريخي ڪتابن ۽ روايتن ۾ به عربن جي فتح کي 'هند جي فتح' نه پر 'سنڌ جي فتح' لکيو ويو آهي. ڇو ته عربن جي جنگ ۽ ڪاميابي جو مرڪز هند نه، پر سنڌ ڌرتي هئي. جڏهن محمد بن قاسم سنڌ تي قبضي ڪانپوءِ انتظام سنڀاليو ته هن سڀ کان پهرين اهو اعلان ڪيو ته: 'سنڌ جا ماڻهو اسان جا ڀائر آهن، هنن کي امن ۽ انصاف ملندو.' عرب سالار سنڌ ۾ اچڻ ڪانپوءِ مندرن، پجارين ۽ هندو مذهبي رسمن کي مڪمل تحفظ ڏنو. هندو واپارين ۽ زميندارن کي به بنا ڪنهن دٻاءَ جي پنهنجو واپار، پنهنجو روزگار ۽ پنهنجو ڪاروبار اڳ وانگر هلائڻ جي کليل اجازت ڏني وئي. سنڌ جي انتظاميا ۾ به هندو اهلڪار پنهنجي عهدن تي برقرار رکيا ويا. محمد بن قاسم جي اعليٰ اخلاق، نرم مزاجي ۽ انصاف سنڌ جي هندو برادري جا دل مڪمل طور تي کٽي ڇڏيا. اڄ تائين سنڌي هندو عربن جي دورِ حڪومت کي امن، پائيچاري ۽ مذهبي آزاديءَ جو سونهري دور سمجهن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جي هندو برادري ۽ عرب قومن وچ ۾ لاڳاپا عدل، انصاف، واپار، ترقي، مذهبي رواداري ۽ ثقافتي احترام جي بنيادن تي وڌيا ۽ اهي تعلقات اڄ به قائم آهن. هندو برادري جو وڏو تعداد اڄ به وچ اوڀر (مڊل ايسٽ) جي ملڪن ۾ روزگار ۽ رهائش لاءِ آباد آهي. مان هڪ پاڪستاني محب وطن سنڌي هندو طور، ڀارتي دفاع واري وزير جي اهڙي گمراهه ڪندڙ بيان ڪانپوءِ، عام ماڻهن جي ذهن ۾ پيدا ٿيندڙ 'سنڌ' ۽ 'هند' واري غلط فهمي دور ڪرڻ کي پنهنجو قومي فرض سمجهان ٿو. اِهي ٻئي لفظ بظاهر هڪجهڙا لڳن ٿا، پر حقيقت ۾ ٻنهي جون پاڙون، معنيٰ، تاريخي پس منظر ۽ جاگرافيائي حدون، سڀ ڪجهه هڪ ٻئي کان بلڪل ڌار آهي. سنڌ هڪ عظيم درياهه ۽ ان جي ڪناري تي آباد اها ڌرتي آهي، جيڪا اڄوڪي پاڪستان جو اهم حصو آهي، جڏهن ته هند، انگريزن جي اچڻ کان اڳ، سنڌ جي اوڀر پاسي موجود مختلف رياستن ۽ راجواڙن تي مشتمل علائقي کي چيو ويندو هو يعني هند هڪ الڳ خطو هو، جنهن جو سنڌ سان نه حڪمرانيءَ ۾، نه تهذيب ۾ ۽ نه جاگرافيا ۾ ڪو به ملاپ هو. ماهرن جو چوڻ آهي ته 'سنڌ' جو لفظ اصل ۾ سنسڪرت جي لفظ 'سنڌو' مان نڪتل آهي، جنهن جو مطلب آهي وڏي ندي، وڏو درياهه. هي نالو صرف درياءِ سنڌ لاءِ نه، پر ان سموري خطي، ان جي تهذيب، ان جي ماڻهن ۽ ان جي زبان لاءِ به استعمال ٿيندو هو يعني جيڪو ڪجهه به درياءِ سنڌ جي ڪنارن سان لاڳاپيل هو، سو سڀ 'سنڌو' هو. اهل فارس جڏهن هن لفظ کي پنهنجي ٻولي ۾ استعمال ڪيو ته هنن لفظ 'س' کي 'ه' سان بدلائي ڇڏيو ۽ 'سنڌو' مان لفظ 'هندو' ٺهي ويو. پوءِ يوناني ماڻهن هندو کي پنهنجي لهجي ۾ 'انڊس' ڪري ڇڏيو. اِهي ئي لفظ اڳتي هلي انڊيا، هندوستان، هند جهڙيون تبديليون اختيار ڪري ويا، جيڪي اڄ تائين مشهور آهن. پر ياد رکڻ جي ڳالهه اها آهي ته سنڌ ڪڏهن به ڪنهن هندو راشٽر، اکنڊ ڀارت يا قديمي هند جي حڪمراني هيٺ نه رهيو. جيڪي خطا ماضي ۾ 'هند' سڏبا هئا، اهي الڳ رياستون ۽ راجواڙا هئا، جڏهن ته سنڌ پنهنجي الڳ سڃاڻپ ۽ حڪومت رکندڙ علائقو هو. جڏهن انگريزن سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسي جو حصو بڻايو، تڏهن قائداعظم محمد علي جناح پنهنجي مشهور چوڏهن نقطن ۾ واضح طور سنڌ جي بمبئي کان الڳ ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. هن مطالبي کي ڪيترن ئي سنڌي هندو اڳواڻن طرفان ڀرپور نموني حمايت حاصل ڪئي، ڇاڪاڻ ته هو به سنڌ کي هڪ الڳ، تاريخي ۽ پاڻمرادو خطو سمجهندا هئا. منهنجي ڳالهه جي تصديق سنڌ جي هزارين سالن پراڻي انڊس تهذيب، موهن جو دڙو ۽ هڙپا جي آثارن مان به ٿئي ٿي. اهي سڀ آثار سنڌ جي پنهنجي تهذيب سان جڙيل آهن، ۽ انهن جو هندستان يا قديمي هندو رياستن سان ڪو سڌو تعلق ڪڏهن به نه رهيو آهي. اهي سڀ ان ڌرتيءَ جون نشانيون آهن، جيڪا اڄ پاڪستان جو حصو آهي. منهنجي نظر ۾ ڀارتي وزير دفاع جو اهو چوڻ ته سنڌ ٻيهر ڀارت جو حصو بڻجي سگهي ٿي، سڌي ريت تاريخ خلاف، بي بنياد ۽ گمراهه ڪندڙ دعويٰ آهي. جيڪو خطو ڪڏهن به هند يا ڀارت جو حصو هئو ئي نه، سو وري واپس ڪيئن ٿيندو؟ اهڙيون ڳالهيون پاڪستاني سنڌي هندن جي نظر ۾ بلڪل ٻاراڻيون ۽ بيوقوفاڻيون آهن. سنڌ جا محب وطن هندو، بي لوث محبت سان پاڪستان سان جڙيل آهن. اسان جا وڏا، قائداعظم جي يقين ڏيارڻ تي ئي هن ملڪ کي پنهنجي ڌرتي ماتا طور قبول ڪيو ۽ اڄ به اسان جي وفاداري ۽ محبت پاڪستان سان آهي. اهڙي پسمنظر ۾، ڀارتي وزير دفاع جو سنڌ بابت اشتعال انگيز ۽ غير ذميوار بيان سخت مذمت جوڳو آهي ۽ اسان سنڌي هندو پنهنجو پُرامن احتجاج جاري رکنداسين. پاڪستان زنده باد...

دهشتگرد نيٽ ورڪن جو مرڪز بڻيل افغانستان!

اشتياق بيگ

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڪجهه ڏينهن اڳ ٽين دنيا جي سڀني ملڪن مان اميگريشن کي مستقل طور روڪڻ ۽ 'ريورس مائيگريشن' جي پاليسي اختيار ڪرڻ جو اعلان ڪيو. اهو اعلان وائيٽ هائوس ويجهو فائرنگ جي ان واقعي کان فوري پوءِ ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ نيشنل گارڊ جي هڪ عورت اهلڪار مارجي وئي ۽ ٻيو اهلڪار سخت زخمي ٿيو. حملي ۾ ملوث 29 سالن جو افغانستان واسي رحمان الله لڪنوال سيپٽمبر 2021ع ۾ 'ري سيٽلمينٽ پروگرام' تحت افغانستان مان آمريڪا منتقل ٿيو هو ۽ بعد ۾ بائيڊن دور ۾ ڪيس آمريڪا ۾ رهڻ جي مدي ۾ واڌ ڏني وئي هئي. ڊونلڊ ٽرمپ هن حملي کي دهشتگردي قرار ڏيندي چيو ته هو جلد ئي پرڏيهين کي آمريڪا مان ڪڍڻ لاءِ سخت قدم کڻندو. پنهنجي ٽرٿ سوشل پليٽفارم تي هن افغانستان کي 'دوزخ' قرار ڏيندي هڪ تصوير شيئر ڪئي ۽ لکيو ته 'هي اهو جهاز آهي، جنهن ۾ سوار سوين افغاني بغير چڪاس جي آمريڪا ۾ داخل ڪيا ويا. بائيڊن دور ۾ آيل هر افغان جي ٻيهر سخت جاچ ڪئي ويندي ۽ 'ريورس اميگريشن' ئي هن صورتحال جو مڪمل حل آهي.'

فائرنگ جي واقعي کان پوءِ آمريڪا افغان شهرين سان لاڳاپيل سڀني اميگريشن درخواستن تي ڪارروائي معطل ڪري ڇڏي، جنهن سان اهي افغان پڻ متاثر ٿيا، جيڪي سياسي پناهه يا گرين ڪارڊ ذريعي آمريڪا ۾ رهائش حاصل ڪرڻ چاهيندا هئا. ياد رهي ته طالبان جي افغانستان ۾ اقتدار سنڀالڻ کان پوءِ سوين افغان شهرين کي آمريڪي فوجي جهازن ذريعي آمريڪا منتقل ڪيو ويو هو، جن ۾ گهڻا اهي هئا، جيڪي آمريڪي فوج لاءِ ڪم ڪندا هئا ۽ رحمان الله لڪنوال پڻ انهن ۾ شامل هو. اجاگر ڪيو وڃي ته اميگريشن کي سخت ڪرڻ ۽ پرڏيهين کي واپس موڪلڻ ٽرمپ جي چونڊ مهم جو اهم حصو رهيو آهي، ۽ هن تازو واقعي ٽرمپ کي ٽين دنيا مان اميگريشن روڪڻ لاءِ نئون جواز فراهم ڪيو آهي. ان کان اڳ به ٽرمپ اقتدار سنڀالڻ کان پوءِ افغانستان ۽ ايران سميت 12 ملڪن جي شهرين تي آمريڪا ۾ داخل ٿيڻ جي پابندي لڳائي هئي. يو ايس اميگريشن سروسز جي ڊائريڪٽر جوزف ايڊلو موجب انهن 12 ملڪن جي شهرين کي جاري ڪيل سڀني گرين ڪارڊز جي سخت جاچ جو حڪم پڻ جاري ٿي چڪو آهي ته جيئن آمريڪا کي دهشتگرديءَ جي خطري کان محفوظ رکيو وڃي.

ٽرمپ جون تازيون پوسٽون ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪن ٿيون ته جلد ئي آمريڪا ۾ پرڏيهين خلاف وڏي پيماني تي ڪريڪ ڊائون شروع ٿيڻ وارو آهي، جيڪو ايشيا، آفريڪا، لاطيني آمريڪا ۽ ڪيريبين جي لکين ماڻهن کي متاثر ڪندو. افغانستان ۾ طالبان جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ دهشتگرديءَ جا وڌندڙ واقعا نه صرف پاڪستان پر سڄي دنيا لاءِ هڪ وڏو چيلنج بڻجي چڪا آهن. هن وقت افغانستان دهشتگرد نيٽ ورڪن جو مرڪز بڻيل آهي، جتي ٽي ٽي پي، بي ايل اي، القاعده، جيش العدل ۽ ٻيا ڪيترائي دهشتگرد گروهه موجود آهن. پاڪستان شروع کان ئي طالبان کي چوندو رهيو آهي ته پاڪستان اندر ٿيندڙ دهشتگرديءَ ۾ ٽي ٽي پي ۽ بي ايل اي جو هٿ آهي ۽ طالبان حڪومت ڀارت جي پراڪسي بڻجي انهن کي پناهه فراهم ڪري رهي آهي پر دنيا هن تي ڌيان نه ڏنو هاڻي آمريڪا ۾ ٿيل واقعن کان پوءِ اهو سڀ ڪجهه سچ ثابت ٿي رهيو آهي.

هڪ ٻئي دهشتگرد حملي ۾، رڳو هڪ هفتي دوران افغان سرحد لڳ تاجڪستان ۾ ٿيل ٻن ڌماڪن ۾ 5 چيني شهري مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا. اڃا آمريڪي عوام وائيٽ هائوس ويجهو افغان شدت پسند هٿان عورت اهلڪار جي قتل جي صدمي مان ٻاهر ناهي نڪتو ته ٽيڪساس ۾ سيڪيورٽي ادارن هڪ ٻي افغان شهري، داوود الوڪ زئي کي بم ناهڻ ۽ فورٽ ورٿ شهر کي نشانو بڻائڻ جي الزامن ۾ گرفتار ڪري ورتو آهي. ان کان پوءِ آمريڪي ادارن افغان شهرين جي سخت نگراني شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ ايندڙ ڏينهن ۾ شايد انهن لاءِ آمريڪا جي زمين تمام تنگ ٿي وڃي.

پاڪستان ڪيترن ئي ڏهاڪن کان 40 لک کان وڌيڪ افغان پناهگيرن جي مهمان نوازي ڪئي آهي پر بدلي ۾ انهن مان ڪيترن ئي اسان کي دهشتگردي، ڌماڪن ۽ فوجي جوانن جي شهادتن جو تحفو ڏنو رحمان الله لڪنوال ۽ داوود الوڪ زئي جهڙا ماڻهو اينٽي طالبان سمجهي آمريڪا آندا ويا پر اهي پرو طالبان نڪتا ۽ آخرڪار انهن احسان فراموشيءَ جو مظاهرو ڪيو. پاڪستان اندر افغانستان کان ٿيندڙ لڳاتار دهشتگردي ۽ آمريڪا ۽ تاجڪستان ۾ افغان شدت پسندن جا تازا واقعا دنيا جي نظر ۾ افغان ڪميونٽيءَ جي ساک کي سخت نقصان پهچايو آهي. امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ته جلد ئي آمريڪا، يورپ ۽ ٻين ملڪن ۾ افغاني شهري وڏي پيماني واري آپريشنز ۽ ڪريڪ ڊائون کي منهن ڏيڻو پوي.

افغانستان مان جنم وٺندڙ خطرن جي سنگيني ۽ طالبان حڪومت جو ضد وارو رويو نه صرف پاڪستان پر پوري خطي جي امن ۽ استحڪام لاءِ وڏو خطرو بڻجي چڪو آهي. جيڪڏهن عالمي برادري گڏجي هن مسئلي جو بروقت حل نه ڪيو ته اهو وقت پري ناهي جڏهن افغانستان، جنهن کي ڊونلڊ ٽرمپ 'دوزخ' سڏي رهيو آهي، ۾ ٻرڪندڙ باهه پوري خطي، بلڪ سڄي دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيندي.

معاشري ۾ وڌندڙ عدمِ برداشت جا نفسياتي ۽ اخلاقي پهلو!

شاهد گل سمون

معاشري ۾ وڌندڙ عدمِ برداشت اهڙو موضوع آهي، جيڪو روزمره جي زندگيءَ جي هر ڪنڊ ۾ پنهنجو پاڇو وڇائي ڇڏيو آهي. ماڻهوءَ جي اکين ۾ بي صبري، دل ۾ بيچيني ۽ ذهن ۾ هڪ مسلسل تڙپ، جيڪا سماجي لاڳاپن کي آهستي آهستي ڪمزور ڪندي وڃي ٿي. ان دور ۾ جڏهن علم انساني روين کي سمجهڻ لاءِ هزارين در کولي ڇڏيا آهن، تڏهن به هڪ ننڍڙو جملو هڪ معمولي اختلاف يا رڳو ڪو ٻيو خيال ماڻهن کي ڀڙڪائي سگهي ٿو، محسوس ٿئي ٿو ته ڄڻ سماج هڪ اهڙي ٽانءُ ۾ بدلجي ويو آهي، جنهن جي ڪُنڍن تي برداشت جو پاڻي خشڪ ٿي ويو هجي ۽ هر تڪليف تي چنگار اڀرندي هجي. ماهرن جو خيال آهي ته جيڪا بيچيني نظر اچي ٿي، اها رڳو سماجي ڦڏن يا سياسي ڇڪتاڻ جي پيداوار ناهي پر ماڻهوءَ جي نفسياتي بناوت ۾ ايندڙ موڙن سان گهري طرح جڙيل آهي. انهيءَ عدمِ برداشت جي جڙون گهڻا پاسا رکن ٿيون. نفسيات جا ماهر چون ٿا ته انسان جڏهن داخلي طور بيچين هوندو آهي، تڏهن هو ٻاهرين دنيا کي به ساڳي رنگ ۾ ڏسندو آهي. هر ماڻهو هڪ ئي ڳالهه ٻڌندا پر جنهن جو ذهن اڳ ۾ ئي ڳرو بار کڻي رهيو هوندو، اهو انهيءَ ڳالهه کي خطري طور قبول ڪندو. ماهر ڊاڪٽر ڪارنيگيءَ جو نظريو آهي ته ماڻهو اندروني ناامنيءَ کي ٻاهرين رويي ۾ جارحيت جي صورت ۾ بدلائين ٿا. يعني جيڪو پاڻ سان صلح ۾ ناهي هوندو اهو ٻين سان به امن قائم نٿو ڪري سگهي. سماج ۾ شخصيت جي اهڙي ٽٽل حالت، عدمِ برداشت کي وڏي تيزيءَ سان وڌائي ٿي. ماڻهو لاءِ اختلاف راءِ ڪا فڪري ڳالهه نه رهي پر هڪ شخصي حملو بڻجي پوي ٿو. نتيجي ۾ ڳالهه ٻولهه جو دروازو بند ۽ الزام بازيءَ جو بازار گرم ٿي وڃي ٿو. سماجيات جا مبصر چون ٿا ته جديد دور ۾ رابطن جي رفتار ته ويجهو ٿي وئي آهي پر دلين جي فاصلي کي وڌيڪ وڌائي ڇڏيو آهي. ماڻهو هڪبئي سان ڳالهائين ٿا پر سمجهن نٿا. ٻڌن ٿا پر قبول نٿا ڪن. سوشل ميڊيا تي هر لفظ بجليءَ جهڙي تيزيءَ سان پکڙجي ٿو پر ضبط ۽ عقل جي رفتار ان جي اڳيان پٺتي رهجي وڃي ٿي. ماڻهن جو صبر ايستائين ڪمزور ٿي چڪو آهي جو رڳو هڪ پوسٽ، هڪ تبصرو يا ڪو مختصر جملي جو ذڪر ماڻهن کي ڀڙڪائي ڇڏي ٿو. نفسيات واريون تحقيقون ٻڌائين ٿيون ته تيز ۽ مستقل جذباتي تحريڪن ۾ رهندڙ دماغ برداشت واري صلاحيت وڃائي ويهندو آهي، يعني اسان جي روين جو قدر عالمي شور واري زندگي اڳ ئي اوچتو ڏک سان هيٺ ڪري ڇڏيو آهي. عدمِ برداشت جو ٻيو وڏو پاسو انساني سڃاڻپ سان جڙيل آهي. جڏهن انسان کي پنهنجو پاڻ بابت يقين گهٽجي ويندو آهي، تڏهن هو ٻئي جي راءِ کي خطري طور ڏسندو آهي. سماجي ماهر چون ٿا ته سنڌي، پاڪستاني، مشرقي يا عالمي شناخت کان اڳ، انسان کي پنهنجي ذات سان سلوڪ قائم ڪرڻو پوندو آهي. پاڻ سان محبت ۽ خود اعتمادي، انسان کي نرم مزاج بڻائي ٿي، جڏهن ته اندروني خوف ۽ گهاٽن سبب انسان هر اختلاف ۾ پنهنجو وجود خطري ۾ محسوس ڪري ٿو. انهيءَ ڪري ماهر چون ٿا ته عدمِ برداشت گهڻو ڪري ان ماڻهن ۾ وڌندو آهي جيڪي اندروني طور پاڻ کي اڪيلو يا ناڪام محسوس ڪندا آهن. انهن لاءِ هر نئون خيال هڪ ڏک ۽ هر بحث هڪ جنگ بڻجي وڃي ٿو.

انهيءَ مسئلي جا اخلاقي پهلو به تمام گهڻا آهن. اخلاقيات ماڻهوءَ جو اهو آئينو آهي، جيڪو ان کي ٻڌائي ٿو ته ڪٿي ڪهڙو رويو بهتر آهي؟ پر جڏهن اهو آئينو ئي ڌوڙ سان ڀرجي وڃي ته انسان پنهنجو چهرو به سڃاڻي نٿو سگهي. عدمِ برداشت انسان کي ٻين جي عزت ڪرڻ کان روڪي ٿو حالانڪ سماج جي پلاٽي انهن اصولن سان جُڙيل آهي. اخلاقي مفڪرن جو خيال آهي ته انسان جي اخلاق جو اصل امتحان اختلاف جي وقت ٿيندو آهي. نه ڪي سٺي وقت ۾، ڇو ته ان وقت ته هر ڪو نرم رويو رکندو آهي. پر جڏهن ڪو اسان جي نظرئي، عقيدي، سوچ يا فيصلي جي ابتڙ ڳالهائي، تڏهن ئي ثابت ٿئي ٿو ته اسان ڪيترا وسيع النظر آهيون. پر بدقسمتيءَ سان جديد سماج ۾ اهو معيار ڪمزور ٿي ويو آهي. ماڻهو پنهنجي اخلاقي بنيادن کي ڇڏين ٿا، جڏهن احساس ٿيندو آهي ته ڪو انهن جي 'سچ' کي چيلينج ڪري رهيو آهي. اخلاقي لحاظ کان عدمِ برداشت جو وڌڻ، سماج ۾ بي اعتمادي ۽ ڌار ڌار ٿيڻ جو وڏو سبب بڻجي ٿو. ماڻهو هڪ ٻئي جي حق کي مڃڻ کان انڪار ڪرڻ لڳن ٿا. گڏيل احترام جي جاءِ تي مقابلت ۽ زبردستي اچي ويهندي آهي.

ماهر چون ٿا ته جڏهن سماج ۾ اخلاقي اصول ڪمزور ٿيندا آهن، تڏهن اهو سماج اختلاف کي دشمن سمجهڻ لڳندو آهي، جڏهن ته اختلاف ته انساني سوچ جو قدرتي حصو آهي. جيڪڏهن دنيا ۾ سڀ ماڻهو هڪ ئي رنگ جا سوچين ها ته انساني تاريخ ايتري امير ڳانڍاپيل ۽ تخليقي نه هجي ها. اخلاقي بنيادن جي ڪمزوري عدمِ برداشت کي رڳو وڌائيندي ناهي پر ان کي جائز به بڻائي ڇڏيندي آهي، جيڪا سماج لاءِ تمام خطرناڪ ڳالهه آهي. نفسياتي طور تي ماهرن جي راءِ آهي ته عدمِ برداشت تحقيقاتي زاويي کان به ڏسجي ته اها گهڻي ڀاڱي خوف ۽ جذباتي عدمِ توازن جي پيداوار هوندي آهي. جڏهن ته ان حوالي سان ڊاڪٽر چون ٿا ته جڏهن انسانَ جي حياتي خطري ۾ نه هوندي آهي، تڏهن به هو اهڙا ردعمل ڏيکاري سگهي ٿو ڄڻ ڪو وڏو خطرو آهي. ان کي نفسياتي دفاعي ميڪينيزم چيو ويندو آهي، جنهن ۾ انسان اصل حقيقت کان اڳيان پنهنجو احساس وڌيڪ اهم سمجهي ٿو. نتيجي ۾ هر ماڻهو پنهنجي اندر جو تڙپيل آواز ٻين تي مڙهڻ لڳندو آهي. ماهرن موجب عدمِ برداشت جي بنيادي ماهيت آهستي آهستي اندر پچڻ وارو دٻاءُ آهي، جيڪو مختلف موقعن تي اوچتو ڦاٽي پوندو آهي. سماجي نفسيات ۾ هڪ دلچسپ ڳالهه اها به چئي ويندي آهي ته ماڻهوءَ جو رويو ان جي ماحول ۾ موجود دٻائن ۽ محرڪن سان ڳنڍيل هوندو آهي. مثال جي طور تي هڪ اهڙو سماج جيڪو مسلسل معاشي تڪليفن، سياسي ڇڪتاڻ ۽ خطرن ۾ رهندو آهي، انهن جو روانيءَ وارو صبر به گهڻو ڪمزور ٿيندو آهي.

ماهرن جو خيال آهي ته جڏهن ماڻهو پنهنجي روزاني ضرورتن کان پريشان هوندو آهي، تڏهن سوچ ۽ رويي ۾ به تيزي ۽ ڪاوڙ وڌي ويندي آهي، يعني عدمِ برداشت هڪ اهڙو ٻج آهي، جيڪو خوف، ڏک، نااميد ۽ بي يقينيءَ واري زمين ۾ تمام تيزيءَ سان وڌندو آهي. جيڪڏهن سماج ۾ امن، استحڪام ۽ انصاف جو احساس وڌي وڃي ته اهو ٻج پاڻمرادو سُڪي ويندو. اخلاقي ماهر پڻ چون ٿا ته انسان جي تربيت جو وڏو ڪردار آهي. جيڪڏهن گهرن، اسڪولن ۽ گڏجاڻين ۾ اختلاف کي احترام سان ٻڌڻ ۽ سمجهڻ سيکاريو وڃي ته ماڻهو پنهنجي سماج ۾ نرم مزاج ۽ سٺي دل رکندا آهن. پر بدقسمتيءَ سان ڪيترن ثقافتي ماحولن ۾ اختلاف کي گناهه، بحث کي بدتميزي ۽ سوال کي گستاخي سمجهيو ويندو آهي. ماڻهوءَ جي سوچ جو ميدان سُڪي وڃي ٿو ۽ برداشت جون پاڙون ڪمزور ٿي وڃن ٿيون. ماهرن جو خيال آهي ته جيڪڏهن تربيت جي شروعات ٻالڪپڻ کان ئي سوال پڇڻ ۽ اختلاف کي قبول ڪرڻ جي اصولن سان ڪئي وڃي ته ايندڙ نسل وڌيڪ صحتمند نفسيات رکي سگهي ٿي. عدمِ برداشت کي گهٽائڻ لاءِ ماهرن جي مشوري مطابق پهريون قدم اهو آهي ته انسان پنهنجي احساسن کي سڃاڻي. جڏهن ماڻهو اهو سمجهي وٺي ٿو ته ڪهڙي ڳالهه ڪيس ڇرڪائي ٿي ۽ ڇو؟ تڏهن هو پنهنجي روين کي به بهتر انداز سان سنواري ٿو. ٻيو قدم سماجي لاڳاپن ۾ احترام کي بحال ڪرڻ آهي. ماڻهو جيڪڏهن هڪ ٻئي جي ڳالهه ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي خواهش پيدا ڪن، تڏهن اختلاف ڇڪتاڻ ۾ بدلجڻ بدران نون خيالن جي جمڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. ٽيون اهم قدم اهو آهي ته ماڻهو پنهنجو وقت ذهن کي آرام ڏيڻ ۾ لڳائين، جيئن مسلسل جذباتي دٻاءَ ۾ رهڻ سان عدمِ برداشت وڌي سگهي ٿي. ماهرن جو خيال آهي ته رابطن ۾ نرمي، ڳالهائڻ ۾ بردباري ۽ اختلاف ۾ وقار، سماج کي سڌارڻ جا بنيادي جزا آهن. معاشري ۾ وڌندڙ عدمِ برداشت نفسياتي مسئلو ناهي پر رڳو اخلاقي بحران پر ٻنهي جو اهڙو ڳنڍيل جار آهي، جنهن کي ڌار ڌار ڪرڻ ممڪن ئي نه ٿو لڳي. جيڪڏهن انسان پنهنجي اندر جي بيچينيءَ کي سمجهي، ٻين جي حق کي مڃي، اختلاف کي دشمن نه سمجهي ۽ اخلاقي اصولن کي پنهنجي رويي ۾ بحال ڪري ته اها بدحالي گهٽجي سگهي ٿي. ماهرن جي راءِ موجب سماج جي بهتري ان وقت ممڪن آهي، جڏهن ماڻهو پنهنجي دل جي درين کي کولي ٻين جي راءِ کي جاءِ ڏين. برداشت انسان جو سڀ کان وڏو زيور آهي ۽ جڏهن اهو زيور وڃائجي وڃي ٿو، تڏهن سماج جي چهري تي سختي اچي ويندي آهي. انڪري ضروري آهي ته اسان سڀ گڏجي اها تحقيق ڪيون ته برداشت جو سرچشمو ڪيئن وري دلين ۾ اڀري سگهي، جيئن انسانيت جا رستا ٻيهر روشن ٿي سگهن.

Shahidgul.samo@gmail.com

سمس اسپتال شهدادپور ۽ عوام!


نور سنڌي

هيءَ 2007ع جي ڳالهه آهي جڏهن شهدادپور جي عوام کي خوشخبري ٻڌڻ ۾ آئي هئي ته تعلقه اسپتال شهدادپور کي اپگريڊ ڪري سمس جو درجو ڏنو ويو آهي. اهو اعلان ان وقت جي سنڌ جي وڏي وزير ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم تعلقه اسپتال شهدادپور ۾ ميرمحمد وساڻ ساهه جي بيمارين جي يونٽ جي افتتاح جي موقعي تي شهدادپور جي شهرين جي آڏو پاڻ ڪيو هو. تعلقه اسپتال شهدادپور کي سمس جو درجو ملڻ بعد شهدادپور ۽ آسپاس واري علائقي جي خلقِ خدا ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي ۽ عوام ۾ اها اميد پيدا ٿي ته هاڻ اسان جي اسپتال ۾ تمام گهڻيون نئيون سهولتون مهيسر ٿينديون. هتان جي ماڻهن کي هاڻ حيدرآباد، ڪراچي ۽ نواب شاهه وڃڻ جي ضرورت نه پوندي. وقت گذرندو ويو. ڪجهه شعبا ٺهيا. سنڌ سرڪار پاران ڪجهه وڏيون بلڊنگون به ٺهرايون ويون، به ٺهرايون وڃن پيون. ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل جون پوسٽون به وڌي ويون ۽ ڪجهه نئين ميڊيڪل مشينريءَ بابت ٻڌڻ ۾ آيو ته اسپتال ۾ اچي وئي آهي. ان کان پوءِ شهدادپور جي مشهور سياسي سماجي شخصيت پ پ پ اڳواڻ ان وقت جو ايم پي اي رئيس عبدالسلام خان ٿهيم هن اسپتال جي لاءِ ذاتي طور ڪوششون وٺڻ شروع ڪيون. واضح رهي ته ان کان پهرين ڊاڪٽر ارباب رحيم جي دور ۾ شهدادپور جو ان وقت جو ايم پي اي ماهي خان وساڻ هو جنهن جي ذاتي دلچسپي ۽ ڪوششن سان ان وقت جي سنڌ جي وڏي وزير ارباب غلام رحيم کي اسپتال ۾ وٺي اچي اهو اعلان ڪيو هو.

اسان عوام اهو اعلان ٻڌندا رهياسين ته اسپتال کي گمس اسپتال گمبٽ وانگر هڪ انتهائي بهترين ۽ مثالي اسپتال جو روپ ڏنو ويندو. رئيس عبدالسلام ٿهيم 2010ع ۾ سمس اسپتال ۾ هڪ پروگرام ۾ اهو اعلان ڪيو هو ته سمس اسپتال شهدادپور چند سالن جي اندر سمس اسپتال اندر دل جي بائي پاس ۽ گُردن جا آپريشن به ٿيڻ لڳندا. حقيقت اها آهي رئيس عبدالسلام ٿهيم جو جذبو ۽ يقين واضح پڻ هو. پر بدقسمتيءَ سان عبدالسلام خان ٿهيم جو جلد لاڏاڻو ٿي ويو. ان کان پوءِ سمس کي تقريبن 16 سال گذري چڪا آهن پر سمس اسپتال هڪ وڏي تعلقه اسپتال کان اڳتي وڌي نه سگهي آهي. اهو ادارو جنهن لاءِ سنڌ جي ان وقت جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه سنڌ اسيمبليءَ جي فلور تان اهو اعلان ڪيو هو ته "اسان جون گمس ۽ سمس اسپتالون سنڌ جون مثالي اسپتالون آهن" پر لڳي ائين ٿو ته سمس اسپتال شهدادپور کي سيد قائم علي شاهه جي اهڙي بيان بعد نظر کائي وئي ۽ وڌيڪ 15 سال گذرڻ باوجود سمس اسپتال ۾ عوام جي ڀلائيءَ جو ڪو خاص ڪم ٿيندي نظر ناهي آيو. سمس ۾ دل جو شعبو شهر جي هڪ مخير رئيس يار محمد لغاريءَ پنهنجي والدين جي نالي تي ٺهرايو هو. وساڻ خاندان ساهه جي بيمارين ۽ ٽي بيءَ جو يونٽ ٺهرايو آهي. سيٺ بولچند اسپتال ۾ ٻارڙن جي بيماريءَ جو شعبو ٺهرايو هو جتي هاڻ اکين جو شعبو قائم آهي جتي اڄ به سيٺ بولچند فيملي اکين جا لينس وٺي ڏئي ٿي. ايم ڪيو ايم جي اڳوڻي ايم اين اي ديو داس اسپتال ۾ ايمرجنسي جو شعبو قائم ڪرڻ لاءِ فنڊ ڏنا هئا. اسپتال ۾ ڊائلاسز جي شعبي لاءِ دارالعلوم الحسينيءَ جي امير قاري عبدالرشيد پاران 16 ڊائلاسز مشينون عطئي طور ڏنيون. ان بعد به ڪافي سالن تائين ڊائلاسز جو ڪافي سامان ۽ مريضن جو خرچ ڪٽيندو رهيو. اڄ سمس اسپتال جي اها حالت آهي ته اسپتال ۾ سواءِ هڪ اڌ شعبي کان باقي جڳهين تي صرف صبح واري شفٽ ۾ هڪ اڌ ڊاڪٽر هوندو آهي، باقي سواءِ گائني ۽ ايمرجنسي شعبي جي وارڊن ۾ منجهند کان پوءِ ٻئي ڏينهن تائين گهڻو ڪري ڪو ڊاڪٽر ئي نه ملندو آهي. اسپتال ۾ اڪثريت پيرا ميڊيڪل اسڪول جي شاگردن جي ٿي نظر ايندي آهي جيڪي يقينن پاڻ سکڻ ايندا آهن پر اهي مريضن جي اعلاج لاءِ ڪنهن به صورت ۾ بهتر ناهن هوندا. اسپتال ۾ دل جي آپريشنن دماغ جي آپريشنن هڏن ۽ جوڙن جي آپريشنز ۽ گُردن جي آپريشنز جا صرف خواب رهجي ويا آهن. حالانڪ ڪجهه وقت اڳ ۾ اسپتال جي بجيٽ 5 ڪروڙن مان وڌائي 50 ڪروڙ ٿي چڪي آهي. جڏهن ته ڊائلاسز جي بجيٽ هڪ ڪروڙ مان وڌائي پنج ڪروڙ ٿي چڪي آهي. ان ڪانسواءِ اسپتال جي ٽيسٽن، ايڪسري، الٽرا سائونڊ ۽ ٻئي مد ۾ اداري کي ساليانو تقريبن ڏيڍ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ آمدني ٿي ويندي آهي. پر اسپتال ۾ اڄ به ڪنهن کي معمولي ڏک لڳي ته حيدرآباد ريفر ڪيو ويندو آهي. ڇو ته سمس اسپتال شهدادپور ۾ ايمرجنسي سروس مهيسر نه آهي؟ اڄ به دل جي مريض کي گوريون کارائي حيدرآباد موڪليو ويندو آهي. ايتري حد تائين جو ڪنهن به مريض کي ساهه جو مرض هجي يا دم جو مرض ان کي فوري طور حيدرآباد يا نواب شاهه ريفر ڪيو ويندو آهي. 2013ع کان پوءِ الائي ڪيترا ڊاڪٽر پيرا ميڊيڪل عملو رٽائرڊ ٿيو. بجيٽون به وڌي رهيون آهن پر هتي نَو سالن ۾ سمس اسپتال پاران هڪ پوسٽ جو به اشتهار ڏئي ڀرتي نه ڪئي وئي آهي، جنهن ڪري سمس ۾ ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي شديد کوٽ ٿي چڪي آهي.

هن سال جي بجيٽ ۾ 11 ڪروڙن جو اضافو ٿيو آهي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته سمس اسپتال شهدادپور جو نالو ته وڏو آهي پر جيڪي سهولتون هڪ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس ۾ هئڻ گهرجن، تن مان هن اسپتال کي ڪا به سهولت نظر نٿي اچي؟ اڄ به سمس اسپتال شهدادپور جو وڏي کان وڏو شعبو لگو گائني آهي. جڏهن ته اهي ڊليوريون ۽ سيزرن آپريشن جون سهولتون ته اڄ جي دور ۾ تعلقه اسپتالن رورل هيلٿ سينٽر اسپتالن ۾ موجود آهن. هن اسپتال جي اپگريڊيشن ٿيڻ مهل جيڪي اميدون پيدا ٿيون هيون، اهي سڀ مايوسيءَ ۾ بدلجي چڪيون آهن. اڄ به دل جو مريض هجي، دماغ جي بيماريءَ جو مريض هجي، گُردن جو مريض هجي يا نڪ توڙي ڳلي، ڪن جي بيماري جو مريض هجي، معدي جو مريض هجي يا ڪو معمولي حادثو ٿيو هجي پر انهن مريضن کي حيدرآباد ۽ نواب شاهه ريفر ڪيو وڃي ٿو. افسوس ان ڳالهه جو آهي ته تقريبن ساڍا چار ڪروڙن جي خرچ سان خريد ڪيل سيٽي اسڪين شروع کان وٺي بيڪار پيل آهي، ڇاڪاڻ ته هن اسپتال ۾ اڄ ڏينهن تائين ڪو ريڊيو لاجسٽ مقرر ٿي نه ٿي سگهيو آهي ۽ اها سيٽي اسڪين مشن ڪافي وقت کان خراب پئي آهي. هي افسوس جهڙي ڳالهه اها آهي ته هيڏي وڏي نالي واري اداري سمس اسپتال ۾ الٽرا سائونڊ، جيڪو اڄ جي دور جي اهم ترين ضرورت آهي ۽ سمس اسپتال ۾ الٽرا سائونڊ صرف هڪ شفٽ ۾ ٿيندو آهي، پر اتي به ڪو باقائده اسپيشلسٽ ڊاڪٽر موجود نه آهي. سمس جي هڪ ٻن شعبن کي ڇڏي ڪري ڪو اسپيسلسٽ ڊاڪٽر به نه آهي. وڏو ڏک ان ڳالهه جو آهي ته سمس جي وڏي ۾ وڏي شعبي، جنهن جي ڪري اسپتال اپگريڊ يعني ميرمحمد وساڻ ساهه جي بيمارين ۽ ٽي بيءَ جو يونٽ پوين ٽن سالن کان بغير ڪنهن ماهر ڊاڪٽر جي هلي رهيو آهي. جڏهن ته سمس اسپتال ۾ دل جو ڊاڪٽر به صرف هڪڙو آهي، اهو به صبح واري شفٽ ۾ ملندو آهي. عوام هن اسپتال ۾ اچڻ بعد هيڏانهن هوڏانهن پريشانيءَ واري عالم ۾ پڇ ڏک ۾ نظر ايندو آهي جيڪا سروس جيڪا سهولت هڪ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس اسپتال ۾ هئڻ گهرجي، اها نظر نه ٿي اچي.

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر Nil سال 2025

مسمات الهه بچائي پٽو..پلينٽف..خلاف: نجم الدين پٽ محمد رمضان بالغ مسلم ذات ملاح رهاڪو سڪندر آباد ڪالوني ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 11-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر 174 سال 2025

مير بخت علي ڪيريو پٽ مرحوم غلام علي ڪيريو رهاڪو هائوس نمبر 1-1323 محلا غريب آباد نوابشاهه ...ايپليڪينٽ..خلاف: (1) مسمات خير بانو بيواهه غلام علي ڪيريو (2) مسمات وينگس (3) مسمات پارس (4) مسمات سحرش سڀ سيريل 2 کان 4 ڌيئرون مرحوم غلام علي ڪيريو...آپونينٽس

نالي مٿين اپونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ زير قلم 07، 10، 25، 29 گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ تحت مائنر نالي: مهوش تاريخ پيدائش 01-01-2009 جي گارڊين مقرري لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 05-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي.ايم-II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي سوٽ نمبر 75 سال 2025

مسمات غلام شبيران ڌيءِ غلام مصطفيٰ (مرحوم) ذات ڪوسو رهاڪو ڳوٺ فقير حسين بخش ڪوسو تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري...پلينٽف...خلاف: دلدار حسين پٽ حسين بخش ڪوسو رهاڪو ڳوٺ فقير حسين بخش ڪوسو تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ فيملي جج-II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج اينڊ جي.ايم حيدرآباد
فيملي ايگزيڪيوشن نمبر 165 سال 2025
اِن فيملي سوٽ نمبر 996 سال 2025

ناهيد ڌيءِ عبدالله بالغ مسلم رهاڪو ڳوٺ ڪيڙ خان سولنگي اڏي جي موري حيدرآباد...پلينٽف...خلاف: عاشق علي چاچڙ پٽ محمد صديق چاچڙ بالغ مسلم رهاڪو ويجهو اولڊ سنڌ سفير هوٽل ايڪسپو سينٽر روڊ نوراني بستي ضلعو حيدرآباد. سيل نمبر: 03133072020....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي ايگزيڪيوشن-لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-I ڪوٽ غلام محمد
(روبرو جناب پرڪاش)
فيملي سوٽ نمبر90 سال 2025

رميش پٽ لاڏو هندو بالغ ذات ميگهواڙ رهاڪو ديهه 292 شهداد خان نونڏائي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص پوليس اسٽيشن ڪي.جي.ايم...پلينٽف..خلاف:شريمتي بي بي ڌيءِ مودو زال رميش هندو بالغ ذات ميگهواڙ رهاڪو پي سي ڪيجڙي تعلقو عمرڪوٽ ضلعو عمرڪوٽ سيل نمبر: 0300-3366339....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار جڊيشل سيپريشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي.ايم-I ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

سول اينڊ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان
گارڊين درخواست نمبر12 سال 2025

محمد عثمان ولد محمد جمن مسلم بالغ ذات Jamari رهاڪو ڳوٺ محمد جمن Jamariپي او مولاڪاتيار تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان....ايپليڪينٽ...خلاف:(1) الله جڙيو ولد محمد جمن (2) پير بخش ولد محمد جمن (3) امير ولد محمد جمن (4) امام بخش ولد محمد جمن (5) مسمات Chughal بيواهه محمد جمن سڀ مسلم بالغ رهاڪو ڳوٺ محمد جمن Jamariپي او مولاڪاتيار تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان....اپونٽنس (1) محمد حسن ولد محمد جمن (2) محمد ابراهيم ولد محمد جمن مائنر ذات Jamari رهاڪو ڳوٺ محمد جمن Jamariپي او مولاڪاتيار تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج

نالي مٿين اپونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري لاءِ . تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان
ايٽ بلڙي شاهه ڪريم (آر.اي)

عام اطلاع

جيئن ته نالي مسمات نصرت زال انور ويلل ڳوٺ شير محمد لُوڙها تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس نالي انور احمداڻي ولد محمد موسيٰ جيڪو اريگيشن کاتي ۾ ٽيوب ويل چوڪيدار هو ۽ سني فقہ جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 29-10-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات نصرت (بيواهه) (2) مظفر احمد (پٽ) (3) راحيل (پٽ). جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هڪ نالي: ريڏنو ولد خان محمد ڪوري ۽ غلام محمد ولد خميسو ڪوري جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهن ڪري هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتيءَ جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

ولديت جي درستگي

اَئون مسمات رخسانه زال حاجي چانڊيو ايڊريس: گهر نمبر: 2231 محلا نانگو لين ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو اَئون هي حلفيه بيان ڏيئي رهي آهيان ته منهنجي پٽ عبدالواحد جي تعليمي سرٽيفڪيٽ ۾ والد جو نالو محمد سليم چانڊيو ٿي ويو آهي جيڪو غلط آهي ان جو دست نالو حاجي چانڊيو آهي جيڪو درست ڪري حاجي چانڊيو لکيو ۽ پڙهيو وڃي. منهنجي پٽ جي والد جو درست نالو حاجي چانڊيو آهي جيڪو هن جي تعليمي رڪارڊ ۾ لکيو وڃي. مٿي ڏنل بيان منهنجي ڄاڻ مطابق بلڪل درست ۽ صحيح آهي

مسمات رخسانه زال حاجي چانڊيو
شناختي ڪارڊ نمبر: 41504-0633546-4

ولديت جي درستگي

جيئن ته منهنجي والد صاحب جي شناختي ڪارڊ ۾ سندس نالو روجي مل لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري روجي لکيو ۽ پڙهيو وڃي.

وڪرم سنگهه ولد روجي
تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي شفيع محمد ولد حبيب الله درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي حبيب الله ولد حاجي محمد بليدي جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه ڪاڪ 2 ٽپو مير همت تعلقي ٽنڊو باگو ۾ سروي 90_98 مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ديهه ڪاڪ 2 تعلقہ ٽنڊو باگو ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي حبيب الله ولد حاجي محمد بليدي جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 شفيع محمد پٽ فوتي جو 2 عنايت الله پٽ فوتي جو 3 محمد عالم پٽ فوتي جو 4 غلام مصطفي پٽ فوتي جو 5 حسينه ڌيءِ فوتي جي 6 جويريا ڌيءِ فوتي جي 7 حاجاڻي ڌيءِ فوتي جي 8 سائڻ زال حبيب الله فوتي جي 9 غلام مرتضي پٽ گل محمد پوٽو فوتي جو 10 صغير عافيا ڌيءِ گل محمد پوٽي فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو ٽنڊو باگو

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي غلام مرتضي ولد گل محمد بليدي درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي غلام مرتضي ولد حبيب الله بليدي جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه ڪاڪ 2 تعلقي ٽنڊو باگو ۾ سروي 92_93_90_98 مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ديهه ڪاڪ 2 تعلقہ ٽنڊو باگو ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي گل محمد ولد حبيب الله بليدي جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 غلام مرتضي پٽ فوتي جو 2 صغير عافيا ڌيءِ فوتي جي 3 مسمات الهجائي زال فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو ٽنڊو باگو

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي عبدالرزاق ولد صالح خان درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي صالح محمد ولد الهجڙيو لنڊ جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه ملي 2 ٽپو ملي تعلقي بدين ۾ سروي 2 / 350 ۽ ٻين مان ايراضي 08_5 ايڪڙ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ چتو خان لنڊ تعلقہ بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي صالح محمد ولد الهجڙيو لنڊ جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 عبدالستار پٽ فوتي جو 2 عبدالرزاق پٽ فوتي جو 3 محمد خان پٽ فوتي جو 4 عبدالقادر پٽ فوتي جو 5 عبدالمنان پٽ فوتي جو 6 عبدالجبار پٽ فوتي جو 7 عبدالله پٽ فوتي جو 8 عبدالوهاب پٽ فوتي جو 9 عبدالرؤف پٽ فوتي جو 10 ڪريمان زال غلام رسول ڌيءِ فوتي جي 11 اسماء زال محمد يعقوب ڌيءِ فوتي جي 12 حسنازال عبدالرحمان ڌيءِ فوتي جي 13 مسمات آمنا زال فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو بدين

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن نوٽس ذريعي اطلاع ڏجي ٿو ته ميسرز سپر اينڊ ڪمپني ٽريڊ اينڊ امپورٽ آف پورٽيل لڪر لائسنسي سکر جيڪو هول سيل جو لائسنس آهي اهو گودام پرسان ريڊ ڪارپيٽ هوٽل ملٽري روڊ سکر کان پلاٽ نمبر 308/1 بلاڪ 3/A مهراڻ ٽائون ڪراچي ۾ ڪولي رهيو آهي علائقي جي ڪنهن به رهاڪو کي جيڪڏهن هن شراب جي گودام تي ڪو اعتراض هجي ته اهڙو اعتراض لکت ۾ ڏينهن اندر (15) ڏينهن اندر هيٺ ڏنل بالا آفيسرن کي ڏيندا پندرهن (15) ڏينهن جي مدت گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه ٿيندو (1) ڊائريڪٽر جنرل (ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن) ايڪسائيز ٽيڪسيشن نارڪوٽڪس ڪنٽرول سنڌ ڪراچي D-46 بلاڪ 01 ڪلفٽن ڪراچي (2) ڊائريڪٽر (ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن) ڪراچي بلاڪ 4A بيرڪ نمبر 11 سنڌ سيڪريٽريٽ ڪورٽ روڊ ڪراچي (3) ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن آفيس (ايڪسائيز) ڊسٽرڪٽ ڪورنگي ڪراچي بنگلو نمبر / فليٽ نمبر A01 پلاٽ نمبر FL-1 بلاڪ 3 ڪلفٽن (گارڊن 01) ڪلفٽن ڪراچي

ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ

عام اطلاع

هرعام وخاص کي اطلاع ٿو ڏجي ته فوتي نالي ملوخان ولد راهب خان سينار جيڪو 10.9.2023تي .فوت ٿي ويوآهي سندس جي کاتي ۾ زرعي زمين ديهه (8)نصرت تعلقہ دوڙ آهي جنهن جو فوتي کاتو بدل ڪرڻ لاءِ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس۾ درخواست پهتل آهي جنهن۾ فوتي جا هيٺين نالن وارا حقيقيءِ وارث ڏيکارياياآهن(1)زاهد حسين پٽ فوتي ملوخان سينار(2)شاهد حسين پٽ ملوخان سينار(3) صدر پٽ ملوخان سينار(4) اختر پٽ ملوخان سينار(5).جيئندي ڌي فوتي ملوخان سينار(6) نورخاتون ڌي ملوخان سينار(7) بختاور ڌي ملوخان سينار (8)ڀاڳ پري ڌي ملوخان سينار(9) لطيفان زال (بيواهه) ملوخان سينار نوٽ. مٿي ڏيکاريل حقيقي وارثن بابت جيڪر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي (7) ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض آفيس ۾ روبرو لکتي پيش ڪري ٻي صورت ۾ فوتي کاتو بدل ڪيو ويندو ۽ ڪنهن جو به اعتراض قبول نه ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو دوڙ

بقايا 1 ۽ ڄڻا فوت.

ڄڻا فوت ٿي ويا جڏهن ته ڪي ڄڻا زخمي ٿي پيا.حادثو دادا پائي جي امام بارگاهه جي سامهون پيش آيوجتي حيدرآباد کان ڪراچي طرف ويندڙ ڪار ڊرائيور جي ڪنٽرول سان نڪري روڊ جي سائيڊ واري حفاظتي ديوار سان وڃي ٽڪرائي حادثي ۾ 45 ورهين جي نصرت آرائين ٿلڏي تي فوت ٿي وئي جڏهن ته نسرين، طيبه، عفصه زخمي ٿي پيا جڏهن ڪار ڊرائيور عدنان آرائين کي ڇٽڪي جوڳي حالت ۾ نيو پٽي ويو ته زخمن جي سٽ نه سهندي رستي ۾ فوت ٿي ويو ٻئي پاسي زخمين کي نوري آباد ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو فوتين جا مڙهه ضروري ڪارروائي کان پوءِ وارثن حوالي ڪيا ويا،جيڪي نوابشاهه کڻائي ويا جڏهن ته زخمين کي ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد اسپتال ريفر ڪيو ويوحادثي کان پوءِ ڪجهه وقت لاءِ موٽروي تي ٽريفڪ جي رواني متاثر رهي جڏهن ته موٽروي پوليس۽ريسڪيو1122جي ٽيمن حادثي واري هنڌ تي پهچي روڊ تي ٽريفڪ مڪمل بحال ڪئي وئي

بقايا 2 7 ڄڻا زخمي

بخش حملاڻي زخمي جڏهن ته ٻي ڌر جو محمد ابراهيم پٽ رمضان حملاڻي ، محمد يعقوب حملاڻي ، محمد اسماعيل پٽ رمضان حملاڻي سخت زخمي ٿي پيا سمورن زخمين کي تعلقہ اسپتال ٿاڻوبولاخان منتقل ڪيو ويو آهي جتي طبي امداد بعد ٻنهي ڌرين جي چار زخمين جيارو پٽ ڪريم بخش ، پيارو پٽ ڪريم بخش ، محمد ابراهيم پٽ رمضان حملاڻي ۽ شيرخان پٽ ڪريم بخش کي سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 3 شهري پريشان

جي آس پاس وارن علائقن ۾ گئس پائيپ لائين ۾ پاڻي داخل ٿيڻ سبب صبح کان گئس جي فراهمي معطل آهي جنهن سبب گهريلو صارفين کي سخت مشڪلاتن کي شهرين حق .منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي جمن سومرو،اياز ملاح،امين عمراڻي عمراڻي گئس انتظاميہ جي نااهلي آهي گئس جي بندش سان روزاني زندگي مفلوج ٿي وئي گهرن ۾ ناشتي لنچ ۽ ڊنر به وقت تي .آهي تيار نه ٿي سگهيو جڏهن ته گهڻن گهرن ۾ ايل پي جي، بجلي جو چولهو يا ٻيا متبادل ذريعا نه آهن جنهن جي ڪري عورتون ۽ علائقي جي .بزرگ سخت پريشاني ۾ آهن رهواسين جو چوڻ آهي ته اسڪول ۽ آفيس وڃڻ وارا ماڻهو ناشتي کان سواءِ هليا ويندا

جو چانهه ناهڻ به آهن جڏهن ته شام گهريلو عورتن جو چوڻ .ممڪن نه رهيو آهي آهي ته گئس جي ڪوٽ سبب ننڍن ٻارن لاءِ .کير گرم ڪرڻ به مسئلو بڻجي ويو آهي شهرين جو چوڻ آهي ته سوئي سدرن گئس ڪمپني جي آفيس ۾ بار بار آگاهي ڏيڻ ۽ شڪايتون درج ڪرائڻ باوجود مسئلو حل نه ڪمپني جو ڪو به عملدار .ٿي سگهيو آهي فون تي به موجود ناهي جنهن ڪري عوام علائقي .۾ سخت پريشاني ۽ ڪاوڙ آهي جي رهواسين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي گئس بحال ڪئي وڃي ۽ مستقل حل فراهم ڪيو وڃي ته جيئن گئس استعمال ڪندڙ هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي معمول جي زندگي گذاري سگهن

بقايا 4 ڪري فوت

ٿان هيٺ ڪري سخت زخمي ٿي پيو هيو .جيڪو زخمن جا تاب نه سهندي اڄ پنهنجي مالڪ حقيقي سان وڃي مليو جنهن جو تڏو سولنگي محلي ۾ وڇايو ويو آهي هتان جي مزدور اڳواڻن مطالبو ڪيو آهي ته مزدور الطاف سولنگي کي حڪومت ۽ مالڪ جمن جوکيو پاران معاوضو ڏنو وڃي ۽ سندس ٻارن جي سار لڌي وڃي

بقايا 5 اسپتال منتقل

اسپتال منتقل ڪوڪر برادري جي ٻن نوجوانن ۾ معمولي ڳالهه تان منهن ماري بعد هڪ هٿيارٻند فرمان ڪوڪر زمين ۾ ٽريڪٽر هلائيندڙ غلام نبي ڪوڪر کي فائرنگ ڪري سخت زخمي ڪرڻ بعد مسلسل فائرنگ ڪندو رهيو جنهن سبب هڪ ٻيو نوجوان احمد هنگورو پڻ گولي لڳڻ ڪري زخمي ٿي پيو زخمي ٻنهي ڄڻن کي سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪيو ويو فائرنگ ڪندڙ جوابدار فرار ٿي ويو جوابدار فرمان ڪوڪر پستل سميت اچي اسان تي فائر ڪيا جنهن سبب مونکي ٽنگهه ۾ گوليون لڳيون ۽ احمد هنگورو پڻ گولي لڳڻ ڪري زخمي ٿي پيو زخمي غلام نبي ڪوڪر فائرنگ واقعي ۾ ملوث جوابدار فرمان ڪوڪر ڪيترن ئي ڏوهن ۾ ملوث رهيو آهي سندس گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. پوليس

بقايا 6 ٻڏي فوت

پاڻي مان ڪڍيو ويو نينگر جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا 7 ڊي سي سانگهڙ

ڪئي وئي. ان موقعي تي تقريب ۾ خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ سارنگ جاويد چيو ته سانگهڙ ۾ خصوصيءَ ماڻهن کي سماج جو باوقار ۽ ڪارآئتو حصو بڻائڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته ڏکين حالتن باوجود معذور ٻارن جي ڪاميابين بابت ٻڌي دل خوش ٿي آهي. اهي ٻار پنهنجي محنت سان ناممڪن کي ممڪن بڻائي رهيا آهن. تقريب ۾ نابينا نوجوان وجاهت علي وسان کي خاص خراج تحسين پيش ڪيو ويو جيڪو سڄي سنڌ جو واحد نابينا نوجوان آهي جنهن سنڌ يونيورسٽي مان انفارميشن ٽيڪنالاجي ۾ ڊگري حاصل ڪئي ۽ هاڻي سانگهڙ ۾ نابينا ٻارن کي ڪمپيوٽر سيکارڻ جو ڪم ڪري رهيو آهي. وجاهت چيو ته سندس ڪاميابين ۾ سندس ماءُ درشهوار جو وڏو هٿ آهي ۽ هر خصوصي ٻار جي ماءُ کي ساڳي همت ڏيکارڻي پوندي. ڊپٽي ڊائريڪٽر سرفراز شر چيو ته اڄ جو ڏينهن انهن ٻارن جي صلاحيتن کي نمايان ڪرڻ جو ڏينهن آهي. هنن ٻارن ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته هو سماج جا ڪارآئتا ۽ باصلاحيت فرد آهن. جڏهن ته ان اسپيشل ٻارن اشارن جي ٻوليءَ ۾ قومي ترانو پيش ڪري حاضرين کي متاثر ڪري ڇڏيو. تقريب ۾ عبيد هنگورجو چيو ته اسان جو پروگرام ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته اهي اسپيشل ٻار توڙي وڏا پاڻ کي اڪيلو نه سمجهن اسان اهو احساس ڏيارڻ لاءِ ڪيو ته اوهان سڀ ڪجهه ڪري سگهو ٿا معاشرو اوهان سان گڏ آهي اڄ اوهان ڏٺو ته انهن ۾ ڪيتري صلاحيت آهي اهي سڀ ڪجهه ڪري سگهن ٿا انهن جا وارث صرف توجهه ڏين سرڪار انهن لاءِ ڪافي سهولتون فراهم ڪري رهي آهي ان ۾ والدين کي ته اڳيان اچڻ گهرجي جڏهن ته تقريب ۾ احمد خان ڪنڀر پروفيسر نواز ڪنڀر ڊاڪٽر دولت جمالي مسلم فاروق، صابر حسين مهر راجيش ڪمار هرساداڻي اعجاز علي زرداري، پروفيسر عباس لغاري، امير بخش ٻڙدي، عبدالمجيد راهمون، شباني بلوچ، مير حسن شر ۽ ٻين پڻ معذور ٻارن جي حوصلا افزائي ڪئي.شرڪت ڪندڙن چيو ته معذورن کي سهولتون، تعليم تربيت جا موقعا فراهم ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي ۽ انهن ٻارن کي معاشري ۾ برابر هر سهڪار مهيا ڪيو ويندو.

بقايا 8 نوجوان فوت

جي ابتڙ ڏاهيل خوني ٽرڪول مين هائي وي جي مقتل گاهه ٻٺيل پير موڙ تي گذريل ڏينهن صبح جو ان وقت هڪ پورهيت خاندان جي گهر تي قيامت ڪڙڪي پئي جڏهن ڪوسڪي جي پورهيت خاندان جو خوبرو نوجوان 17 سالن جو مئٽرڪ جو شاگرد ڪاشف علي ڪمبوهه پٽ ممتاز علي ڪمبوهه جيڪو پنهنجين ٻن ماسين هڪ معصوم ٻارڙي کي موٽرسائيڪل تي ڪٺي شادي لارج طرف اچي رهيو هو ته سامهون ايندڙ هڪ تيز رفتار ٽرالر جو بدمست ڊرائيور سندن مٿان گاڏي چاڙهي ڇڏي سندس ٻئي ماسيون ۽ معصوم ٻارڙي زخمي ٿي پئي نوجوان جي هاڃو ڏاريندڙ موت تي سندس ماسيون ماتم ڪندي بيهوش ٿي ويون شديد زخمي نوجوان روڊ تي تڙپي تڙپي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو ڊرائيور سميت حادثو ڪندڙ ٽرالر جو عملو موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو اطلاع ملندي ئي فوتي نوجوان ۽ زخمي عورتن جا وارث شهري آسپاس جا رهواسي ڳوٺاڻا ڪوسڪي پوليس شادي لارج ۽ ڪوسڪي جا صحافي حادثي واري هنڌ پهچي ويا زخمي عورتن ۽ معصوم ٻارڙي کي رورل هيلٿ سينٽر ڪوسڪي منتقل ڪيو ويو فوتي نوجوان جي لاش کي پوليس ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال ڪٺائي وئي ڪوسڪي پوليس حادثو ڪندڙ ٽرالر کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو خوبرو نوجوان جو سر ڌڙ کان ڌار ٿيل لاش جڏهن گهر پهتو ته پيءُ امڙ پائرن پيٽرن تي ڄڻ ته قيامت اچي ڄيءَ جي جگر جي ٽڪري ڇمبڙي ماتم ڪندا رهيا هن حادثي کان پير موڙ جي مقتل گاهه ٻٺيل ساڳي هنڌ تي سوين هاڃو ڏاريندڙ حادثا اڳ ۾ پيش اچي چڪا جنهن سبب سوين گهر اجڙي ويا آهن سوين انساني زندگيون اجل جو شڪار ٿي ويون آهن ۽ ڪيئي ماڻهو معذور بڻجي سموري زندگي اپاهج بڻجي ويا آهن.

بقايا 9 مڃتا لاءِ ريلي

پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن پنهل خان سانگي، اشفاق لغاري، خليل الرحمان عباسي مهتاب ابڙو، امتياز شاهاڻي شفيق جتوئي حبيب الله ڪوڪر ۽ ٻين چيو ته معذورن جي 5 سيڪڙو ڪوٽا تي عمل نه ٿيڻ جي ڪري پوري سنڌ اندر وڏي تعداد ۾ معذور نوجوان بيروزگار آهن معذورن جي ڪوٽا تي ڌاڙو هڻي اسان جون نوڪريون نارمل ماڻهن کي ڪيائي اسان کي پنهنجي جائز حقن کان محروم ڪيو ويو آهي هنن چيو ته گونگن ۽ ٻوڙن کي به بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ شامل نه ٿو ڪيو وڃي ۽ نه ئي پاڪستان جي حڪومت معذورن کي مقرر ڪيل معاوضو ڏنو پيو وڃي، معذورن ڪرڪيٽرن جي لاءِ پلي گرائونڊ ناهي سنڌ حڪومت طرفان آل پاڪستان ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ پي سي بي ڊيف ۾ ڪامياب ٿيندڙ ڪرڪيٽرن کي سهولتون مهيا نه پئي ڪري ۽ نه ئي سندن جي صلاحيتن مان فائدو ورتو پيو وڃي جنهن ڪري ڊيف ڪرڪيٽرن ۾ مايوسي پکڙيل آهي هنن وفاقي ۽ سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته 5 سيڪڙو معذور ڪوٽا تي عمل ڪري نوڪريون ڏنيون وڃن گونگن ۽ ٻوڙن کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ شامل ڪري وظيفي جي رقم سان گڏ وفاقي حڪومت کين مقرر ٿيل معاوضو ڏنو وڃي، ڊيف راندين جي لاءِ پلي گرائونڊ ناهي کين سهولتون فراهم ڪري انهن جي صلاحيتن مان فائدو حاصل ڪيو وڃي ٻي صورت لاڙڪاڻي جا سوين گونگا ۽ ٻوڙا پنهنجي جائز حقن لاءِ ڀرپور احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا.

بقايا 10 ڊاڪٽر عذرا فضل

جي نظام کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد فراهم ڪئي وئي آهي صحت ۽ آبادي جي پلاننگ واري وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو ان سلسلي ۾ منعقد ڪيل نشريات ۽ منصوبي جي بند ٿيڻ واري تقريب ۾ مهمان خاص طور تي شرڪت ڪئي پنهنجي خطاب ۾ سنڌ جي صحت واري وزير يورپي يونين جي ڪوششن جي تعريف ڪئي ڏاڪٽن جي پائيداري کي اجاگر ڪيو ۽ چيو ته پاڪستان ۾ غذائيت جو مسئلو اڃا تائين هڪ وڏو چئلينج آهي ۽ تنهن ڪري اسان جي اولين ترجيح بيمارين جي روڪٿام ۽

صحتمند زندگي جي واڌاري آهي حامله عورتن جي غذائيت، ٻارن جي ترقي ۽ مناسب خانداني وقت تمام ضروري آهي جنهن ۾ مردن جو ڪردار پڻ اهم آهي اسان ڪميونٽي جي شموليت، يونيورسٽين ۾ قائم ڪيل غذائيت مرڪزن ۽ نون ڊاڪٽرن کي تربيت ذريعي غذائيت جي نظام کي مضبوط ڪري رهيا آهيون ته جيئن سنڌ جي هر ٻار کي هڪ بهتر ۽ صحتمند مستقبل فراهم ڪري سگهجي بعد ۾، منصوبي بابت معلومات ڏيندي، اهو چيو ويو ته گذريل ٻن سالن دوران سنڌ ۾ غذائيت جي نظام کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ترقي ڪئي وئي آهي سول سوسائٽي جي قيادت کي مضبوط ڪيو ويو سروس پهچائڻ ۾ بهتري آئي ۽ ثبوت تي ٻڌل وڪالت کي فروغ ڏنو ويو 15 سول سوسائٽي تنظيمن جي صلاحيت کي وڌايو ويو ته جيئن اهي جوابده ۽ برادري تي ٻڌل غذائيت جي شروعاتن جي اڳواڻي ڪري سگهن انهن تنظيمن صوبائي ۽ ضلعي سطح جي ڪوآرڊينيشن ميڪانيزم ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪيو جتي انهن پاليسي سطح تي پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ پروگرامن جي تسلسل لاءِ عطيو ڏيندڙن کان فنڊنگ کي پڻ يقيني بڻايو

بقايا 11 خودڪشي

ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو پوليس موجب شروعاتي رپورٽ معاصرو خودڪشي لڳي رهيو آهي وارثن جو چوڻ آهي ته نوجوان نشو واپرائيندڙ هو اڄ خودڪشي ڪري ڇڏي آهي وارثن پوسٽ مارٽم ڪرائڻ کان انڪار ڪيو آهي نوجوان جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو آهي

بقايا 12 منشيات هٿ

مان وڏي مقدار ۾ مين پڙي گهٽڪو نشي آور سوپارين جا ڪٽا هٿ آيا جنهن تي مانجهند پوليس منشيات کي تحويل ۾ وٺي زخمي جوابدارن احسان ملڪ شان ملڪ ۽ وقار ملڪ کي گرفتار ڪري سندن مٿان سرڪاري مدعيت ۾ منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

بقايا 13 دعويٰ

زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيو جنهن وٽان هڪ موٽر سائيڪل ۽ پستول برآمد ٿيو گرفتار جوابدار مٿان ضلعي جي مختلفن ٿاڻن تي 6 ايف آئي آر درج ٿيل آهن جڏهن ته ٻيون مقابلو ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي حد سوهو ڪناصرا لنڪ روڊ تي پوليس جو ڏوهارين سان مقابلو ٿيو آهي ۽ ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا آهن ، ڪنڊومستي پرسان سوهو ڪناصرا چوڪي انچارج پاران شڪ جي بنياد تي موٽر سائيڪل سوار ڦورن کي بيهڻ جواشارو ڏنو ڦورن پاران بچڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن دوران پوليس پاران ڦورن جو پيڇو ڪري فائرنگ ڪري ڏني جنهن سبب ٻه ڏوهاري سخت زخمي ٿي پيا آهن ، واقعي بعد پوليس ۽ علائقي واسين سميت سوين ماڻهون پهچي ويا ، مقابلي ۾ ٻنهي زخمي ڏوهارين جي سڃاڻپ عبدالعليم رند ۽ قربان شنباڻي طور ٿي آهي ، جڏهن ته زخمين ڏوهارين کي پوليس پاران تعلقہ اسپتال ڪوٽڏيجي منتقل ڪيو ويو آهي ، پوليس موجب وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا 14 تقريب منعقد

ثقافت ۽ ٻولي کي زنده رکڻ لاءِ اهڙا ڏينهن ملهائيندڙ رهنديون آهن ۽ اهڙي ريت اسان جي سنڌي قوم به اهو ثقافت وارو ڏينهن ملهائي پئي، جنهن جي ملهائڻ ۾ سڀني ڳالهه هي آهي ته گهٽ ۾ گهٽ اسان سڀ سنڌي هڪ ٿي ڪري اهو ڏينهن ملهايون ٿا، ۽ ان ڏينهن کي اسان ٻڌي وارو ڏينهن پڻ چئون ٿا.

بقايا 15 فوت

وئي ،فوتي جي سڃاڻپ جوهي واسي عبدالواحد سومرو طور ٿي آهي، وڪيل جاويد چانڊيو موجب فوتي پنهنجي پيءُ فيض محمد سومرو جي ضمانت واري ٻڌڻي تي سندس سان عدالت ۾ مليو آيو ضمانت رد ٿيڻ جو ٻڌندي ڪيس دورو پيو ۽ اسپتال نئيندي فوت ٿي ويو ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جنهن کي وارث اباڻي ڳوٺ جوهي کڻائي ويا، ياد رهي ته فوتي جي پيءُ جوابدار فيض محمد عرف عابد سومرو ۽ سڪندر سومرو مٿان جوهي ٿاڻي تي فريادي سيد علي رضا شاهه جي فرياد تي ڏوهه نمبر 99/2025 تحت نينگر سان گينگ ريپ جو ڪيس داخل ٿيل آهي

بقايا 16 تقريب منعقد

ثقافت کي زنده رکڻ نسلن جي ذميواري آهي ميڊم قمر چيو ته سنڌي ثقافت هڪ قديم خزانو آهي جيڪو اسان کي سادگي، احترام جو پيغام ڏئي ٿو گرلز گروپ جي ٻارن سنڌ شاعري، تقريرن ۽ پرفارمنس ۾ جي مختلف روايتن کي پيش ڪيو شاگرديائين جون ننڍڙين ٽيمون ثقافتي رواجن کي ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪنديون رهيون جتي رلي جي تياري ڏيکاري وئي پرت، کتا ۽ ڪيڙي جي هنر جو مظاهرو ٿيو ۽ ڪن ٻارن سنڌي عورت جي عظمت کي تمام پيار سان پيش ڪيو هيڊ مس حميرا چند چيو ته ثقافتي ڏينهن رڳو تفريح نه آهن پر ٻارن کي پنهنجي سڃاڻپ، تاريخ اهو ڏسي .زبان ۽ روايت سان جوڙين ٿا خوشي ٿي ته اسان جا ٻار پنهنجي ثقافت کي فخر سان پيش ڪري رهيا پروگرام دوران ٻارن ڪيترن ۽ انتظاميه آهن جو جوش محنت ۽ گڏيل جذبو قابل تحسين هواسڪول جي ميدان ۾ ثقافتي رنگ، راڳ، لباس لهجا ۽ ٻارن جا چمڪندڙ چهرا سنڌ جي محبت کي نئين سر زنده ڪري رهيا هئا.

بقايا 17 تحويل ۾ ورتو

شڪارپور ڦاٽڪ لڳ گوليمار روڊ تي صندلن ۽ دوڪانن تي گوشت وڪرو ڪندڙ ٽن دوڪانن تي ڇاپو هڻيو وڏي مقدار ۾ گوشت برآمد، ٽنهي دوڪانن کي سيل ڪيو ويو گوشت جا جزا وٺي ليبارٽري اماڻيا ويندا جنهن ڪانپوءِ رپورٽ بعد وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.اربعہ ڏينهن گوشت جو ناغو هجڻ سبب گوشت کي فريزر ۾ رکيو ويو هو.سکر جي شهرين ڊي سي سکر،ڊائريڪٽر فوڊ اٿارٽي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته غيرمعياري گوشت وڪرو ڪندڙ گوشت فروشن خلاف سخت ڪارروائي ڪري معياري گوشت جي وڪري کي يقيني بڻايو وڃي.واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ به سکر جي پاڪ ڪالوني واري علائقي ۾ گودام تي ڇاپو هڻي مئل جانورن جو ڪيترائي مڻ گوشت هٿ ڪيو ويو هو.

بقايا 18 اسپتال داخل

ويو جتي سندس جو علاج ڪيو ويو هاڻي سندس طبيعت بهتر ٻڌائي پئي وڃي ٻئي پاسي صحافي رياض حسين عالماڻي جي دڪان ۾ پيل سامان جي تمام گهڻو نقصان پڻ پهتو آهي صحافي رياض حسين عالماڻي پورهيت ۽ پنهنجي صحافتي پيشي سان انتهائي سچو ۽ مخلص رهيو آهي واقعي ڪانپوءِ سندس جو تمام گهڻو مالي نقصان ٿيو ضلع انتظاميا ۽ ٻين سرڪاري وس وارن ادارن کي مالي سهائتا ڪرڻ گهرجي رياض عالماڻي حضور شرم انسان دوست فقير ماڻهو آهي الله سائين ان جي ٻچن کي نئين زندگي ڏني آهي ۽ فقير اختر لغاري ڏک سک جو ساٿي آهي هميشه گڏجي حق سچ جي صحافت ڪئي آهي انهن جي صحتيابي لاءِ دعاگو آهيون الله سائين انهن جي حق حلال جي رزق ۾ برڪت عطا فرمائي

بقايا 19 ميڊيڪل ڪئمپ

جيڪب آباد جي مغيري هائوس تي ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪئي وئي پهرين کان 3 ڊسمبر تائين جاري ميڊيڪل ڪئمپ تي 8 هزارن کان وڌيڪ مريضن پنهنجي اکين جي چڪاس ڪرائي ۽ هڪ هزار مريضن جي اکين جا مفت آپريشن ڪري کين هڪ مهيني جون دوائون پڻ مفت فراهم ڪيون ويون ميڊيڪل ڪئمپ تي ٽن پيدائشي نابين نينگرين جي اکين جا آپريشن پڻ ڪيا ويا ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر ابرار ٽنيو ٻڌايو ته پي پي پي ايم پي اي شير محمد مغيري جي تعاون سان جيڪب آباد ۾ 3 ڏينهن لاءِ اکين جي مفت علاج واري ڪئمپ قائم ڪئي وئي جنهن ۾ 8 هزار مريضن جي اکين جي چڪاس ڪري کين دوائون ڏنيون ويون ۽ هڪ هزار مريضن جي اکين جا مفت آپريشن ڪيا آهن جن ۾ 3 نينگريون اهي هيون جيڪي پيدائشي نابين هيون هن چيو ته سماجي ڀلائي وارو ڪم آهي ايم پي اي شير محمد مغيري سميت اسين به ان خير جي ڪم ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي اکين جو نور الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي هن چيو ته بي پهچ، غريب مسڪين ماڻهون جيڪي نجي ميڊيڪل سينٽرن مان پنهنجو علاج نه پيا ڪرائي سگهن انهن جو مفت علاج ڪرڻ سان دلي سڪون مليو آهي ان سلسلي ۾ مريضن چيو ته اسين ايم پي اي شير محمد مغيري سميت ڊاڪٽرن جي ٽيم جا ٿورائتا آهيون جنهن عزت ڀري طريقي سان اسان جو

مفت علاج ڪيو ۽ مفت دوائون ڏنيون اسين غريب آهيون نجي ميڊيڪل سينٽرن تان علاج ڪرائڻ جيتري سگهه نه هجڻ ڪري تڪليفن سان منهن پيا ڏيون

بقايا 20 عرس شروع

موقعي تي پ پ پ ضلعي اڳواڻ حاجي شوڪت علي خان ملڪاڻي، ضلعي ڪائونسل ميمبر رئيس اعظم خان ملڪاڻي، پ پ پ تعلقي صدر حاجي محمد قريشي، ڪاتيار برادري جي سردار طاهر ڪاتيان وڏيرو ناٿو ڪاتيان ميمڻ برادري مان محمد حسن عطاري ۽ ٻين معزز ميزبانن پاران شاندار آجيان ڪئي وئي مهمانن کي روايتي سندن اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا اڄ شام حاجي شوڪت ملڪاڻي درگاهه تي حاضري ڀري مزار تي چادر چاڙهي دعا گهرڻ کان پوءِ ميلي جي گرائونڊ ۾ لڳل ڪوڏي ڪوڏي راند ڏٺي ۽ رانديگرن جي حوصلا افزائي لاءِ نقد انعام پڻ ورهايا. عرس تقريب ۾ عقيدتمندن جي وڏي انگ ۾ آمد جاري آهي ميلي ۾ روايتي راندين اسٽالن ۽ روحاني محفلن جو به سلسلو جاري رهندو

بقايا 21 گهر سڙي رک

جي زمين تي ويٺل غريب هارين جي بستي ۾ پيش آيو جتي باهه ناٿو سومجي، چندن ڏنجي سميت ڪولهي برادري جا 13 گهر مڪمل طور سڙي رک ٿي ويا باهه گهرن تائين محدود نه رهي پر پرسان پيل پراڙن ڍيرن ۽ زميندار جي بيٺل ٽراليءَ کي به مڪمل طور تباهه ڪري ڇڏيو ڳوٺاڻن موجب باهه وڏي تيزي سان پکڙجڻ سبب 200 ايڪڙن کان وڌيڪ پلال پڻ سڙي برباد ٿي ويواطلاع ملندي ئي بدين جي فائر برگيڊ جي گاڏي واقعي واري هنڌ پهتي ۽ باهه تي ضابطو آڻڻ لاءِ ريسڪيو آپريشن شروع ڪيو خوشقسمتيءَ سان ڪنهن به جاني نقصان جي اطلاع ناهي ملي پر غريب هارين جي سڄي زندگيءَ جي جمع پونجي، گهر جو سامان هنڌ بسترا ۽ روزمره شيون سڀ سڙي خاڪ ٿي ويون علائقي ۾ ڏک ۽ پريشانيءَ جي لهر پکڙيل آهي ۽ متاثر ڪولهي برادري کليل آسمان هيٺ ويٺل آهي وس وارن کان گهر ڪيا وڃن ٿا ته متاثر خاندانن جي فوري بحالي لاءِ قدم کنيا وڃن.

بقايا 22 تحفظ جو مطالبو

ڏانهيندي چيو ته مان ان جو واپار ڪري گهرڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو آهيان هن الزام لڳائيندي چيو ته اڄ صبح چاچي بخت علي کي ساڻ ڪري پنهنجي لوڊر گاڏيءَ تي سوار ٿي ان جي واپار لاءِ وڃي رهيو هئس ته رستي ۾ رشيد وگڻ روڊ تي ناڪو لائي وٽ علائقي جي بااثرن اختيار ڪورائي، پريل ڪورائي ۽ نياز علي ڪورائي پنهنجي ٻن هٿيارٻند ساٿين سان گڏجي اسان کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي مون کان 35 هزار رپيا روڪ رقم ٻه موبائيل فون ۽ ٻئون ڦر ڪيس جنهن ۾ ان جون پرچيون ۽ قومي سڃاڻپ ڪارڊ پيل هو جڏهن ته مزاحمت تي بااثر اسان کي تشدد جو نشانو بڻائي ڌمڪيون ڏئي فرار ٿي ويا، اهڙي واقعي جي ڏانهن حد جي رشيد وگڻ ٿاڻي تي ڏني پر پوليس جوابدارن خلاف ڪا به ڪارروائي نه پئي ڪري، جيڪي آزاد گهمي رهيا آهن ۽ اسان کي خاموش رهڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. منهنجي لاڙڪاڻو پوليس جي اعليٰ عملدارن کي اپيل آهي ته رشيد وگڻ ٿاڻي جي پوليس کان سخت پڇاڻو ڪرڻ سان گڏ ڦورن خلاف سخت ڪارروائي ڪري ڦر ٿيل رقم موبائيل فون ۽ سڃاڻپ ڪارڊ واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 23 تقريب منعقد

ملهائڻ جو مقصد ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ آهي معذور ماڻهو هن معاشري جو حصو آهن جن جي هر موڙ تي حوصلا افزائي ٿيڻ گهرجي ته جيئن هو همت سان حالتن جو مقابلو ڪري سگهن. هنن چيو ته معذور ماڻهو وڏين صلاحيتن جا مالڪ هجن ٿا جيڪي هر شعبي ۾ پاڻ مڃرائي رهيا آهن اسان سڀني جو بنيادي فرض آهي ته معذور ماڻهن جي حقن جو تحفظ ڪريون ۽ پنهنجي ڀرپاسي ۾ رهندڙ اهڙن فردن جو خيال رکون ته جيئن ڪنهن معذور جي حق ۾ زڪوات تلفي نه ٿي سگهي. تقريب آفيسر سليم ڪانوري، پ پ اڳواڻ منير حسين منگي، ذوالفقار علي گلال منور علي سميت معذورن ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

بقايا 24 الوداع ڪري ڇڏيو

سگهوري ۾ منشيات جو ڪو به ڪيس هلندڙ ناهي.پوليس بار بار تنگ ڪري ٿي .۽ هاڻ مان هن قرآن کي حاضر ناظر هٿ ۾ کڻي چوان ٿو ته مان نه ڳيڊ ايڪيهه وڪرو ڪندس نه وري انهن جو ساٿاري رهندس.ان لاءِ مان ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيروز مير روحل کوسو کي اپيل ڪيان ٿو ته خدارا منهنجا لسٽن مان نالا خارج ڪيا وڃن مونکي حق حلال جو روزگار ڪرڻ ڏنو وڃي ته جيئن آئون پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذر ڪري سگهان...

بقايا 25 احتجاجي مظاهرو

شاهه صدر شاهنواز ڪنڌڙ طالب ملاح ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي معذور ماڻهن سنڌ حڪومت تي معذورن سان ڪيل واعدا پورا نه ڪرڻ ۽ هزارين ماڻهن جي معاشي قتل تي تنقيد ڪئي ۽ چيو ته اڄ معذور ماڻهن جو عالمي ڏينهن آهي ۽ اسان هن ڏينهن کي ڪاري ڏينهن طور ملهائي رهيا آهيون ڇاڪاڻ ته معذور ماڻهن پنهنجي سڄي زندگي روڊن تي گذاري پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ گذاريا، پر بدقسمتي سان اهو ظالم حڪمرانن جي ڪنن تائين نه پهتو معذور ماڻهو پنهنجي جائز حقن لاءِ سنڌ حڪومت، خاص طور تي چونڊيل نمائندن سرڪاري عملدارن جي گهرن ۽ آفيسن جا چڪر ڪاٽيا، پر بدقسمتي سان معذور ماڻهن کي لوليپپ کان سواءِ ڪجهه به نه ڏنو ويو آهي مظهر اتحاد ۾ شامل 1200 کان وڌيڪ معذور ماڻهن کي بيت المال مان زڪوات نه ملي آهي، پر احساس پروگرام سميت ٻين پروگرامن ۾ معذورن جي مدد ۽ انهن جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪجهه به ناهي جيڪو معذورن سان مڪمل ناانصافي آهي مٿي ذڪر ڪيل اڳواڻن چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي معذورن کي انهن جا جائز حق فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

بقايا 26 منعقد ڪئي وئي

ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو ان بعد آيل مهمانن کي ڳوٺ مير محمد سيال جي معزز شخصيت رضا محمد سيال ۽ صحافي آصف علي سيال پاران سنڌي ٽوپين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا، پروگرام ۾ نوشهروفيروز صحافي اتحاد جو سرواڻ سيد جاني شاهه خاص مهمان طور شريڪ ٿيو ثقافتي تقريب ۾ ، نوشهروفيروز صحافي اتحاد جي مرڪزي وائيس چيئرمين عبدالرزاق لاشاري، قائم مقام جنرل سيڪريٽري حاجي غلام محمد زرگر، مرڪزي اطلاعات سيڪريٽري محسن ملاح، تعلقہ صدر قاضي اياز عالم سينيئر صحافي ۽ اديب اقبال گاڏهي، سنڌ جرنلسٽ ڪائونسل ضلعي نوشهروفيروز جو اڳواڻ ظفر اعوان، هالاڻي پريس ڪلب جو صدر شفيق قريشي، پريس ڪلب ڪوٽڙي ڪبير جا اڳواڻ غلام اصغر هليس سيد ذيشان عباس شاهه عرفان سهتو عدنان لاشاري، هالاڻي پريس ڪلب جا اڳواڻ ماجد ساحل سمون، سيد سجاد علي شاهه سيد صدام شاهه سيد آفتاب شاهه، مسعود احمد سهتو ۽ عوامي پريس ڪلب محرابپور جا اڳواڻ شير محمد راڄپر ارجن داس ادلاڻي سميت ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سنڌ جي ثقافت پنج هزار سال کان به وڌيڪ پراڻي آهي اسان کي پنهنجي قديم ۽ شهڪار ثقافت تي ناز آهي، اهڙا ثقافتي ميلا ننڍن توڙي وڏن ڳوٺن ۾ مچائڻ گهرجن جيئن اسان جي شاندار ثقافت اجاگر ٿيندي رهي، آخر ۾ صوفياڻي راڳ رنگ جي محفل پڻ ٿي جنهن ۾ سنڌ جي سريلي راڳي فقير برڪت علي سمون پنهنجي سنگ سميت قومي ۽ صوفياڻا گيت ڳائي محفل ۾ ويٺلن کي جهومائي ڇڏيو ثقافتي تقريب ۾ شريڪ مهمانن جي مان ۾ مانجهاندي جو پڻ اهتمام ڪيو ويو.

بقايا 27 اياز پليجو

هوندا. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌي قوم پنهنجي ثقافتي ڏينهن تي دنيا جي ٻين قومن سان محبت جو اظهار ڪري ٿي اسان کي ست هزار سالا تهذيب ۽ ثقافت جو مالڪ هجڻ تي فخر آهي. سنڌي ماڻهو امن پسند، ترقي پسند، روشن خيال، علم دوست، انسان دوست، موسيقي ۽ رقص سان پيار ڪندڙ آهن. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌي قوم هميشه پنهنجي ڌرتي جو تحفظ ڪيو آهي سنڌ عظيم تهذيب، ثقافت ۽ رواداريءَ جي ڌرتي آهي. شاهوڪار

تهذيب جي ڌرتي ۽ ان جي وسيلن جي مالڪي اسان سڀني جي ذميواري آهي. ڪرپشن اقرباپروري اسان جي تهذيب، ثقافت ۽ سماج کي تباهه ڪيو آهي. قدرتي وسيلن سان مالامال ڌرتي جا نوجوان خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن. بک، بدحالي ۽ بيروزگاري جو راڪاس زندگيون ڳڙڪائي رهيو آهن. پنهنجي ثقافت ۽ تهذيب جي بقا لاءِ بيدار ٿيڻ جي ضرورت آهي. سنڌ جي خطرن جو مقابلو علم تعليم، ڄاڻ ٽيڪنالاجي ۽ سائنس سان ٿيندو. اياز لطيف پليجي چيو ته پاڻ کي پنهنجي وطن ۾ اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جو خطرو آهي. جيڪڏهن بدلجندڙ دنيا سان گڏ پاڻ کي تبديل نه ڪيوسين پاڻ علم ۽ ٽيڪنالاجي جو رستو نه ورتو ته هي دنيا ڏاڍي ظالم اٿو. تبديلي چاهي پاڻ کي آسمان جي بلندين تي کڻي وڃي تبديلي چاهي ته زمين تي ڌڙ ڪري پيرن ۾ چٿي ڇڏي. سنڌيو پاڻ کي تبديل ڪيو چئلينجن سان مقابلي لاءِ پاڻ کي تبديل ڪيو اڳتي وڌڻ لاءِ پاڻ کي تبديل ڪيو طاقت بنجڻ لاءِ عورتن ۽ مردن جي برابري ڪيي، پنهنجي سماج ۾ اڌ ساڍا ٽي ڪروڙ عورتون هيٺ هونديون ته ڪجهه ڪون ٿيندو. سنڌ ۾ اقليتون غير محفوظ هونديون پنهنجي وطن ۾ هندو ڪرسچن سک ۽ فارسي غير محفوظ هوندا ته پاڻ ترقي ڪون ڪري سگهنداسين پاڻ اهي سنڌي آهيون جيڪي هولي، ڏياريون ڪرسمس ملهائيندا آهيون پاڻ کي اهو پيغام ڏيکو آهي سڄي پاڪستان ۽ دنيا کي ته اسان رواداري برابري ۾ يقين رکون ٿا. اسين پرامن باوقار تهذيب جا وارث آهيون اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ۾ سرداري، جاگيرداري ۽ قبائليت جا ڇنبا ڪوڙيل نه هجن ها ته سنڌ هيٺن تباهه ۽ برباد نه ٿئي ها. جيڪڏهن فيصلا جرڳن بدران عدالتن ۽ اسيمبلين ۾ ٿين ها ۽ اسيمبليون ۽ عدالتون اهڙيون هجن ها، جن تي عوام کي اعتماد هجي ها ته سنڌ جو حشر اڄ تباهه ۽ برباد ٿيل نه هجي ها. سنڌ کي تعليم ميرٽ روزگار صحت کپي پاڻي تيل گئس ڪوئلي ۽ پنهنجن وسيلن تي مالڪي جو اختيار گهرجي. سمنڊ، ٻيٽ، ڪاچو ڪوهستان ٿر سميت سڄي سنڌ جي مالڪي گهرجي. قبضاگيري نه ڪيي، سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جون قبضاگير اسڪيمون نه گهرجن. مختلف منصوبن جي نالي ۾ هزارين ايڪڙ زمينن تي قبضا نه گهرجن

بقايا 28 ڊي سي

منشيات جي خطرناڪ اثرن بابت ڄاڻ ڏني تقريب ۾ ثقافتي لباس پاتل ٻارڙا گيتن تي جهمريون هڻي رهيا هئا.ان موقعي تي اسڪول آنر لالا محمد اسحاق ۽ ٻين استادن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسانکي پنهنجي ثقافت سان پيار آهي سنڌي تهذيب جي پراڻي تاريخ آهي هي وقت هڪ ٿيڻ جو آهي اسانکي بغير رنگ نسل جي پاڻ ۾ ملي ڪري ثقافت کي بچائڻو پوندو اهڙا پروگرام ٿيڻ سان ٻارن ۾ حوصلو وڌي ٿو ۽ ٻارن کي پنهنجي ثقافت بابت اهم ڄاڻ ملي ٿي جڏهن ته تقريب ۾ تعلقہ ايجوڪيشن سيڪنڊري تيجارام جيسواڻي،ايم ايس ڊاڪٽر الياس جت،اسماعيل سميجي،منظور علي چيلي،ممتاز علي موسيپوٽو،محمد رفيق آرائين ۽ ٻين مهمانن استادن والدين ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

بقايا 29 ڊي سي

ميمڻ انفارميشن آفيسر ٿرپارڪر ياسر ميمڻ ضلعي ۽ تعلقہ پريس ڪلبن جي صدرن سوشل ويلفيئر سول سوسائٽي ايجوڪيشن سميت عملدارن سميت اين جي اوز جي نمائندن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي ڳالهائيندي چيو ته ٿرپارڪر ضلعو پر امن ضلعو آهي، ان کي وڌيڪ پر امن برقرار رکڻ اسان سڀني جو گڏيل فرض آهي. هن چيو ته ضلعي سميت ملڪ ۾ انتها پسندي کي روڪڻ جي لاءِ تمام ادارن جو پاڻ ۾ ويجهي رابطي کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي جيئن انتظاميا، ميڊيا سميت سمورا ادارا امن امان جي صورتحال کي بهتر ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪري سگهن. هن چيو ته اسان سڀني کي خاص ڪري غلط افواهه ڦهلائي امن امان جي صورتحال کي خراب ڪندڙ ماڻهن تي نظر رکڻ جي ضرورت آهي جيئن انهن خلاف جلد قانوني ڪارروائي ڪري سگهجي. ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر چيو ته امن برداشت، صبر ۽ پائيداري جي پيغام کي عام ڪرڻو آهي، ان جي لاءِ ميڊيا جي مدد سان ٿرپارڪر جي پريس ڪلبن سميت ٻين هنڌن تي سيمينار ۽ کلي ڪچهري جا پروگرام رکيا ويندا، جيئن امن امان جو پيغام عوام تائين پهچڻ سان گڏ عوام ۽ ادارن جو پاڻ ۾ ويجهو رابطو رهي سگهي. هن چيو ته ٿرپارڪر ۾ ميڊيا جي دوستن هميشه امن امان جي حوالي سان ساٿ ڏنو آهي جيڪو عمل قابل تعريف آهي جيڪڏهن ڪو به اهڙو اڻٿڻندڙ واقعو ٿئي ٿو ته ان بابت انتظاميا کي ڄاڻ ڏني وڃي ته جيئن ان تي ڪنٽرول ڪري سگهجي. هن چيو ته ميڊيا جي دوستن کي به گهرجي ته مڪمل ڄاڻ حاصل ڪري پوءِ رپورٽنگ ڪئي وڃي ته جيئن سمورين حقيقتون سامهون اچي سگهن ۽ ان معاملي تي انتظاميا کي به ڪم ڪرڻ ۾ آساني ٿي سگهي ان موقعي تي ايس ايس پي ٿرپارڪر محمد شعيب ميمڻ چيو ته ٿرپارڪر ۾ سيڪيورٽي جي حوالي سان وڌيڪ انتظام ڪيا ويا آهن جتي به ضرورت پئي ته ان هنڌ تي وڌيڪ سخت سيڪيورٽي ڪئي ويندي، ضلعي جي داخلي ۽ خارجي رستن تي پوليس جا اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن جتي ايندڙ ۽ ويندڙ گاڏين جي چڪاس ڪئي ويندي آهي

بقايا 30 احتجاج رنگ لاتو

شهريار علي ڪلهوڙو، شهباز علي ڪورائي، صابر علي وساڻ، ثناءالله ڪيريو قلندر بخش مري، ياسر علي لنڊ، شهزاد واسواڻي پاران خوشي جو اظهار ڪندي ڏوڙ پريس ڪلب پهچي گلن جا هار پارائي مٺايون ڪارائي مبارڪون ڏنيون ان موقعي تي شاگردن چيو ته شهيد بينظير آباد پاران ڪجهه ڏينهن اڳ جاري ڪيل امتحاني پڙائي ۾ مارڪون گهٽ ملڻ تي ڊويزنل شهيد بينظير آباد جي سمورن شاگردن پاران سخت احتجاج ڪيو ويو هو اسان به ڏوڙ پريس ڪلب آڏيان احتجاج ڪيا ڏوڙ پريس ڪلب جي صحافين پاران اهڙيون خبرون هلائي اسان جو آواز اعليٰ ايوانن تائين پهچايو ان ڪانپوءِ شهيد بينظير آباد بورڊ جي چيئرمين ٽيڪنيڪل خرابي جو جواز ڄاڻائي ٻيهر نئين رزلٽ جاري ڪري ڇڏي آهي نئين رزلٽ ۾ اسان جون مارڪون سٺيون آيون آهن جيڪي اسان جي مستقبل لاءِ فائدي مند ثابت ٿينديون اسان ڏوڙ پريس ڪلب جي سڀني صحافين جا ٿورائتا آهيون جن اسان کي بهترين ڪوريج اسان جو مستقبل سنوارڻ ۾ اسان جو ساٿ ڏنو شاگردن وڌيڪ چيو ته ڏوڙ پريس ڪلب جي صحافين هميشه ڏوڙ شهر جي مسئلن تي ڀرپور ساٿ ڏئي سوڀ حاصل ڪئي آهي جڏهن ته پريس ڪلب ڏوڙ جي صحافين پاران آيل شاگردن ۽ استادن کي ڀر مان ڏيندي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون ويون

بقايا 31

جوڏهاڙو اسان سڀني لاءِ عيد وانگر ڏهاڙو آهي جنهن کي اسان ڀرپورنموني سان ملهائيندا آهيون هن چيو ته اسان هرسال وچن ڪريون ٿا ته ڪارونجهرجبل جي ڪارپوريٽ مڪمل حفاظت ڪنداسين فارمنگ ڪئنالن کي ختم ڪرائينداسين اسان سڀ سنڌي قوم هڪ ٿي اهو ڏهاڙو هڪ سنڌ هڪ ثقافت جي عنوان هيٺ اهو ڏهاڙو ملهائيندي هن چيو ته اسان سنڌمان قبائلي جهيڙن کي ختم ڪرائينداسين سنڌ ۾ تعليم جي ڏيئي کي گهر گهر پهچائڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي هن چيو ته سنڌجي ثقافت هزارين سالن جي تاريخ سڃاڻپ رکڻ واري ثقافت آهي سنڌامن محبت پيار جوپيغام سڄي دنيا ۾ پهچايو آهي

بقايا 32 ۾ فوت.

۽ ٽن ٻارن سميت 9 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. جن کي سانگهڙ سول اسپتال آندو ويو زخمين کي بعد ۾ نوابشاهه ريفر ڪيو ويو خبرموجب سانگهڙ ويجهو حيدرآباد روڊ تي ٽرڪ ۽ رڪشا ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن سبب رڪشا مڪمل طور تي تباهه ٿي وئي، رڪشا ۾ سوار ٻه ڄڻا موقعي تي فوت ٿي ويا جن جا لاش سانگهڙ سول اسپتال پهچايو ويا جن جي سڃاڻپ رشيدن ڀهڻ ولد جڳو ۽ شمون مسڪين ولد مڪها طور ٿي جڏهن ته زخمين ۾ علي نواز معشوق، آتم ڀيل ۽ ٻيا شامل آهن، زخمين مان هڪ شخص جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي وڃي ٿي حادثي جي خبر ملندي ئي ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال سانگهڙ ۾ وارثن ۽ شهرين وڏي انگ ۾

پهچڻ شروع ڪيو. سول سرجن ڊاڪٽر آفتاب اعظم سريوال پڻ ايمرجنسي وارڊ پهچي زخمين جي علاج لاءِ جوڳا انتظام ڪيا ۽ طبي عملي کي هدايت ڪئي ته زخمين کي فوري ۽ موثر علاج مهيا ڪيو وڃي.پوليس موجب حادثو تيز رفتاري سبب پيش آيو. ٽرڪ ڊرائيور خلاف قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 33 احتجاجي مظاهرو

خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيواحتجاج ۾ شامل ماڻهن گئس جي بندش خلاف نعري بازي ڪئي جتي مظاهرين چيو ته مورو مناهين ۽ آسپاس جي ڳوٺن ۾ ڪيترن ئي ڏينهن کان گئس جي غير قانوني بندش آهي جنهن جي ڪري گهريلو صارفين سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن

بقايا 34 هڙتال جاري

بک هڙتال ڪري احتجاج ڪيو ويو. اڳواڻن چيو ته اسان ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف مرڻ گهڙي تائين احتجاج ڪنداسين هنن چيو ته ڪارونجهر جي تحفظ لاءِ وڪيل صحافي استاد سوشل ورڪس مزدور طبقو مطلب ته شعور رکندڙ هر ماڻهون احتجاج ڪري رهيو آهي پر سنڌ گورنمينٽ پنهنجي هوڏ تي قائم آهي هنن چيو ته پيپلزپارٽي اگر ڪارونجهر جي ڪاٽائي واري ضد تان نه هٽي ته سنڌ جي عوام به پنهنجو فيصلو ايندڙ اليڪشن ۾ ڏيکاريندي، هنن گهر ڪئي ته ڪارونجهر جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي

بقايا 35 هڪ ڄڻو زخمي

طبعي امداد بعد دماغي ڌڪ هڻڻ سبب حيدرآباد ريفر ڪيو ويو ، وارثن موجب ونيش پنهنجي والد کي وٺڻ وڃي رهيو هو ته سامارو جي مين بس اسٽاپ تي شاهه لطيف چوڪ تي اهو حادثو پيش آيو

بقايا 36 لاڏاڻو ڪري ويو

ڪري ويو سندس آخري رسمون هندو ڌرم ۽ صوفياڻي طريقي سان صوفي راڳ ويراڳ جي گونج سان پريم نگر پيرونمل ۾ ادا ڪيون ويون جنهن ۾ گرو مهاراج برادري سان گڏوگڏ مختلف برادرين جي سوين ماڻهن شرڪت ڪئي جڏهن ته هندو مندر مينيجمينٽ ڪميٽي جو فوڪل پرسن راجيش ڪمار هرداساڻي پڻ آخري رسمن ۾ شريڪ ٿيو ٻئي طرف سنت لڏا رام جي پوئلڳن سان ڏک ونڊڻ جو سلسلو جاري آهي

بقايا 37 انصاف جو مطالبو

ڪراچي مان سکر گهرايو . اعظم علي پنهنجي زال اقراء ۽ پٽ علي رضا سان سکر شفٽ ٿي روزگار شروع ڪيوبعد ۾ صابر ڪيس پنهنجو گهر ڪرائي تي وٺڻ جو چوڻ لڳو ته سندس دوست سان تڪرار ٿي پيو جنهن ڌڪا ڏئي ڪيس گهر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو پوءِ جڏهن پنهنجي زال ۽ ٻار وٺڻ لاءِ سندس گهر پهتو ته دوست چيو ته ٻار ڪراچي موڪليا ويا آهن پر جڏهن تصديق ڪئي ته ٻار نه پهتا ته ڪيس شڪ ٿيو ته سندس زال ۽ ٻار کي زبردستي قيد ڪيو ويو آهي.متاثر شخص بالا حڪام کان نوٽيس وٺڻ ۽ انصاف سان گڏ تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 38 احتجاج

جوهي واري وين تي چاڙهي وين واري کي 50 رپيه ڪرايو ڏئي مونکي هٿ ۾ 100 رپيه ڪرايو ڏئي چاچو پاڻ واپس گهر هليو ويو صبح کان پريشان رهين آهيان مونکي ڪٽي پنهنجي گهر ۾ پناهه ڏيو ان موقعي تي جوهي شهر جي قديمي معزز خاندان ڏاهري محلي جي رهواسي خادم حسين ڏاهري بيڪري واري جي گهر ۾ نياڻي پناهه ورتي آهي، نياڻي جي اهڙي واقعي تي سمورن ڀاڙي وارن نياڻي جي موجودگي ۾ جوهي پوليس کي اطلاع ڪيو جوهي ٿاڻي جي وڏي منشي چيو ته اوهان نياڻي کي رات ٻارڙن سان رهائش ڏيو صبح جو وومين پوليس حوالي دادو حوالي ڪنداسين

بقايا 39 احتجاج

محمد اڄڻ ايڊووڪيٽ پير ماجد علي ايڊووڪيٽ ارشاق علي لنجار ۽ ٻين پرياسڪي ٿاڻي تي بااثرن تروڙي پوليس خلاف سخت احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته ايڊووڪيٽ سعادت لنجار کان ڦر معاملي جا جوابدار پڪڙي پوليس حوالي ڪيا آهن پر ايس ايڇ او منير لغاري جوابدارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن چيو ته پرياسڪي پوليس ونگارو بڻيل آهي هڪ ايڊووڪيٽ سان اهو حشر آهي ته عام ماڻهو سان ڇا حشر هوندو هنن مطالبو ڪيو ته ڄاڻايل جوابدارن خلاف ايف آءِ آر داخل ٿيڻ تائين احتجاج جاري رهندو ٻئي پاسي پرياسڪي پوليس ٻڌايو ته معاملو ڏيئي ليئي جو آهي وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 40 ڪيس داخل

ڏيڻ تي متاثر ڪنڌي فقير جو پوليس تعلقي اسپتال ڪيرو مان ميڊيڪل ڪرائڻ بعد سندس فرياد تي سڪندر ناريجو ٻاڏو بروهي پير بخش پيو خميسو منگريو ۽ هڪ اڻڄاتل خلاف واقعي جو ڪيس داخل ڪيو آهي جنهن ۾ فريادي ڄاڻايو ته زيادتي ڪرڻ بعد ڪيس پاتل سوني منڊيءَ هزارين رپيا رقم پڻ ڦري ورتي پوليس موجب واقعي جو ڪيس داخل ڪيو آهي وڌيڪ جاچ ڪريون پيا

بقايا 41 وفات ڪري وئي

عمرڪوٽ سيد ساجد حسين شاهه پ پ پ تعلقہ صدر اعجاز راهو ايوب ڪالرو منظور قائم خاني اڳوڻون ٽائون چيئرمين رفيق قائم خاني ٽي ايم او پڳورو سيد شمشير علي شاهه يوسي سامارو روڊ وائيس چيئرمين ايوب ڪيري روٽري ڪلب سنڌ ۽ بلوچستان گورنر شڪيل احمد قائم خاني سرور پنجابي تپيدار جاويد شاهه ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ سان تعلق رکندڙ ماسٽر جاويد خاصخيلي ماسٽر سعيد ماسٽر راشيدعابد ماسٽر محمد خان قائم خاني ماسٽر قيوم آرائين سنڌ پوليس ڊپارٽمينٽ سان تعلق رکندڙ مير خان سولنگي رحيم خاصخيلي ۽ ٻين اهلڪارن پڻ شرڪت ڪئي جڏهن صحافي برادري ۾ سامارو پريس ڪلب صدر ڏاتر بخش سينهيڙو اياز ٻنگلاڻي فيص محمد شاهاڻي خان محمد خاصخيلي عبدالخالق آرائين رفيق ڏوهر بشير شاهاڻي سرفراز رندانوا نورمحمد خاصخيلي ۽ ٻين سياسي سماجي شهرين وڏي انگ ۾ نماز جنازا ۾ شرڪت ڪئي سندس مڙهه کي ڪي سوين آلين اکين سان مراد شاهه قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو صحافي جي والدا جي وفات تي سامارو وائيس چيئرمين نولراءِ مهيشوري هيڊ ماسٽر نريش مالهي صحافي سريش مالهي نويد ڪمار اعجاز ڪوسو ڪيول سرماڻي تلجو چيلاڻي ڪيول ساگر بابو ناچيز مڪيش راماڻي جئيپال مالهي ۽ ٻين پاران ڏک جو اظهار پڻ ڪيو ويو هوڏانهن سندس تڏو ڊڪ پاڙو ساماري ۾ وڇايو ويو آهي جتي تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا 42 ريلي ڪڍي وئي

اسپيشل ايڊيوڪيشن ۽ سنڌ گرين فائونڊيشن جي گڏيل سهڪار سان اسپيشل ايڊيوڪيشن اسڪول کان پريس ڪلب تائين جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ اي سي شهدادپور قمرالدين راهيوٽو ڊي ايس پي مير جاويد ڪاليپور ايس ايڇ او عمران چانڊيو سنڌ گرين فائونڊيشن جي نور منگي ايڊووڪيٽ طارق محمود آرائين اسڪول ۾ پڙهندڙ اسپيشل ٻارڙن کان سواءِ شهرين به شرڪت ڪئي ان موقعي تي اي سي شهدادپور قمرالدين راهيپوٽو سنڌ گرين فائونڊيشن نور منگي مهڪ سنڌو ۽ ٻين مقررين خطاب ڪندي چيو ته اسان کي اسپيشل ٻارڙن تي توجهه ڏئي خصوصي خيال ڪرڻ گهرجي جاڳرتا ريلي جو مقصد معذور ماڻهن جي ڀلائي حقن ڏيڻ ۽ کين بااختيار بڻائڻ لاءِ اجتماعي ڪوششن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ هوهنن چيو ته اسپيشل ٻارڙن جي ڪوٽا ئي انهن جي مسئلن حقن جي لاءِ اپاءَ وٺڻ جي ضرورت آهي جئين آهي احساس محرومي سان نڪري سگهن

بقايا 43 لاش هٿ

طلبه، تفصيل موجب ڏڙي ويجهو لاڪيپور شهر جي ڳوٺ صالح محمد مڪسي پرسان هڪ شخص جو منهن ۾ گولي لڳل لاش هٿ آيو اطلاع تي ڏڙو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو پهچايو پوليس موجب مقتول جي کيسي مان هٿ آيل شناختي ڪارڊ ذريعي سندس سڃاڻپ ابوال جي ڳوٺ جعفر چانڊيو واسي شاهنواز چانڊيو طور ڪئي وئي، واقعي بعد ڏڙو رورل هيلٿ سينٽر تي چانڊيا برادري جا سوين ماڻهو پهچي ويا، عام چوبول آهن قتل واقعو پراڻي دشمني جو تڪرار ٻڌايو وڃي ٿي امڪاني رڌچاڻ کي منهن ڏيڻ لاءِ سڄاول ضلعي جي مختلف پوليس ٿاڻن کان 8 کان وڌيڪ پوليس موبائيلن ۾ سوار اهلڪارن

ڪي طلب ڪيو ويو ان سلسلي ۾ ڏڙو پوليس جي ايس ايڇ او ولي محمد چانگ ميڊيا کي ٻڌايو ته مقتول جي منهن ۾ اک جي مٿان گولي لڳل آهي لڳي ٿو ڪيس گولي هڻي قتل ڪرڻ بعد لاش کي لاڪيپور شهر پرسان ڦٽو ڪيو ويو آهي، هن وڌيڪ ٻڌايو ته ڳوٺاڻي جي قتل جي اعليٰ سطح تي جاچ ڪئي پئي وڃي، وارثن جي اچڻ بعد ڪيس داخل ڪيو ويندو.

بقايا 44 مالڪن حوالي

سائيڪلون واپس ملڻ جو خوشي ۾ طالب ڪوسي پاران شڪريو ادا ڪيو ۽ وحيد علي ڏاهري پاران نوڪن جو هار پارائي شڪريو ادا ڪيو

بقايا 45 9 گرفتار

گهرايو ڳالهين دوران زمين مالڪن تيل ڪمپني جي ذميوارن کي ڪيل معاهدي تحت سهولتون ڏيڻ تي زور ڏنو ڪمپني ۽ زمين مالڪن وچ ۾ ڳالهيون ناڪام ٿيڻ تي ڪمپني زمين مالڪن خلاف ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو جڏهن ته زمين مالڪن سميت 9 ڄڻن کي عمر ساند پوليس ڪارروائي ڪندي گرفتار ڪري ورتو سمورن گرفتار ماڻهن کي گرفتاري بعد ڪورٽ سگهوري ۾ پيش ڪيو ويو ذريعن موجب تيل ڪمپني ۽ زمين مالڪن وچ ۾ معاهدي تحت تيل ڪمپني کي ڳوٺ اندر فلٽر پلانٽ، ڳوٺاڻن کي نوڪريون ۽ ٻيون سهولتون مهيا ڪرڻيون هيون عمر ساند پوليس موجب گرفتار ٿيل ڳوٺاڻن تي تيل ڪمپني جي ملازمن کي يرغمال ڪرڻ جو الزام آهي تيل ڪمپني جي شڪايت تي 9 نامزد ۽ 25 اڻڄاتل مرد ۽ عورتن مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو آهي گرفتار ٿيلن ۾ عبدالله، محمود ، شعيب ، عمير، عنالله ، حمادالله ، جنيد ، غلام مصطفي ۽ شاهجهان سينهڙو شامل آهن اسان سمورن گرفتار ڳوٺاڻن کي ڪورٽ سگهوري ۾ پيش ڪيو آهي گرفتار ڳوٺاڻن تيل ڪمپني جو مين وال بند ڪري تيل ڪمپني جي گاڏي کي روڪي ملازمن کي يرغمال ڪيو هو وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون

بقايا 46 ڏمرجي پيو

جنهن تي خيرپور ناٿن شاهه سنڌ بينڪ مينيجر عصمت الله پلو چيو اوهين سپاٽي ڪٽي اچو اڄ پگهارون ملن پيون ۽ ڪيش به تمام گهٽ آهي

بقايا 47 افتتاحي تقريب

جسماني ۽ ذهني ترقي لاءِ تمام ضروري آهن. راندين جون سرگرميون ميڊم شباڻ سومرو ۽ پروفيسر عبدالفتح بلوچ جي نگراني ۾ منعقد ڪيون ويون

بقايا 48 سوگهو ڪري ورتو

مڱڻهار ويٺل محرابپور طور تي ڪئي جڏهن ته محرابپور پوليس کين حراست ۾ وٺندي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي آخري اطلاعن تائين گرفتار مڱڻهار فقيرن خلاف اڃا تائين ڪوبه ڪيس داخل نه ٿيو.

بقايا 49 مرتضيٰ جتوئي

آڏر پنهنجو بيان قلمبند ڪرايو جنهن کان پوءِ عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 20 ڊسمبر تائين ملتوي ڪئي وئي.

بقايا 50 مطالبو

۽ شديد تشويش پکڙيل آهي ۽ اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو پيو وڃي. ان سلسلي ۾ سکر ميونسپل ڪارپوريشن ۽ سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ ڪمپني جي غفلت ۽ مسلسل لاپرواهي سبب سکر شهر ۾ صفائي ستهرائي جو نظام مڪمل طور تي بگڙيل آهي. شهر جي واپاري مرڪزن کان وٺي مصروف رستن تائين هر هنڌ گندگي جا ڍير پيل آهن جن مان نڪرندڙ بدبوءِ سبب وبائي بيمارين پکڙجڻ جو خطرو وڌي ويو آهي. علائقائي رهواسين جو چوڻ آهي ته ڪيترين ئي شڪايتن جي باوجود انتظاميه ڪو به اثرائتو قدم نه کنيو آهي ۽ شهر جي صفائي سڌارڻ لاءِ ڪا به سنجيده ڪوشش نه ٿي ڪئي وڃي.شهري، سماجي تنظيمن ۽ متاثر علائقن جي رهواسين صوبائي وزير بلديات، ڪمشنر سکر ميونسپل ڪمشنر سکر ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته هو فوري نوٽيس وٺي شهرين کي بنيادي بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کڻن.

بقايا 51 ڀيٽا پيش

سنڌ جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل نور چاڪراڻي جوائنٽ سيڪريٽرين احساس ميرل ،خالد منيس خزانچي شبير سيال، آڊيٽر اياز لطيف دايو ۽ پريس ترجمان مير حسن مري گڏيل پريس ريليز جاري ڪندي چيو آهي ته بيدل مسرور سنڌ جي آرٽ ۽ ڏاهپ جو عظيم ڪردار هئي جنهن پنهنجي جواني ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڊرامن ۾ شاندار اداڪاري ڪئي، پر انهيءَ سان گڏ علم ادب ۽ ڏاهپ جو عظيم ڪردار هئي، مرحومه سنڌ جي نالپواري ليکڪا سحر امداد جي ڀيڻ هئڻ ناتي انهيءَ سان پڻ تعزيت جو اظهار ڪجي ٿو سنگت جي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته بيدل مسرور سنڌ جو بيجل آهي جنهن جون پنهنجي تند ۽ تنوار سان شهڪار گيت ڏنا آهن شاندار فنڪشن ۽ شاعري ڏني آهي اهڙي مهان شخصيت سان سنڌي ادبي سنگت سنڌ جا سڀ ڪارڪن ڏک جي لمحن ۾ برابر جا شريڪ آهن ۽ سنگت سموري سنڌ جي شاخن ۾ ٽي ڏينهن سوڳ ملهائڻ جو اعلان ڪري ٿي سنڌي ادبي سنگت ڪراچي جي ضلعي رابطا سيڪريٽري سميت سڀني شاخن کي گذارش ڪئي وئي آهي ته مرحومه جي جنازي نماز،تدفين ۽ تعزيت ۾ شرڪت ڪئي وڃي

بقايا 52 منعقد ڪئي وئي

اڳواڻن ۽ برادري جي نمائندن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي تقريب جي خاص مهمان مُکي ايشور لال هو جنهن شرڪت ڪندڙن سان پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته هو پنهنجيون سڀ صلاحيتون استعمال ڪندي ان اعتماد کي پورو ڪندو جنهن سان برادري کيس هن عهدي لاءِ چونڊيو آهي. هن چيو ته سنڌ هندو پنچائت هميشه برادري جي خدمت، باهمي اتحاد ۽ سماجي ڀلائي جي مشن تحت ڪم ڪندي رهندي. تقريب ۾ قانوني صلاحڪار اشوڪ ڪمار مُکي وڪي ڪمار بارو مل، وڪي ڪمار لالواڻي، دادا کيم چند لالواڻي چيتن داس، ادت راڄ وڪي شرما، سنيل ڪمار مکيهيجا، ڪشور شرما، سريندر لال روپي ڪمار ۽ سينئر صحافي پراگ شرما سميت ڪيترين ئي شخصيتن شرڪت ڪئي روهڙي، پنو عاقل گهوٽڪي ۽ شڪارپور سميت مختلف علائقن جا ماڻهو به وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙ مُکي ايشور لال کي سرپرست اعليٰ چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ اميد ظاهر ڪئي ته سندس قيادت ۾، سنڌ هندو پنچائت برادري جي ڀلائي لاءِ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪندي

بقايا 53 علاج لاءِ اپيل

ڪلب اڳيان احتجاجي ڌرڻو هنيو عشر زڪوات ضلع سانگهڙ جو چيئرمين ۽ ڊي سي سميت چونڊيل نمائندن منهنجو علاج ۽ مالي امداد راشن ۾ ساهيتا ڪيس گل شير مڱڻهار احتجاج ڪندڙ گل شير مڱڻهار ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هو ڪيترن مهينن کان سخت بيمار آهي علاج جا خرچ برداشت نٿو ڪري سگهان جڏهن ته گهر ۾ ٻارڙا بکون ڪٽڻ پيا هن اپيل ڪئي ته ڊي سي سانگهڙ ۽ چيئرمين عشر زڪوات سانگهڙ انساني همدردي تحت سندس علاج، مالي امداد ۽ راشن جي فوري سهائتا ڪئي وڃيعوامي حلقن ۽ سماجي تنظيمن به ضلعي انتظاميان کان مطالبو ڪيو آهي ته غريب ۽ لاچار شهري پراڻو ڊرائيور گل شير جي فوري مدد ڪئي وڃي ته جيئن هو پنهنجي علاج سان گڏ گهر جو خرچ به هلائي سگهي.

بقايا 54 ظاهر ڪري ڇڏي

ٽي ريڊ لائن پراجيڪٽ انتظاميا موجب واقعي جو تعميراتي سرگرمين سان لاڳاپو ناهي، جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته 30 نومبر 2025 جي رات ٽن ورهين جو ٻار ابراهيم کليل گٽر ۾ ڪري فوت ٿي ويو جيڪو وڏو ڏکائيندڙ واقعو آهي

بقايا 55 شيري رحمان

سستي تجديد جوڳي توانائي خاص ڪري سولر پاور جو رخ ڪيو آهي

بقايا 56 احتجاج

عادي انسان آهي جيڪو هر روز مون کي پنهنجن ٻارن سميت قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيندو رهي ٿو هن وڌيڪ چيو ته ظالم ڀاءُ گل بهار جي خلاف سڪرنڊ ۽ هالا ٿاڻي تي الڳ الڳ شڪايت درج ڪرائي آهي پر پوليس اڃا ڪا به ڪارروائي نه ڪئي آهي هن چيو ته سندس مڙس نذير هڪ ٽنگ کان معذور آهي جيڪو پني ٻچن جو پيٽ پالي ٿو هن ايس ايس پي مٽياري ڊي ايس پي هالا کان مطالبو ڪيو ته سندس ظالم ڀاءُ گل بهار خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آڻي کين انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي-

نوري آباد لڳ ڪار ڊرائيور جي ڪنٽرول مان ديوار سان ٽڪرائجڻ سبب ٻه ڄڻا فوت، 3 زخمي

دادا پاڻي جي امام بارگاهه جي سامهون حادثي ۾ 45 ورهين جي نصرت آرائين ٿلهي تي فوت ٿي وئي

زخمي نشرين، طيب، عقصم ۽ عدنان کي اسپتال نيو پي ويو ته عدنان زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

فوتين جا مڙهه ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيا ويا، زخمين کي حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

نوري آباد(ن ع)نوري آباد ويجهو ايم نائين موٽروي روڊ تي افسوسناڪ حادثي ۾ تيز رفتار ڪار ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري روڊ جي حفاظتي ديوار سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ عورت سميت ٻه

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٿاڻو بولاخان: جهيڙي ۾ زخمي ٿيلن کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

ٿاڻو بولاخان لڳ حملاڻي برادريءَ جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 7 ڄڻا زخمي

ڳوٺ ٻچو حملاڻي واسي ڌرين ۾ زميني تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو

زخمي ابراهيم، يعقوب، اسماعيل، پيارو، جبارو ۽ ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ٿاڻو بولاخان(ن ع) ٿاڻو بولاخان لڳ ڳوٺ ٻچو حملاڻي ويجهو زميني تڪرار تان حملاڻي برادريءَ جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٻنهي ڌرين جا 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا لڳڻ سبب هڪ ڌر جو پيارو حملاڻي پٽ ڪريم بخش، جبارو پٽ ڪريم بخش، علي شير پٽ سهراب، شير خان ڪريم

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

بدين: ڪيٽ روڊ علائقن ۾ گئس پائيپ لائن ۾ پاڻي داخل، شهري پريشان

اسڪول ۽ آفيس وڃڻ وارا ماڻهو ناشتي کان سواءِ هليا ويندا آهن: شهري

شهرين جو اعليٰ اختيارين کان فوري گئس فراهمي ۽ مستقل حل جو مطالبو

بدين شهر جي ڪيٽ روڊ تي (ڊ ر) بدين گئس پائيپ لائين ۾ پاڻي داخل ٿيڻ سبب گئس جي فراهمي معطل ٿي وئي، اطلاع باوجود مسئلو حل نه ٿي سگهيو ۽ گهريلو صارفين کي ڪاڌو پچائڻ سميت ٻين مسئلن ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي بدين شهر جي ڪيٽ روڊ ۽ ان. رهيو آهي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

راڌڻ ۾ ڪارخاني جو مزدور ڇت تي ڪم ڪندي هيٺ ڪري فوت

راڌڻ (ن ع) ڪجهه ڏينهن پهريان زرداري رائيس مل راڌڻ جي ٺيڪيدار سيٺ محمد جمن جوکيو جي ڪارخاني جو منشي الطاف حسين سولنگي ڪارخاني جي ڇت

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٺٽي لڳ هٿياربند جي فائرنگ ۾ 2 ڳوٺاڻا زخمي، اسپتال منتقل

ٺٽو (ڊ ر) ٺٽي لڳ پريوشيدي موري پرسان هٿياربند جي فائرنگ ۾ 2 ڳوٺاڻا زخمي،

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

شادي لارج لڳ ٽرالر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، نوجوان فوت، 3 ڄڻا زخمي

ٽرڪول هاءِ وي پير موٽ تي تيز رفتار ٽرالر جو موٽرسائيڪل سان زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ ڪاشف علي ڪمبوهه موقعي تي فوت، ٻن عورتن سميت ٻارڙي زخمي

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ۽ زخمين کي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، ٽرالر ڊرائيور موقعي تان فرار

شادي لارج(ن ع) شادي لارج ڀرواري ٽرڪول هائي وي جي مقتل گاهه بڻيل پير موڙ تي اندوهناڪ حادثو تيز رفتار ٽرالر هڪ خوبرو نوجوان کي اجل جو شڪار بڻائي پورهيت خاندان جو گهر اجاڙي ڇڏيو موٽر سائيڪل سوار نوجوان ڪاشف علي ڪمبوهه موقعي تي تڙپي تڙپي دم ڏنو ٻن عورتن سميت هڪ ٻارڙي زخمي.ٽريفڪ قائدن ۽ قانون

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

دادو: فوتي شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ٽنڊوالهيار ويجهو نوجوان ڦاهو ڪائي خودڪشي ڪري ڇڏي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو سلطان آباد ٿاڻي جي حد خواجه اسٽاپ پرسان ڳوٺ جاڻ هنگورو جي رهواسي 20 سالا دريا خان هنگورو وڻ سان رسو ٻڌي ڦاهو ڪائي مبينه خودڪشي ڪري ڇڏي اطلاع تي سلطان آباد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ڇڏيو جتي ضروري

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ معذورن پاران عالمي ڏهاڙي تي مطالبن جي مڃتا لاءِ ريلي

مظاهرين پنهل خان سانگي، اشفاق لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڪسيڪڙو نوڪرين ۾ ڪوٽا سميت جائز مسئلا حل ڪري ٻيهڻي دور ڪئي وڃي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ لاڙڪاڻو ايسوسيئيشن آف دي ڊيف طرفان معذورن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان مطالبن جي مڃتا لاءِ ميونسپل اسٽيڊيم لڳ قائم آفيس کان ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف روڊن رستن کان ٿيندي پريس ڪلب اڳيان پهچي جتي هنن هٿن ۾ بئنر ۽

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

پاڪستان ۾ غذائيت جو مسئلو اڃا تائين هڪ وڏو چئلينج آهي: ڊاڪٽر عذرا فضل

اسان جي اولين ترجيح بيمارين جي روڪٿام ۽ صحتمند زندگي جي واڌاري آهي

ٻن سالن دوران سنڌ ۾ غذائيت جي نظام کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ترقي ڪئي آهي

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ غذائيت جي موضوع تي يورپي يونين جو 6 ملين ڊالرن جو ٻن سالن جو منصوبو مڪمل ٿي چڪو آهي سنڌ جي سڀ کان وڌيڪ متاثر ضلعن سکر، ڪشمور، گهوٽڪي، خيرپور ۽ نو شهرن ۾ غذائيت سان لاڳاپيل منصوبي ۾ واضح پيش رفت ٿي آهي ۽ غذائيت

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

GPS KHAMISO KHAN BHATTI BADIN
بدين: ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان منعقد ڪيل تقريب ۾ ٻارڙا ٽيبلوز پيش ڪري رهيا آهن ٻي طرف اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

بدين پرائمري اسڪول ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب منعقد

تقريب ۾ شاگردياڻين شاعري، تقريرن ۽ پرفارمنس ۾ سنڌ جي مختلف روايتن کي پيش ڪيو

سنڌ جي سونهن سنڌي ماڻهن جي محبت، مهمان نوازي، سچائي ۾ سمايل آهي: شبانه ميمڻ

پرائمري اسڪول فردوس (ڊ ر) بدين ڪالوني ۾ ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويو هن موقعي تي ثقافتي تقريب کي خطاب ڪندي تعليمي آفيسر شبانه ميمڻ چيو ته سنڌ جي سونهن رلي اجرڪ ۽ ٽوپي ۾ نه پر سنڌي ماڻهن جي محبت، مهمان نوازي، سچائي ۽ لوڪ روايتن ۾ سمايل آهي.

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ فالس سلنگ جي ڇت ڪرڻ سبب صحافي اختر لغاري زخمي، اسپتال داخل

مورو (ن ع) مورو پريس ڪلب جي سينيئر صحافي ڪاوش مورو رپورٽر رياض حسين عالماڻي جي دڪان جي فارسلنگ جي ڇت ڪرڻ سبب سندس دڪان تي ويٺل سينيئر صحافي اختر لغاري زخمي ٿي پيو جنهن کي فوري مورو تعلقا اسپتال منتقل ڪيو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ فوڊ اٿارٽي ڪارروايون، ڪيترائي دڪان سيل ڪري گوشت تحويل ۾ ورتو

نيم گوليمار روڊ تي ضلعن ۽ دڪانن ۾ گوشت وڪرو ڪندڙ ٻن دڪانن تي ڇاپو هنيو

گوشت جا جزا وٺي ليبارٽري اماڻيا آهن، رپورٽ بعد وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي: عملدار

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ فوڊ اٿارٽي ۽ پوليس جي شڪارپور ڦاٽڪ سکر لڳ غير معياري گوشت وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪيترائي دوڪان سيل.گوشت تحويل۾ وٺي ليبارٽري موڪلي ڇڏيوان سلسلي ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي سکر ۽ سائيٽ ايريا ٿاڻي سکر پوليس گڏيل طور تي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

SINDH FOOD AUTHORITY
GFC FANS
سکر: فوڊ کاتي جا عملدار خراب گوشت کي ضبط ڪري رهيا آهن

سکر ۾ معذورن جي عالمي ڏينهن تي معذور اتحاد پاران احتجاجي مظاهرو

مظاهرين سيد ڪفايت الله شاهه، شاهنواز ڪنڌڙ طالب ملاح ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سنڌ حڪومت معذورن جي مدد ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪجهه به نه ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) معذور ماڻهن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي معذور اتحاد سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن جي سرپرستي هيٺ، وڏي تعداد ۾ معذور ماڻهن پنهنجي حقن لاءِ سکر پريس ڪلب جي سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري جي اڳواڻي چيئرمين مظهر اتحاد سيد ڪفايت الله

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

محرابپور صحافي آصف علي سيال پاران ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي

تقريب ۾ سيد جاني شاهه، عبدالرزاق لاشاري سميت سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي

راڳي فقير برڪت علي سمون قومي ۽ صوفياڻا گيت ڳائي محفل ۾ ويٺلن کي جهومائي ڇڏيو

محرابپور (ت ـ ر) محرابپور تعلقي جي قديم ڳوٺ مير محمد سيال ۾ هر سال جيان هن سال به نوشهروفيروز صحافي اتحاد يونٽ محرابپور جي صدر آصف علي سيال پاران ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ صحافين ۽ ڳوٺاڻن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، تقريب جو آغاز تلاوت

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سنڌي قوم ثقافتي ڏينهن تي دنيا جي ٻين قومن سان محبت جو اظهار ڪري ٿي:اياز پليجو

سنڌي ماڻهو امن پسند، ترقي پسند، روشن خيال، علم دوست ۽ رقص سان پيار ڪندڙ آهن

قدرتي وسيلن سان مالامال ڌرتي جا نوجوان خودڪشيون ڪن ٿا، بيروزگاري جو راڪاس زندگيون ڳڙڪائي پيو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جو سربراهه اياز لطيف پليجو سنڌ ايسوسيئيشن جاپان جي دعوت تي جاپان روانو سنڌ ايسوسيئيشن جاپان پاران 6 ڊسمبر تي ثقافتي ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي جنهن جو مهمان خاص قومي عوامي تحريڪ جو سربراهه اياز لطيف پليجو جن

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ثقافت جو ڏهاڙو اسان سڀني لاءِ عيد وانگر ڏهاڙو آهي: قمر جتوئي

اسان وچن ڪريون ٿا ته ڪارونجهرجبل جي مڪمل حفاظت ڪنداسين

سنڌ ۾ تعليم جي ڏيئي کي گهر گهر پهچائڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي

سنڌ ڌاري ڪاميٽي(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد ڊسمبر تي سنڌ جو ثقافتي ڏهاڙو 7 مرڪز پاران ڀرپورنموني سان ملهايو ويندو سنڌ ڌاري ۾ حيدرچوڪ " ڪاميٽي طرفان حيدرآباد تي مرڪزي ثقافتي ڪئمپ قائم ڪئي ويندي سنڌ ڌاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدرقمرحيدرجتوئي چيوآهي ته ثقافت

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

بي آر ٽي انتظاميا وضاحتي بيان جاري ڪري حادثي کان لاتعلقي ظاهر ڪري ڇڏي

ڪراچي(بيورو رپورٽ) نيپا چورنگي ۾ معصوم ٻار کليل گٽر ۾ فوت ٿيڻ بعد کي ايم سي جي رپورٽ تي بي آر ٽي ريڊ لائين پراجيڪٽ انتظاميا طرفان وضاحتي بيان جاري ڪيو ويو آهي بي آر

بقايا نمبر 54 ڏسو صفحو 5

DISABILITY INCLUSIVE SOCI
FOR ADV
OGRESS
اسلام آباد: معذورن جي عالمي ڏهاڙي مناسبت سان ٿيل تقريب ۾ ٽيبلوز پيش ڪيا پيا وڃن

لاڙڪاڻي ۾ واپاري جو بااثرن ۽ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي ڳوٺ نائچ واسي ان جي واپاري پنهنجي چاچي سان گڏجي رشيد وگڻ ٿاڻي جي حد ۾ مبينا ڦر ڦيل رقم موبائيل فون ۽ قومي سڃاڻپ ڪارڊ جي واپسيءَ لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ نوجوان واپاري عمران علي جتوئي پنهنجي چاچي بخت علي سان گڏجي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ سماجي تنظيم پاران معذورن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان تقريب منعقد

خيرپور ۾ سوشل ويلفيئر ۽ (ڊر)خيرپور سماجي تنظيم پاران معذورن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان مقامي هال ۾ تقريب ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر خاص مهمان طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو شاهه رخ مگنهار چيو ته معذورن جو عالمي ڏينهن

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي جي منشيات فروش پاڪ ڪتاب تي هٿ رکي وڪري کي الوداع ڪري ڇڏيو

پرياسٽي (ن ع) پرياروڊ واسي نوجوان قرآن پاڪ هٿ ۾ کڻي زيد ايڪيهه گهٽڪي کي الوداع ڪري ڇڏيو . پرياروڊ واسي قادر چانڊيو ميڊيا اڳيان قرآن پاڪ هٿ ۾ کڻندي چيو ته مان به سال اڳ زيد ايڪيهه جو ڌنڌو ڪندو هيس پر هاڻ مان ڪيسن مان ۽ انهي ڌنڌي مان بيزار ٿي ويو آهيان هن وقت عدالت

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: ٻه نوجوان موٽرسائيڪل تي ٽائرن جا خراب ٿيل ٽيوب کڻي وڃي رهيا آهن

هالا ۾ سڪرنڊ جي رهواسڻ جو پنهنجي وڏي ڀاءُ جي زيادتين خلاف احتجاج

سڪرنڊ شهر جي اصغر (ت ر) هالا ڪالوني جي رهواسڻ عورت مسمات شبانا زال نذير ملاح هالا پريس ڪلب پهچي جي زيادتين خلاف پنهنجي وڏي ڀاءُ صحافين آڏو احتجاج ڪندي چيو آهي ته هالا ۾ رهندڙ سندس ڀاءُ گل بهار ملاح مٽس ظلم ۽ تشدد جو نشانو بڻائي رهيو آهي هن ٻڌايو ته گل بهار ملاح نشي جو

بقايا نمبر 56 ڏسو صفحو 5

سنڌ گيس پرائيويٽ لميٽيڊ

عام اطلاع

هر عام ۽ خاص کي آگاهه ڪجي ٿو ته آئل گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) جي ليٽر مطابق ڊسمبر 2025 کان صارفين لاءِ LPG جي گيس جون قيمتون هي ٿي سگهن ٿيون لوڪل/ امپورٽ گيس صارفين جي لاءِ 11.8KG سلينڊر جي قيمت 2466.10روپيا مٿي ڄاڻايل قيمتون حيدرآباد، نوابشاهه، مٽلي، مورو، ڏگهڙي، ڪنري، سکر، جيڪب آباد، ڊيرا مراد جمالي، (بلوچستان)، سنڌ گيس پرائيويٽ لميٽيڊ ڊسٽريبيوٽرس کي پابند ڪري ٿي ته مٿي ڄاڻايل قيمتن تي LPG مهيا نه ٿي ته هيٺ ڄاڻايل فون نمبرن تي اطلاع ڪن مٿي ڄاڻايل قيمتون مارڪيٽ جي لاهن چاڙهن ۽ اوگرا قانون جي مناسبت سان تبديل ٿي سگهن ٿيون

مارڪيٽ سيلز ڊپارٽمينٽ: 03125903419، 03233762122

خيرپور نينگر ڪولاب جيئل مائينر ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

پير ترڪي پوڻ سبب 6 ورهين جو عثمان پٽ مومن کهڙو ٻڏي ويو

وارثن ڳولا بعد نينگر جو لاش ڪڍي گهر آندو ڪهرام مچي ويو

خيرپور(ڊر) خيرپور جي ڪولاب جيئل جي علائقي ۾ ڪولاب جيئل مائينر ۾ 6سالن جو نينگر محمد عثمان پٽ مومن علي کهڙو مائينر جي ڪپر تي راند ڪندي پير ترڪي پوڻ سبب مائينر اندر ڪري پاڻي ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو جنهن جي ڳولا وارثن پاران پنهنجي مدد پاڻ تحت نينگر جو لاش

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڏکين حالتن باوجود معذور ٻارن جي ڪاميابين تي دل خوش ٿي آهي: ڊي سي سانگهڙ

معذورن کي تعليم، تربيت جا موقعا فراهم ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي

سانگهڙ (ڊ ر) سانگهڙ ۾ معذورن جي عالمي ڏينهن جي سلسلي ۾ ايگريڪلچر رورل ڊولپمينٽ ۽ اسپيشل ايجوڪيشن پاران سانگهڙ ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ معذور ٻارن ۽ اسپيشل نوجوانن جي صلاحيتن کي ساراهيو ويو ۽ انهن جي حوصلا افزائي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سانگهڙ: معذورن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان تقريب کي ڊپٽي ڪمشنر سارا جاويد خطاب ڪري رهي آهي

مانجهند لڳ ڪار ۽ ويگو ۾ ٽڪر سبب 5 ڄڻا زخمي، گاڏي مان منشيات هٿ

ٽوڙي ڦاٽڪ وٽ حادثي ۾ زخمين کي پوليس ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

ڪار مان منشيات هٿ اچڻ تي زخمي احسان، وقار ۽ شان ملڪ کي گرفتار ڪيو ويو

مانجهند (ن ع) مانجهند پرسان ٽوڙي ڦاٽڪ انڊس هاءِ وي تي تيز رفتار ڪار ۽ سامهون ايندڙ ويگو ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 3 ڪار سوار احسان ملڪ وقار ملڪ ۽ شان ملڪ ۽ 2 ويگو سوار زخمي ٿي پيا زخمين کي تعلقه اسپتال مانجهند منتقل ڪيو ويو جڏهن ته پوليس کي حادثي جو شڪار ڪار

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران ٻن مقابلن ڌاڙيلن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي

ٽنڊو مستي لڳ عزير ميتلو عبدالعليم رند ۽ قربان شنباڻي کي گرفتار ڪيو: پوليس

نيڙي ۾ مقابلي بعد عبدالرحمان جاگيراڻي کي گرفتار ڪري هٿيار ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي

خيرپور(ڊر) پهريون مقابلو ٿيڙي ۾ ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ ڌاڙيل عبدالرحمان جاگيراڻي ويٺل ضلعو سکر شديد زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جنهن جي قبضي مان هڪ پسٽل برآمد ڪيو ويو جڏهن ته ٻيو پوليس مقابلو ٽنڊومستي روڊ تي ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ ڌاڙيل عزير ميتلو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي ناز هاءِ اسڪول ۾ ثقافتي ڏهاڙي حوالي سان تقريب منعقد

تقريب ۾ ڊي او مختيار سولنگي، خليل احمد ڦل، گل حسن ڦلپوٽو ٻين شرڪت ڪئي

زنده قومون پنهنجي ثقافت ۽ ٻولي کي زنده رکڻ لاءِ اهڙا ڏينهن ملهائينديون آهن: مقرر

خيرپور(ڊر)خيرپور جي تاريخي ناز هاءِ اسڪول ۾ سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب ڪوٺائي وئي جنهن جو خاص مهمان ڊي او مختيار احمد سولنگي، خليل احمد ڦل ۽گل حسن ڦلپوٽو هئا جن چيو ته سنڌ ثقافتي ڏينهن اسان جي لاءِ عيد جو ڏينهن آهي هوئڻ به زنده قومون پنهنجي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

دادو: ضمانت رد ٿيڻ تي نوجوان جو ڀاءُ کي دل جو دورو پوڻ سبب فوت

فوتي جي سڃاڻپ جوهي واسي عبدالواحد سومرو طور ٿي، لاش وارثن حوالي

فوتي عدالت ۾ پنهنجي ڀاءُ فيض محمد سومرو جي ضمانت ٻڌڻ لاءِ آيو هو

دادو(ڊ-ر) فورٿ ايڊيشنل سيشن جج دادو جي عدالت ۾ ضمانت لاءِ آيل شخص جي ضمانت رد ٿيڻ بعد صدمي ۾ سندس نوجوان ڀاءُ دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو نوجوان کي سول اسپتال ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو ويو جتي ڊيوٽي ڊاڪٽر پاران نوجوان جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

مورو: ڪري پيل ڇت جا چاپڙ ۽ ٿيل نقصان جو ڏيک

جيڪب آباد ۾ شير محمد مغيري جي تعاون سان 3 ڏينهن لاءِ اکين جو مفت ميڊيڪل ڪئمپ

ميڊيڪل ڪئمپ ۾ 8 هزار کان وڌيڪ مريضن جي چڪاس، 1 هزار اکين جا مفت آپريشن ڪيا ويا

سماجي ڀلائي وارو ڪم آهي ايم پي اي شير محمد مغيري سميت اسين به ان خير جي ڪم ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي: ڊاڪٽر ابرار ڌنيو

اسين غريب آهيون نجي ميڊيڪل سينٽرن تان علاج ڪرائڻ جيتري سگهه نه هجڻ ڪري تڪليفن سان منهن پيا ڏيون:مريض

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد مان چونڊيل پي پي ايم پي اي شير محمد مغيري جي تعاون سان دي سوسائيٽي فار دي پريوينشن اينڊ ڪيور آف بلائينڊنس پاران 3 ڏينهن لاءِ اکين جي مفت علاج لاءِ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

جاتي پرسان درگاهه حضرت اسماعيل شاهه بخاري جو عرس شروع

حاجي شوڪت ملڪاڻي درگاهه تي حاضري ڀري مزار تي چادر چاڙهي دعا گهري

گرائونڊ ۾ ڪوڏي ڪوڏي راند جا مقابلا، رانديگرن جي حوصلا افزائي لاءِ انعام پڻ ورهايا ويا

جاتي(رپورٽ: شڪيل رزاق لوهار) جاتي شهر پرسان درگاهه حضرت اسماعيل شاهه بخاري ڳنڍي وارو جي ساليانو عرس جون رسمون وڏي عقيدت ۽ احترام سان شروع ٿي ويون آهن عرس جي افتتاحي ڏينهن سياسي، سماجي ۽ معزز شخصيتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري حاضري ڀري ان

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

راهوڪي لڳ هارين جي گهرن کي باهه، 13 گهر سڙي رک

عبدالله راهو جي زمين تي ويٺل هارين جي بستي کي اوچتو باهه لڳي

باهه لڳڻ سبب هنڌ، بسترا، 200 ايڪڙن کان وڌيڪ پلال پڻ سڙي خاڪ ٿي ويو

گولاڙچي/ ڪڙيوگهنور (نمائندن وٽان) راهوڪي لڳ هارين جي گهرن ۾ اوچتي باهه ڪولهي برادري جا 13 گهر ۽ 200 ايڪڙن کان وڌيڪ پلال تباهه گولاڙچي تعلقي جي علائقي راهوڪي لڳ هارين جي گهرن ۾ اوچتو باهه لڳڻ سبب وڏو مالي نقصان پيش آيو آهي واقعو عبدالله راهو

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي/ ڪڙيوگهنور: باهه لڳڻ سبب ٿيل تباهي جو ڏيک

ڏگهڙي ۾ خانگي اسڪول ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب منعقد

تقريب ۾ اسڪول جي ٻارن ٽيبلوز خاڪا ۽ تقريرون پيش ڪيون، سنڌ گانن تي رقص

سنڌي تهذيب جي پراڻي تاريخ آهي هي وقت هڪ ٿيڻ جو آهي: مقرر

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ۾ سنڌي ميڊيا جي ڏنل سڏ تي 7ڊسمبر تي ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ جي لاءِ شهر جي خانگي اسڪول سينٽرو مونٽيسري ۾ ثقافتي تقريب ڪوٺائي وئي تقريب ۾ اسڪول جي ٻارن ٽيبلوز خاڪا ۽ تقريرون پيش ڪيون جڏهن ته گيتن ۽ شاعري ذريعي سنڌ جي ثقافت ۽

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ٿرپارڪر پرامن ضلعو آهي، وڌيڪ پرامن برقرار رکڻ سڀني جو گڏيل فرض آهي:ڊي سي

غلط افواهه ڦهلائيندڙ امن امان صورتحال خراب ڪندڙ ماڻهن تي نظر رکڻ جي ضرورت آهي

امن ۽ ڀائيچاري لاءِ ميڊيا، مذهبي پريس ڪلبن سميت سيمينار ۽ ڪلي ڪچهري جا پروگرام رکيا ويندا

مٺي (ڊ-ر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر جي صدارت ۾ امن امان جي صورتحال بابت گڏجاڻي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي صدارت هيٺ NPVE/ CVEپاليسي تحت امن امان جي جي حوالي سان گڏجاڻي ٿي گذري، ان موقعي تي ايس ايس پي ٿرپارڪر محمد شعيب

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

دوڙ هائير سيڪنڊري ۽ ڊگري ڪاليج جي شاگردن جو احتجاج رنگ لاٿو

بورڊ جاري ڪيل پڙهائي تبديل ڪري نئين رزلٽ جاري ڪري ڇڏي

شاگردن مختيار چانڊيو، شهريار ڪلهوڙو ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو مٺائي تقسيم ڪئي وئي

دوڙ(ن ع) دوڙ هائير سيڪنڊري ۽ ڊگري ڪاليج جي شاگردن جي احتجاج رنگ لاٿو شاگردن جي احتجاج جون خبرون پريس ڪلب دوڙ جي صحافين پاران هلائڻ ڪانپوءِ بينظير آباد بورڊ پاران جاري ڪيل پڙهائي تبديل ڪري نئين رزلٽ جاري ڪري ڇڏي اهڙي عمل تي شاگردن مختيار علي چانڊيو

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ملڪ ۾ روف ٽاپ سولر انقلابي رفتار سان وڌي رهيو آهي: شيري رحمان

پاڪستان سستي تجديد جوڳي توانائي خاص ڪري سولر پاور جو رخ ڪيو آهي

اسان وٽ ڀري اربن علائقا آهن جتي وڏي پئماني تي ڳوٺن جي شڪل اختيار ڪري رهيا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلزپارٽي جي نائب صدر ۽ سينيٽ جي موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرپرسن سينيٽر شيري رحمان چيو آهي ته پاڪستان

بقايا نمبر 55 ڏسو صفحو 5

سانگهڙ ويجهو ٽرڪ ۽ رڪشا ۾ خوفناڪ ٽڪر سبب ٻه فوت، عورتن ۽ ٻارن سميت 9 زخمي

حيدرآباد روڊ تي پيش آيل حادثي ۾ رشيون ولد جگو ۽ شمون مسيح ولد مکها ٿلهي تي دم ڏئي ڇڏيو

حادثي ۾ زخمي علي نواز، معشوق، آتم ڀيل ۽ ٻين کي سول اسپتال آندو ويو جتان کين نوابشاهه ريفر ڪيو ويو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيا آهن، ٽرڪ ڊرائيور خلاف قانوني ڪارروائي شروع ڪئي آهي: پوليس

سانگهڙ (رپورٽ: اميربخش ٻڏي) سانگهڙ ويجهو حيدرآباد روڊ تي جهول ٿاڻي جي حد ۾ ٽرڪ ۽ رڪشا ۾ خوفناڪ ٽڪر پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ساڻهو واقعي واري هنڌ تي ئي فوت ٿي ويا، هڪ عورت

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: نامور قانوندان ٻي ڪي شاهاڻي جي ورسي جي موقعي تي دعا گهري پئي وڃي

مورو ۾ ڳوٺاڻن جو گئس جي لوڊشيڊنگ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ مناهين واسين عاشق راهوجو، ذيشان سولنگي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

جيڪڏهن گئس سپلاءِ جلد بحال نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

مورو(ن ع) مورو ويجهو ڳوٺ مناهين جي رهواسين عاشق راهوجو، ذيشان سولنگي، وڏيرو عبدالباقي سولنگي، عبدالغفار سولنگي، عبدالڪلاش ضمير حسين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مورو پريس ڪلب جي سامهون مورو ۽ ان جي آس پاس جي علائقن ۾ گئس جي شديد لوڊشيڊنگ

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سکر واسي جو مبينا زال ٻار جي اغوا خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

دوست روزگار لاءِ سکر گهرائي زال اقرا ۽ پٽ علي رضا کي نيڏ ڪيو آهي: اعظم ڀٽي

اعليٰ عملدار نوٽيس وٺي زال ۽ پٽ کي باحفاظت بازياب ڪرائي انصاف ڪن

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي گوليمار روڊ بلال ڪالوني ۾ رهندڙ اعظم علي ڀٽي سکر پريس ڪلب جي سامهون احتجاج ڪندي ٻڌايو ته هو پنهنجي خاندان سميت اڳ ۾ ڪراچي قائد آباد ۾ رهائش ۽ روزگار ڪندو هو تقريباً ڏيڍ مهينو اڳ سندس دوست صابر حسين پٽي ڪيس روزگار لاءِ

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ 14 سالن جي نياڻي جو چاچن جي ظلمن خلاف احتجاج

ماءُ ۽ پيءُ فوت ٿي چڪا آهن، چاچا مون تي تشدد ڪندا آهن:افسانه لنڊ

چاچي 50 رپيا ڏئي وين ۾ چاڙهي هليو ويو، مون کي پناهه ڏني وڃي

دادو جي سچي مارڪيٽ جي (ر-د)دادو سالا يتيم نياڻي افسانه ڌيءُ 14 رهواسڻ سجاد لنڊ جوهي شهر ڏاهري محلي ۾ روئيندي ٻڌايو ته منهنجو ماءُ ۽ پيءُ فوت ٿي ويا آهن هن نياڻي الزام هڻندي چيو ته چاچا پنهنجن ٻچن کي قريب ڏيندا هئا ۽ مون تي تشدد ڪندا هئا، صبح جو سونڪي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي لڳ وڪيل کان ڦر ڪوشش، مزاحمت بعد 3 جوابدار سوگها، احتجاج

هٿياربندن وڪيل سعادت لنجار کان ڦرجي ڪوشش ڪئي، دانهن تي ڳوٺاڻا پهچي ويا

جوابدار کي سوگهو ڪري پوليس حوالي ڪيو، ڪيس داخل نه ڪرڻ تان وڪيلن جو احتجاج

پرياسٽي .(ن ع) پرياسٽي تعلقي بار پرياسٽي جي وڪيل ايڊووڪيٽ سعادت لنجار کان مبينا ڦر جي ڪوشش دانهن تي ڳوٺاڻا پهچي ويا ۽ جوابدار ڪار سميت پرياسٽي پوليس حوالي اهڙي اطلاع تي وڪيل برادري جا ماڻهو پرياسٽي ٿاڻي تي پهچي ويا ان سلسلي ۾ ايڊووڪيٽ شير

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر ۽ ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف آئين ڏينهن به بڪ هڙتال جاري

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر سجاڳ فورم جي اڳواڻ الهرکيو ڪوسو غلام مصطفيٰ دل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائي لاءِ سنڌ حڪومت طرفان آئيني عدالت ۾ داخل پٽيشن خلاف ننگرپارڪر ۾ آئين ڏينهن به

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سامارو ۾ لڳ موٽر سائيڪل ۽ شهزور ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو زخمي

سامارو(ن ع) سامارو شهر ۾ شاهه لطيف چوڪ تي موٽر سائيڪل ۽ شهزور ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ سامارو لڳ ڳوٺ چوڌري خالد مجيد آرائين جو رهواسي 16 سالا ونيش ولد مولچند ڪولهي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي شهرين تعلقه اسپتال سامارو آندو ويو جتي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

هندو برادري جو روحاني پيشوا مهاراج لڌا رام لاڏاڻو ڪري ويو

ڪنڌياري(ن ع) هندو برادري جو روحاني پيشوا ۽ صوفي فقير سدا رام ساڌ جو گادي نشين صوفي فقير مهاراج لڌا رام گذريل ڏينهن ديهانت

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڪپرو لڳ ڪدڙي فقير سان مبينا 5 جوابدارن پاران اجتماعي زيادتي، ڪيس داخل

هٿونگرو ۾ بس جي عملي ۽ هوٽل مالڪ سميت 5 ڄڻن ٻهاني سان گهرائي اجتماعي زيادتي ڪئي: صائمه راجپوت

ڏانهن تي پوليس سڪندر ناريجو، ڀاڏو بروهي، ۽ هڪ اڻڄاتل خلاف ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي

ڪپرو (ن ع) ڪپرو لڳ هٿونگرو ۾ بس جي عملي ۽ هوٽل مالڪ سميت 5 ڄڻن ٻهاني سان پاڻ گهرائي حيدرآباد واسي ڪدڙي فقير شاهد عرف صائما راجپوت کي اجتماعي ڏاڍائي جو نشانو بڻايو ڪپرو پوليس ڏانهن

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

UKUN
Awaren
ٽنڊو الهيار: معذورن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

سامارو: صحافي لعل بخش خاصخيلي جي والده وفات ڪري وئي

جنازي نماز ۾ پي پي اڳواڻن، مقامي سياسي ۽ سماجي شخصيتن جي شرڪت

مڙهه کي سوين ماڻهن جي موجودگي ۾ مراد شاهه نمبرسڻان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

سامارو (ن ع) سامارو پريس ڪلب جي سينئر صحافي لعل بخش خاصخيلي کي اي او سامارو محمد ابراهيم خاصخيلي سنڌ پوليس اهلڪار ارشد خاصخيلي جي والده لاڏاڻو ڪري وئي سندس نماز جنازي ۾ پ پ پ اڳواڻ سيد ذوالفقار علي شاهه جي فرزند سيد ڪرم حسين شاهه سي ايم او

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ اسپيشل ٻارڙن جي عالمي ڏينهن حوالي سان جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ۾ اسپيشل ٻارڙن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي انهن کي بااختيار بڻائڻ واري ڪاتي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

دڙي لڳ پراڻي دشمني تڪرار تان ڳوٺاڻي جو منهن ۾ گولي لڳل لاش هٿ

لاڪٿپور شهر ڳوٺ صالح محمد مگسي پرسان شاهنواز چانڊيو جو لاش هٿ آيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، چانڊيا برادري جا سوين پڻ پهتا

امڪاني رتوڇاڻ کي منهن ڏيڻ لاءِ سجاول ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس طلب ڪئي وئي

دڙو (رپورٽ: اعجاز اختر ميمڻ) دڙي لڳ لاڪٿپور شهر پرسان ابڙال واسي ڳوٺاڻو منهن ۾ گولي هڻي بيدردي سان قتل لاش هٿ، امڪاني رتوڇاڻ کي منهن ڏيڻ لاءِ ضلعي جي مختلف ٿاڻن کان 8 پوليس موبائيلون

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

دڙو: قتل ٿي ويل شخص جو لاش سوزوڪي پڪ اپ ۾ پيل آهي

ٽنڊوالهيار: تيل ڪمپني زمين مالڪن ڳالهين لاءِ گهرائي ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو 9 گرفتار

زمين مالڪن ۽ تيل ڪمپني جي ڳالهين ۾ ناڪامي بعد ڪمپني زمين مالڪن تي ڪيس داخل ڪرايو

پوليس محمود، شعيب، عمير، جنيد، غلام مصطفيٰ سميت 9 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي عمر ساند ٿاڻي جي حد ۾ تيل ڪمپني جو ڪارنامو. زمين مالڪن کي ڳالهين لاءِ گهرائي ڪيس داخل ڪيو ويو. 9 ڄڻا گرفتار خبر موجب ٽنڊوالهيار ويجهو ڳوٺ محمد سينهڙو جي زرعي زمين جي مالڪن کي UEPتيل ڪمپني جي آفيسرن ڳالهين لاءِ

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

ڪي اين شاهه خبرون هلائڻ تي بئنڪ مئنيجر صحافي تي ڏمرجي پيو

سنڌ بئنڪ جي گارڊ جو صحافي عاشق علي ڪوسو مٿان حملو، صحافي بيهوش

صحافين جو واقعي خلاف هنگامي اجلاس، برانچ مئنيجر ٽن ڏينهن ۾ بدلي ڪرڻ جو الٽيميٽم

خيرپور ناٿن شاهه(ن ع) ڪجهه ڏينهن اڳ سنڌ بئنڪ مئنيجر عصمت الله پلو ۽ سندس عملي پاران ٻوڏ متاثرين جون خبرون هلائڻ بعد سنڌ بئنڪ جو مئنيجر صحافين مٿان ڏمرجي پيو جنهن بعد خيرپور ناٿن شاهه پريس ڪلب جو ميمبر عاشق حسين ڪوسو بئنڪ مئنيجرسان ملاقات ڪئي

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

اسلاميه سائنس ڪاليج سکر ۾ رانديون جي هفتي جي افتتاحي تقريب

پرنسپل، استادن ۽ فيڪلٽي ميمبرن پڻ مختلف رانديون ۾ حصو ورتو

رانديون نوجوان نسل جي جسماني ۽ ذهني ترقي لاءِ تمام ضروري آهن: پرنسپل

سکر (بيورو رپورٽ) سرڪاري اسلاميه سائنس ڪاليج سکر ۾ اڄ رانديون جي هفتي جي افتتاحي تقريب شاندار ۽ منظم انداز ۾ منعقد ڪئي وئي تقريب جو افتتاح پرنسپل پروفيسر ڊاڪٽر شفيق احمد رند جي نگراني ۾ ڪيو ويو جن تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته رانديون نوجوان نسل جي

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

محرابپور ۾ چورن کي موٽر سائيڪل چورائيندي شهرين سوگهو ڪري ورتو

هونڊا شوروم پرسان چابي چور فياض ۽ مهتاب کي پڪڙي پوليس حوالي ڪيو ويو

محرابپور (ت-ر) محرابپور ۾ هالاڻي روڊ تان هونڊا شوروم پرسان شهرين ٻن چابي چورن کي موٽر سائيڪل چورائيندي سوگهو ڪري ورتو جن کي دهل ۽ ڏونڪن سميت محرابپور پوليس حوالي ڪيو ويو جڏهن ته سوگهو ڪيل چابي چورن پنهنجي سڃاڻپ فياض مگنهار ويٺل ٻوڙدار وڏا ۽ مهتاب

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

27هين ترميم گذري ڪونهي وري 28 هين ترميم جي ڳالهه ٿي پئي: مرتضيٰ جتوئي

اسيمبلين ۾ جيڪي قانون سازي ٿي رهيو آهن اهي عوام جي مفاد ۾ ناهن: صفدر علي عباسي

بلوچستان ۽ فرنٽيئر هجي ملڪ جون حالتون ٺيڪ ناهن، الله هن ملڪ تي رحم ڪري

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) جي ڊي اي جي مرڪزي اڳواڻ ۽ نيشنل پيپلز پارٽي جي سربراهه غلام مرتضيٰ جتوئي ڏوڪري ۽ باڊهه ٿاڻن تي داخل ڪيسن جي سلسلي ۾ پنهنجي وڪيلن سان گڏجي لاڙڪاڻي جي فرسٽ ايڊيشنل اينڊ سيشن جج جي عدالت ۾ پيش ٿيو ٻڌڻي دوران جاچ آفيسر عدالت

بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

سکر: انتظاميه جي لاپرواهي سبب شهر ۾ گند جا ڍير پيل آهن

مورو پوليس صحافي جي ڀاءُ ۽ شهري جي چوري ٿيل موٽرسائيڪلون هٿ ڪري مالڪن حوالي ڪيون

مورو (ن ع)مورو ٿاڻي جي حد مان مورو جي نوجوان صحافي طالب حسين ڪوسو کان ڀاءُ ۽ شهري وحيد علي ڏاهري جي چوري ٿيل موٽر سائيڪلون ايس ايچ او مورو علي اڪبر کوکر هٿ ڪري اصل مالڪن حوالي ڪري ڇڏيون موٽر

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

سکر شهرانتظاميا جي لاپرواهي سبب گندگي جي ڍير ۾ تبديل، رهواسين پاران نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

سکر(بيورو رپورٽ) صفائي جي ناڪارا انتظامن ۾ ڪا به بهتري نه اچي سگهي آهي جڏهن ته گندگي جا ڍير شهرين جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏيو آهي. شهري ۽ علائقي واسڻ سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن جڏهن ته سماجي حلقن ۾

بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 5

سکر س ا س پاران بيدل مسرور جي گهرواري جي لاڏاڻي تي تعزيتي ميڙاڪو لفظن جي ڀيٽا پيش

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ جي ناليواري قومي ڪلاڪار ليکڪ شاعر ۽ اديب سائين بيدل مسرور جي گهر واري بيبا مسرور جي وڇوڙي تي سنڌي ادبي سنگت سنڌ ڏک جو اظهار ڪندي ٽي ڏينهن سوگ ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي سنڌي ادبي سنگت

بقايا نمبر 51 ڏسو صفحو 5

سکر جي هندو برادري پاران مُکي ايشور لال جي سرپرست اعليٰ چونڊجڻ جي خوشي ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي ڌرم شالا ۾ هندو برادري پاران هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن جو مقصد مُکي ايشور لال کي سنڌ هندو پنچائت جي سرپرست اعليٰ چونڊجڻ تي خراج تحسين پيش ڪرڻ هو مختلف شهرن مان معززين، سماجي

بقايا نمبر 52 ڏسو صفحو 5

محرابپور: شهرين هٿان سوگها ڪيل جوابدار

ڪنڌياري واسي پورهيت بيماري سبب بستري پيل، چونڊيل نمائندن ۽ سرندي وارن کي علاج لاءِ اپيل

ڪنڌياري (ن ع) ڪنڌياري جو رهاڪو ڊرائيور گل شير منگنهار سخت ڳوڙن جي بيماري ۾ مبتلا هئڻ سبب روزگار ڪرڻ کان لاچار جنهن ڪري گهر جو گذر سفر مشڪل بيماري جي شدت ۽ مالي تنگي سبب گل شير منگنهار ڪنڌياري پريس

بقايا نمبر 53 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.